ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 08 جنوري 2026 ع 18 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (146)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

صدر آصف زرداري، نوازشريف ۽ وزيراعظم جي مشاورت سان حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي جوڙڻ جي تجويز پيش

ڳالهين لاءِ سياسي ڪارڪن آزاد ۽ ڪيس ختم ڪيا وڃن: نيشنل ڊائيلاگ ڪميٽي ڪانفرنس

اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي، لياقت بلوچ، شير افضل مروت، بئريسٽر سيف، عمران اسماعيل ۽ شهزاد وسيم شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن ۾ مختلف معاملن تي ڳالهيون

سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ فوري طور اپوزيشن ليڊر جي مقرري ڪئي وڃي، سياسي ڪارڪنن جي آزادي ڪانپوءِ حڪومت تي اعتماد وڌندو، ميڊيا تي سينسرشپ ختم ڪئي وڃي: ڪانفرنس جي پڌرائي

سياستدانن مٿان ڪيس ختم ڪيا وڃن. نيشنل ڊائيلاگ ۾ ڳالهه ٻولهه وارو عمل جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو، نيشنل ڊائيلاگ ڪميٽي جو ايندڙ اجلاس ملتان ۾ ٿيندو: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد ۾ نيشنل ڊائيلاگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ صدر آصف علي زرداري، مسلم ليگ نون جي صدر نواز شريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي مشاورت سان حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي جوڙڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي آهي اسلام آباد ۾ نيشنل ڊائيلاگ ڪميٽي جي انتظام هيٺ قومي ڊائيلاگ ڪميٽي جو اجلاس سڏايو ويو جنهن ۾ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي، جماعت اسلامي جي لياقت بلوچ، شير افضل مروت، بئريسٽر سيف، عمران بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

National Dialogue Committee
WELCOMES
THE DISTINGUISHED GUESTS
اسلام آباد: قومي ڊائلاگ ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ مختلف سياسي اڳواڻ شريڪ آهن

نيپال ۾ مسجد تي حملي خلاف احتجاج، ڪرفيو لاڳو

صورتحال کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ ضلعي انتظاميه ڪرفيو لاڳو ڪيو

سيڪيورٽي فورسز کي خلاف ورزي ڪندڙن کي گولي هڻي مارڻ جو حڪم

ڪٺمنڊو (اي پي پي) نيپال جي شهر بير بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران وينزويلا کان روس، چين، ايران ۽ ڪيوبا سان ناتا ختم ڪرڻ جو مطالبو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا وينزويلا کي روس، چين، ايران ۽ ڪيوبا سان ناتا ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا جي حوالي سان پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو ته آمريڪا مطالبو ڪيو آهي ته وينزويلا خام بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ننڍي ۽ وچولي ڪاروبار ۽ زرعي قرض آسان بڻائڻ لاءِ فوري طور قدم کڻڻ جي هدايت

ڪمرشل بئنڪن پاران ننڍي ۽ وچولي پئماني جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي کي قرض جي فراهمي جي طريقيڪار کي وڌيڪ آسان بڻائڻ جي لاءِ قدم کنيا وڃن: اسٽيٽ بئنڪ کي هدايت

خاص معاون هارون اختر سميڊا جي ٽيم سان گڏ گلگت بلتستان ۽ ڪشمير سميت سمورن صوبن جو دورو ڪري ۽ ننڍي ۽ وچولي پئماني جي ڪاروبار جي سهولت لاءِ صوبن سان گڏجي جامع پاليسي جوڙي: وزيراعظم

ترقي يافته ملڪن ۾ ايس ايم ايز معيشت ۽ صنعتي شعبي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا. نوجوانن کي انٽرپرينيورشپ جي تربيت ڏني وڃي ته جيئن نوان ڪاروبار شروع ٿين ۽ ملڪ ترقي ڪري

روانگي واپار تي ٻڌل ترقياتي هدف حاصل ڪرڻ اسان جي ترجيح آهي. برآمد ڪندڙن کي سهولتن جي فراهمي جي حوالي سان ادارجاتي سطحن تي ڪم تيز ڪيو وڃي، ڪا به ڪوتاهي قبول نه ڪئي ويندي

چانورن جي برآمدات ۾ اضافي جي حوالي سان رائيس ايڪسپورٽرز ايسوسيئيشن سان گڏجي حڪمت عملي جوڙي وڃي. ڪيترن ئي ملڪن سان معاهدن لاءِ ڳالهيون جاري آهن: اجلاس ۾ وزيراعظم کي بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسٽيٽ بئنڪ کي هدايت ڪئي آهي ته ڪمرشل بئنڪن پاران ننڍي ۽ وچولي پئماني جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي کي قرض جي فراهمي جي طريقيڪار کي وڌيڪ آسان بڻائڻ جي لاءِ قدم کنيا وڃن هو ڪالهه اربع ڏينهن پنهنجي صدارت ۾ ننڍي ۽ وچولي پئماني جي نئين ڪاروبار ۽ ننڍي آبادگارن کي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

مالياتي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ نئين ٽيڪنالاجي جو جائزو وٺون پيا: ناڻي وزير

ناڻي واري وزير سان سجواني بزنس گروپ جي وفد جي ملاقات، ڊجيٽل فنانس ۽ اڀرندڙ ٽيڪنالاجي ۾ تعاون تي ڳالهيون

پاڪستان کي شفافيت، ڪارڪردگي، سيڙپڪارن جي ڀروسي ۽ مالي شموليت ۾ بهتري آڻڻ ۾ مدد ڏئي سگهون ٿا: وفد

پاڪستان پنهنجي مالياتي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ نئين ٽيڪنالاجيز جي جائزي خاطر معتبر عالمي حصيدارن سان فعال رابطي ۾ آهي: ناڻي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي مالياتي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ نئين ٽيڪنالاجي جي جائزي خاطر معتبر عالمي حصيدارن سان فعال طور تي رابطي ۾ آهي هن اها ڳالهه گذريل ڏينهن هتي سجواني بزنس گروپ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان ڊاماڪ گروپ جي شريڪ ايم ڊي ۽ پروپيڪر جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ڊاماڪ گروپ جي شريڪ مئنيجنگ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعلى ڪي پي ڪي سياسي دوري تي ڪراچي پهچندو

ڪابينا وفد سنڌ جي ٽن ڏينهن جي دوري تي سياسي جمعي ڏينهن ڪراچي پهچندو

صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه ڪي پي ڪي جي ڪابينا جي ميمبرن جي آجيان ڪندو

سهيل آفريدي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻن سان پڻ ملاقاتون ڪندو

ڄامشورو ۾ ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي سندس آجيان ڪندو، هڪ اجتماع کي پڻ خطاب ڪندو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وزيراعلى ڪي پي ڪي سهيل آفريدي پنهنجي ڪابينا ۾ شامل ٻين وزيرن سان گڏجي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ زرعي شعبي ۽ ننڍين ڪاروبارن کي قرض ڏيڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

گهرو وزير جي بيجنگ ۾ چين جي هم منصب سان ملاقات

ٻه طرفن لاڳاپن، دهشتگرديءَ جي خاتمي بابت گڏيل قدمن تي ڳالهيون

چيني شهرين ۽ گڏيل مفادن جي منصوبن جو تحفظ پهرين ترجيح آهي: محسن نقوي

بيجنگ (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ڪالهه بيجنگ ۾ چين جي هم منصب وانگ ژاو هونگ سان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر پاران وينزويلا مان 30 کان 50 ملين بيرل تيل جلد آمريڪا منتقل ڪرڻ جو اعلان

وينزويلا کان اهو تيل ان کي ذخيرو ڪندڙ جهازن ذريعي سڌو ريٽ آمريڪا آندو ويندو: آمريڪي صدر

آمريڪي تيل ڪمپنيون وينزويلا جي زوال پذير بنيادي ڍانچي جي نئين سر تعمير ۽ سيڙپڪاري لاءِ تيار آهن

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته وينزويلا مان 30 کان 50 ملين بيرل تيل جلد آمريڪا منتقل ڪيو ويندو ان تيل کي مارڪيٽ ريٽ تي وڪرو ڪيو ويندو ۽ هو ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته ان رقم جو استعمال وينزويلا ۽ آمريڪا جي ماڻهن کي فائدو پهچائڻ لاءِ ڪيو ويندو پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آمريڪن بزنس ڪائونسل جو وفد واپاري واري وفاقي وزير جام ڪمال سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پاران پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ميان منظور وٽو جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ميان منظور وٽو جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ سندس رهائشگاهه ويو سينيٽ چيئرمين مرحوم جي وارثن سان گهري ڏک بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي اسٽريٽجڪ بيهڪ غير معمولي آهي: قيصر شيخ

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپاري ۽ معاشي ناتا نئين رُخ ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن

ملڪ ۾ بزنس فيسليٽيشن سينٽر سيڙپڪارن کي ون ونڊو حل فراهم ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته پاڪستان جي اسٽريٽجڪ بيهڪ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وينزويلا ۾ اسان جي جائز مفادن جو تحفظ لازمي ڪرڻ گهرجي: چين

چين وينزويلا خلاف آمريڪا طرفان ڪيل فوجي ڪارروائي جي مذمت ڪري ٿو

بيجنگ (اي پي پي) چين زور ڀريو آهي ته وينزويلا ۾ چين سميت ٻين ملڪن جي جائز حقن ۽ مفادن جو تحفظ لازمي ڪرڻ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ سان ڳالهين لاءِ ڪو رابطو نه ٿي سگهيو

اسان جا اتحادي واضح طور تي ڳالهين جي حق ۾ آهن: طارق فضل

حڪومت سان ڳالهين لاءِ پي ٽي آءِ کي سنجيدگي ڏيکارڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارليامانی معاملن واري وفاقي وزير طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف سان بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

27هين آئيني ترميم عدليه جي آزادي، شفاف ٽرائل ۽ قانون جي حڪمراني تي حملو آهي: ايمنسٽي انٽرنيشنل

ترميم پارليامينٽ ۾ پنجن ڏينهن جي سخت بحث، مخالف ڌر جي احتجاج ۽ آخري وقت ۾ ترميمن

ترميم صدر ۽ فوج، بحري ۽ هوائي فوج جي سربراهن کي جوابدهي کان بچائي ٿي، اختياريون فوري تي طور جائزو وٺن

27 هين ترميم جي نتيجي ۾ قائم ڪيل وفاقي آئيني عدالت آزادي جي ڪوٽ آهي ۽ ججن جي تحفظ کي ڪمزور ڪري ٿي

اسلام آباد (م د) انساني حقن جي تنظيم ايمنسٽي انٽرنيشنل 27 هين آئيني ترميم کي عدليه جي آزادي، منصفانه ٽرائل جي حق ۽ پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني تي هڪ منظم ۽ مسلسل حملو قرار ڏنو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل اڻڄاتل شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 4 بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسان جي سمورن سياسي قيدين کي جلد آزاد ڪيو وڃي: وينزويلا

سياسي قيدين جو انگ 863 ٻڌايو پيو وڃي: انساني حقن جي تنظيم

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا جي اپوزيشن ليڊر ماريه ڪورينا ماچادو مطالبو ڪيو آهي ته سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي پرڏيهي ميڊيا موجب ان جو اهو مطالبو وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير شزه فاطمه سان ڊبئي جي جائيداد جو ڪاروبار ڪندڙ وڏي فرم ڊاماڪ جي وفد جي سربراهه ملاقات ڪري رهي آهي

غيرت جي نالي تي قتل ناسور آهي: اختيار ولي خان

وويمنز ڪاڪس جي قرارداد تي سختي سان عمل ڪرائينداسين

خيبرپختونخوا ۾ عورتن تي تشدد سبب وزيراعظم کي شديد ڳڻتي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي خيبر پختونخوا جي اطلاعات بابت ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان چيو آهي ته وفاقي حڪومت بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

قيدين جي ڀلائي ۽ انساني وقار جو تحفظ حڪومت جي ترجيح آهي: علي حسن زرداري

صوبائي وزير نيو سيڪريٽريٽ ويسٽ ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو معائنو ڪيو

سينٽرل ۽ عورتن جي جيل جو پڻ دورو ڪري قيدين جي خوراڪ، رهائش ۽ سهولتن جو جائزو ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل علي حسن زرداري نيو سيڪريٽريٽ ويسٽ ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو معائنو ڪيو ۽ عملدارن کان ڪم جي رفتار بابت بريفنگ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس کي جديد هٿيارن سميت سمورين ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن: ضياءُ حسين لنجار

ڪچي ۾ جرائم پيشه عنصرن ۽ ڌاڙيلن خلاف سڀ وسيلا استعمال ڪندي سخت قدم کنيا ويندا

اسان جو خاص ٽارگيٽ ڪشمور ۽ گهوٽڪي جا علائقا آهن، جتي ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو ويندو

سنڌ پوليس ۽ رينجرز گڏيل طور ڪچي ۾ آپريشن ڪري رهيا آهن ۽ موجوده صورتحال ۾ فوج گهرائڻ جي ضرورت ناهي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير داخله ضياءُ حسين لنجار چيو آهي ته سنڌ ۾ ڌوهارين ۽ ڌاڙيلن خلاف فيصلاڪن آپريشن ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ پوليس کي جديد هٿيارن سميت سمورين ضروري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سکر: صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سعودي عرب جي اسٽاڪ مارڪيٽ پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ پنهنجا دروازا کولي ڇڏيا

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

يورپي يونين پاران وينزويلا جي عبوري صدر جي قانوني حيثيت تسليم ڪرڻ کان انڪار

برسلز-07 جنوري (اي پي پي) يورپي يونين وينزويلا جي عبوري صدر ڊيلسي روڊ ريگز بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان سان گورنر بلوچستان جعفر خان مندوخيل هٿ ملائي رهيو آهي

جي سي يونيورسٽي حيدرآباد ڪيمپس کي نو اسموڪنگ زون قرار، سگريٽ نوشي تي مڪمل پابندي

تعليمي بلاڪن، آفيسن، ڪئنٽين ۽ ڪيفي ٽيريز سميت يونيورسٽي جي هر حصي ۾ سگريٽ نوشي تي پابندي

فيصلو قومي صحت جي قانونن ۽ هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي پاليسي مطابق ڪيو ويو آهي: وي سي ڊاڪٽر مظهر خان

حيدرآباد (پ ر) گورنمينٽ ڪاليج بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عسڪري بينڪ ملڪ شرعي پابند بينڪنگ ڏانهن تيزي سان منتقلي ڪري پئي: سي اي او

هن قدم اخلاقي، جامع ۽ پائيدار مالي خدمتن فراهمي لاءِ عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي

ملڪ ۾ اڄ کان وڌيڪ شاخون مڪمل طور اسلامي بينڪنگ ۾ تبديل ڪيون ويون آهن

اسلام آباد (پ ر) عسڪري بينڪ لميٽيڊ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نيشنل ايجوڪيشن ايمرجنسي ايڪشن پلان ۽ بين تعليمي منصوبن جي متفقه منظوري

وفاقي وزير خالد مقبول صديقي جي صدارت هيٺ 38 هين بين الصوبائي تعليم وارن وزيرن جي

صوبي ۾ 1.8 ملين اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي گهٽتائي ۽ 10 هزاراسڪولن جي آئوٽ سورسنگ ڪئي وئي: صوبائي وزير تعليم پنجاب

93 هزار استادن جي ميرٽ تي ڀرتي ۽ اسڪولن جي اپ گريڊيشن مڪمل ٿي چڪي آهي: صوبائي وزير اسماعيل راهو

اسلام آباد (اي پي پي) تعليم ۽ پيشيوراڻي تربيت واري وفاقي وزير خالد مقبول صديقي جي صدارت هيٺ ٿيل 38 هين بين الصوبائي تعليم وارن وزيرن جي ڪانفرنس ۾ ڏکيي مشاورت بعد نيشنل ايجوڪيشن ايمرجنسي ايڪشن پلان ۽ بين تعليمي منصوبن جي متفقه منظوري ڏني بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

EDUCATION MINISTERS
CONFERENCE (IPEMC)
ISLAMABAD | 7th JANUARY 2026
Professional Training
اسلام آباد: تعليم بابت وزيرن جي بين الصوبائي ڪانفرنس ۾ صوبائي وزير شريڪ آهن

ڪراچي ۾ اڻڄاتل هٿيارٻندن جي فائرنگ ڪري هڪ ڄڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

نادرن باءِ پاس عباس ڪٽ جي ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ اصغر ولد علي بخش قتل ٿي ويو

پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نادرن باءِ پاس عباس ڪٽ جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ اصغر ولد علي بخش قتل ٿي ويو واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مقتول جو لاش بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامور ليکڪ محمد خان ابڙو جي ڪتاب دي ٽريول آف ٽرٿ جي مهورت

هر دور ۾ سچ لکڻ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم رهيو آهي: راجا پرويز اشرف

شهيد ذوالفقار ڀٽو هر بالغ کي ووٽ جو حق ڏياريو جنهن سان ڪروڙين ماڻهن کي سياسي اختيار مليو

ضياءالحق 73 جي آئين معطل ڪيو جنهن جي بحالي لاءِ شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي جان قربان ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ پيپلز پارٽي سينٽرل پنجاب جي صدر راجا پرويز اشرف چيو آهي ته هر دور ۾ سچ لکڻ، سچ ٻڌڻ ۽ سچ ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم رهيو آهي ۾ سچ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اقليتن جي اصل مسئلن کي نظرانداز ڪري رهي آهي: صدرالدين شاهه

فنڪشنل ليگ مينارٽي ونگ جي اڳواڻن پارٽي جي صوبائي صدر سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ فنڪشنل مينارٽي ونگ پاران صوبي سطح تي وڏو ڪنوينشن ڪوٺائڻ تي غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي مينارٽي ونگ جي اڳواڻن پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سان ملاقات ڪئي ۽ ڪين عمره جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني مذهبي هم آهنگي بابت پروگرام کي خطاب ڪري رهيو آهي

مٺي ويجهو ٻن ڪارن ۾ ٽڪر، گاڏي کي باهه، ڊرائيور سڙي فوت

ويجهو ڳوٺ موڪار وٽ ٻن ڪارن وچ ۾ زوردار ٽڪر بعد گاڏي کي باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب ڊرائيور ساجن ميگهواڙ سڙي فوت ٿي ويو، سندس پٽ زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

مٺي (ن ر) مٺي ويجهو ڳوٺ موڪار وٽ ٻن ڪارن وچ ۾ زوردار ٽڪر بعد گاڏي کي باهه لڳڻ سبب ڊرائيور ساجن ميگهواڙ سڙي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس پٽ پيشم زخمي ٿي پيو فوتي ۽ زخمين کي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف جو سخت شرط: شوگر سيڪٽر کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ لاءِ جامع پلان تيار

آبادگارن کي ڪمند پوکڻ جي مڪمل آزادي هوندي ۽ شوگر ايڪسپورٽ تي سبسڊي ۽ نيون شوگرملز لڳائڻ تي پابندي ختم ڪرڻ جي تجويز

هارين تي ڪمند جي پوکي لاءِ قسمن يا ڪنهن زون جي پابندي نه هوندي اهي ڪنهن به شوگرمل کي ڪمند وڪرو ڪرڻ يا ڳڙ ٺاهڻ ۾ به آزاد هوندا

شوگرملز جي لاءِ ايڪسپورٽ ڪوٽا به ختم ڪرڻ جي تجويز آهي، شوگرملز خام ڪنڊ ٻاهر کان گهرائي ري ايڪسپورٽ به ڪري سگهنديون ٿي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي هڪ ٻئي شرط پوري ڪرڻ جي لاءِ ملڪ ۾ شوگر سيڪٽر کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو آهي جنهن جي لاءِ شوگر سيڪٽر کي ڊي ريگولائيز ڪرڻ جي لاءِ جامع پلان تيار ڪيو ويو آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته گڏيل پلان جي تحت آبادگارن کي ڪمند پوکڻ جي مڪمل آزادي هوندي ۽ شوگر ايڪسپورٽ تي سبسڊي ۽ نيون شوگرملز لڳائڻ تي پابندي ختم ڪرڻ جي تجويز بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سڄي پنجاب ۾ 24 ڪلاڪن دوران 1019 روڊ حادثا، 20 ڄڻا فوت، 1191 زخمي

ايمرجنسي سروسز ڊيپارٽمنٽ سڄي پنجاب ۾ 1019 ٽريفڪ حادثن کي ريسپانڊ ڪيو

لاهور (اي پي پي) سڄي پنجاب ۾ 1019 ٽريفڪ حادثن ۾ 20 ڄڻا فوت ۽ 1191 زخمي ٿي پيا، ايمرجنسي سروسز ڊيپارٽمنٽ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

افغان پناهگيرن لاءِ ورتل ايراضي جي مسواڙ ۽ ملبو هٽائڻ جو معاملو، افغان ڪمشنريٽ جي اپيل خارج

افغان ڪمشنريٽ ڪرائي جي ادائگي ۽ ڪيمپ جو ملبو هٽائڻ جي پابند آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

2005ع ڪانپوءِ هن وقت تائين زمين مالڪن کي نه ته مسواڙ ڏني وئي آهي ۽ نه ئي اصل ايراضي کي بحال ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ افغان پناهگيرن لاءِ استعمال ٿيندڙ ايراضيءَ جي ڪرائي جي ادائگي نه ڪرڻ ۽ پناهگير ڪيمپ جو ملبو هٽائڻ بابت ڪيس ۾ افغان ڪمشنريٽ پشاور جي اپيل خارج ڪندي هاءِ ڪورٽ ۽ ماتحت عدالتن جو فيصلو برقرار رکيو چيف جسٽس آف پاڪستان جي سربراهيءَ ۾ سپريم ڪورٽ ڪالهه ڪيس جي ٻڌڻيءَ دوران قرار ڏنو ته افغان ڪمشنريٽ ڪرائي جي ادائگي ۽ ڪيمپ جو ملبو هٽائڻ جي پابند آهي، بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

عمران خان جي بشريٰ بي بي سان ملاقات ڪرائي وئي

سينٽرل جيل راولپنڊي ۾ قيد اڳوڻي وزيراعظم ۽ سندس زال جي ملاقات ٿي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي ۾ بنا فرق جي خدمت جو عزم رکي ٿو: مرتضيٰ وهاب

حب ريور روڊ کان طوري بنگش روڊ جي بحالي انتهائي اهم منصوبو آهي، جيڪو ٻن ضلعن کي ملائي ٿو

منصوبي تي 80 ڪروڙن جي لاڳت ايندي ۽ حب ريور روڊ کي ڊوئل ڪيريج وي ۾ تبديل ڪيو ويندو

رڳو پريس ڪانفرنسن ۽ تنقيد سان مسئلا حل نٿا ٿين، ان لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا آهن: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب حب ريور روڊ کان طوري بنگش روڊ اتحاد ٽائون جي بحالي واري ميگا انفراسٽرڪچر منصوبي جو سنگ بنياد رکيو هي منصوبو 850 ملين رپين کان وڌيڪ لاڳت واري ترقياتي اسڪيمن جو حصو آهي، جنهن جو مقصد شهري بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ۾ ترقياتي ڪمن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ ٿي آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب اربع ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي حڪومت سدائين اظهار راءِ جي آزادي جي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: شرجيل ميمڻ

ملڪي تاريخ گواهه آهي ته جمهوريت جي جدوجهد ۾ پيپلز پارٽي ۽ صحافي سدائين گڏ گڏ رهيا آهن

صدر آصف زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو جي پهرين ترجيح عوام جي صحت کي يقيني بڻائڻ آهي

سينئر صوبائي وزير اطلاعات ڪراچي پريس ڪلب پهچي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪئي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينئر وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته صحافت تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي ۽ هاڻي هي رڳو پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تائين محدود ناهي رهي، سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته صحافت کي جديد بڻايو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ صحافي برادري سان هر ممڪن سهڪار بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

آمريڪي ويزا هاڻي 15 هزار ڊالرن جي ضمانت بنا ناممڪن، فهرست ۾ وڌيڪ ملڪ شامل

آمريڪي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مالي ضمانت جمع ڪندڙ ملڪن جي فهرست ۾ وڌيڪ 07 ملڪن جو اضافو

پنج هزار کان 15 هزار ڊالرن تائين جي اها ضمانتي رقم اڪثر درخواست گذارن جي پهچ کان ٻاهر آهي: تجزيه نگارن جي راءِ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مالي ضمانت جمع ڪندڙ ملڪن جي فهرست ۾ وڌيڪ 07 ملڪن جو اضافو ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ان نئين اڳيرائي ڪانپوءِ هاڻي انهن ملڪن جي شهرين کي آمريڪي ويزا جي درخواست ڏيڻ لاءِ 15 هزار ڊالرن تائين جا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

عورتن بابت او آءِ سي جي نائين وزارتي ڪانفرنس جي تيارين جو جائزو

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس، پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس تي غور

انتظامي معاملن، لاجسٽڪس ۽ موضوعاتي ويهڪن کي حتمي شڪل ڏني وڃي: نائب وزيراعظم جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پاڪستان جي ميزباني ۾ عورتن بابت منعقد ٿيندڙ او آءِ سي جي نائين وزارتي ڪانفرنس جي تيارين جي حوالي اسان قائم بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

لاهور: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ميان منظور وٽو جي لاڏاڻي تي سندس پونئيرن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

فلپائن ۾ 6.7 جي شدت جو زلزلو رڪارڊ، ڪنهن به جاني نقصان جو اطلاع ناهي مليو

منيلا (اي پي پي) فلپائن جي علائقي باڪولن ۾ 6.7 جي شدت جي زلزلي جا بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

روس طرفان وينزويلا جي حمايت جاري رکڻ جو عزم، وقتي صدر لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

ماسڪو (اي پي پي) روس وينزويلا جي حمايت جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد سان شام جي صدر رابطو ٻه طرفي سهڪار تي ڳالهيون

رياض (اي پي پي) سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار پاران ڪامياب اميدوارن کي مبارڪباد پيش

ڪراچي ۾ پاڪستان بار ڪائونسل جي چونڊ، عاصم جهانگير گروپ جا اميدوار ڪامياب

سينئر وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ، بئرسٽر عابد زبيري، بئرسٽر صلاح الدين احمد ڪاميابي ماڻي

عبيدالله ملاڻي منير ملڪ سليم مگريو پڻ پاڪستان بار ڪائونسل جا ميمبر چونڊجي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان بار ڪائونسل جون چونڊون ۾ گهرو وزير ضيا الحسن لنجار جي حمايت يافته ۽ عاصم جهانگير گروپ جا اميدوار سينئر وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ، بئرسٽر عابد زبيري، بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين سان صوبائي وزيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن جون ملاقاتون،مسئلن کان آگاهي

صوبائي وزيرن ناصر شاهه ۽ سعيد غني، ايم پي اي ممتاز چانڊيو سجيلا لغاري ملاقاتون ڪيون

ملاقاتن ۾ عوامي مسئلن ۽ انهن جي حل سميت پنهنجن شعبن جي ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اربع ڏينهن بلاول هائوس ۾ تمام گهڻو مصروف ڏينهن گذاريو ۽ مختلف پارٽي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون جن ۾ صوبائي وزير بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

شڪارپور ويجهو جتوئي برادري ٻن گروپن ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ ٻه ڀائر مارجي ويا

گاهجا پوليس اسٽيشن جي حد ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ عارف ۽ گل محمد تارڙ مارجي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا

شڪارپور (ن ر) شڪارپور ويجهو جتوئي برادري جي ٻن گروپن ۾ ڪاري پٽسي جي پراڻي تڪرار ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻه ڀائر مارجي ويا. تفصيل موجب گذريل ڏينهن گاهجا پوليس اسٽيشن جي حد ۾ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: شديد ڪوهيڙي دوران ٻارڙا اسڪول ڏانهن وڃي رهيا آهن، جڏهن ته هڪ پورهيت آسمان هيٺ گرم ڪپڙا وڪري لاءِ رکي ويٺل آهن

بقايا 1 هدايت

قرض جي فراهمي ۾ سهولت، معاشي شموليت ۽ نجي شعبي کي قرض جي فراهمي تي جائزه اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو. وزيراعظم اجلاس کي خطاب ڪندي هدايت ڪئي ته زراعت جي شعبي ۾ جدت جي فروغ جي لاءِ سروس پرووائيڊرز کي ترجيحي بنيادن تي قرض جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته خاص معاون هارون اختر سميدا جي ٽيم سان گڏ گلگت بلتستان ۽ ڪشمير سميت سمورن صوبن جو دورو ڪري ۽ ننڍي ۽ وچولي پئماني جي ڪاروبار جي سهولت لاءِ صوبن سان گڏجي جامع پاليسي سازي ڪري. هن چيو ته ترقي يافته ملڪن ۾ ايس ايم ايز معيشت ۽ صنعتي شعبي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي. هن نوجوانن کي انٽر پرينيورشپ جي تربيت فراهم ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي ته جيئن نوان ڪاروبار شروع ٿين ۽ ملڪ جي معاشي سرگرمين ۾ اضافو ٿئي. وزيراعظم چيو ته نجي شعبي خاص طور تي ايس ايم ايز ۽ ننڍي آبادگارن کي جديد ٽيڪنالاجي حاصل ڪرڻ جي لاءِ قرض جي فراهمي ۾ سهولت حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. اجلاس ۾ نجي شعبي کي گذريل سالن ۾ ڪاروبار ۾ مشينري ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي لاءِ فراهم ڪيل قرض جي انگن اکرن ۽ معيشت جي بهتري سان گڏوگڏ ان جي انگ ۾ اضافي تي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته 22 — 2021ع جي ڀيٽ ۾ ڊسمبر 2025ع ۾ نجي شعبي کي بئنڪن پاران قرض جي فراهمي ۾ بهتري آئي ۽ قرض حاصل ڪندڙن جو انگ ٻيڻو ٿي 3 لک 3 هزار جي سطح عبور ڪري ويو ۽ قرض جو ڪاٿو 1.1 ٽريلين ٿي ويو آهي. زرعي شعبي ۾ هلندڙ سال قرض مان فائدو ڪندڙ آبادگارن جي انگ جو ڪاٿو 30 لک لڳايو ويو آهي جڏهن ته گذريل سال اهو انگ 28 لک رهيو. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته ڪمرشل بئنڪن پاران نئين ڪاروبار ۽ جديد مشينري جي لاءِ قرض جي فراهمي کي ترجيح ڏيڻ جي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. زرعي شعبي کي فراهم ڪيل قرض ۾ جديد مشينري ۽ فصلن سان گڏوگڏ لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جا شعبا پڻ شامل آهن.

بقايا 2 ناٽي وڙهه

جي وفد سان ملاقات دوران چيئي. ملاقات ۾ ڊجيٽل فنانس ۽ ابڀرندڙ ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون ويون. اعليٰ سطحي وفد جي قيادت ون گروپ جي چيئرمين سيد ذيشان شاهه ڪئي. ملاقات ۾ ٽوڪنائيزيشن، مصنوعي ذهانت، بلاڪ چين ۽ ڊجيٽل انفرا اسٽرڪچر جي حوالي سان عالمي سطح تي ابڀرندڙ رجحانن تي غور ڪيو ويو. وفد پاڪستان حڪومت سان حصيداري ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ حقيقي اثاثن جي ٽوڪنائيزيشن بلاڪ چين تي ٻڌل پليٽ فارمز،مصنوعي ذهانت تي ٻڌل حل ۽ جديد ڊجيٽل انفرا اسٽرڪچر جهڙن شعبن ۾ فني مهارت، صلاح مشوري ۽ ڪارڪردگي جي حوالي سان قدم کڻڻ جي آڇ ڪئي.

بقايا 3 ملاقات

ڊائريڪٽر ۽ پريبڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر اميره حسين سجواڻي وفد سان گڏ ملاقات ڪئي. ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ان موقعي تي پرڏيهي سيڙپڪاري سميت پاڪستان جي معاشي صلاحيتن مان فائدو ڪڻندي اهم شعبن ۾ پائيدار ترقي جي فروغ ۽ جديد مالياتي ذريعن ۽ سيڙپڪاري جي طريقيڪار تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪاروبار دوست ماحول قائم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي پختي عزم کي اجاگر ڪيو ۽ جدت ۽ ترقي جي فروغ جي لاءِ نجي شعبي جي ڀرپور شموليت جي حوصلا افزائي ڪئي.

بقايا 4 ڪراچي پهچندو

سنڌ جي ٽن ڏينهن جي دوري تي سڀاڻي جمعي ڏينهن ڪراچي پهچندو. صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه ڪي پي ڪي جي ڪابينا جي ميمبرن جي آجيان ڪندو. وزيراعليٰ ڪي پي ڪي سهيل آفريدي مزار قائد تي حاضري ڀريندو، پارٽي ڪارڪنن سان ملاقات ڪندو، شام جو ميٽ دي پريس ڪانفرنس ڪندو، مخالف ڌر جي اڳواڻن ٽوڙي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان پڻ ملاقاتون ڪندو.

بقايا 5 اعلان

مطابق پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي آمريڪي صدر چيو ته وينزويلا کان اهو تيل ان کي ذخيرو ڪندڙ جهازن ذريعي سڌيءَ ريت آمريڪا آندو ويندو. ٽرمپ وڌيڪ چيو ته هن توانائي واري وزير ڪرس رائٽ کي هدايت ڪئي آهي ته هو ان منصوبي کي فوري طور تي لاڳو ڪري. آمريڪي صدر چيو ته آمريڪي تيل ڪمپنيون وينزويلا جي زوال پذير بنيادي ڍانچي جي نئين سر تعمير ۽ ان جي تيل جي ذخيرن مان فائدو کڻڻ لاءِ اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪرڻ تي تيار آهي.

بقايا 6 تعزيت جو اظهار

۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ميان منظور وٽو جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ۽ مغفرت جي دعا ڪئي. ان موقعي تي سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي اهو عظيم صدمو صبر حوصلي ۽ استقامت سان برداشت ڪرڻ جي توفيق ڏي. هن چيو ته ميان منظور وٽو جي سياسي، سماجي ۽ عوامي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. سينيٽ چيئرمين چيو ته پنجاب جي وڏي وزير طور ميان منظور وٽو جون خدمتون واکاڻ جوڳيون رهيون. صوبائي اسيمبلي ۾ قانونسازي ۽ انتظامي معاملن جي حوالي سان وسيع تجربو هئڻ جنهن جي ڪري هن عوامي مفادن ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 7 ايمنسٽي انٽرنيشنل

آهي ۽ قانون سازي جي فوري طور تي نظرثاني جو مطالبو ڪيو آهي. ايمنسٽي انٽرنيشنل جي مطابق 27 هين آئيني ترميم پارليامينٽ ۾ پنجن ڏينهن جي سخت بحث، مخالف ڌر جي احتجاج ۽ آخري وقت ۾ ترميمن کان پوءِ منظور ڪئي وئي. وفاقي آئيني عدالت قائم ڪري عدالتي آزادي کي ختم ڪرڻ ۽ آئين جي آرٽيڪل 243 ۾ ترميم ڪري هٿياربند فوجن جي قيادت جي جوڙجڪ کي تبديل ڪرڻ تي ترميم تي سخت تنقيد ڪئي وئي. اڱاري تي جاري ڪيل هڪ بيان ۾، ايمنسٽي انٽرنيشنل چيو ته ترميم عدليه جي آزادي، منصفاڻي ٽرائل جي حق ۽ پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني تي هڪ منظم حملي جي انتها هئي.تنظيم اختيارين تي زور ڏنو ته فوري طور تي ترميم جو جائزو وٺن ته جيئن يقيني بڻائي سگهجي ته ان جا سڀئي قلم پاڪستان جي بين الاقوامي انساني حقن جي ذميدارين ۽ واعدن سان مطابقت رکن ٿيون.ايمنسٽي چيو ته ترميم صدر ۽ فوج بحري ۽ هوائي فوج جي سربراهن کي جوابدهي کان بچائي ٿي تنظيم جي مطابق، پاڪستاني اختيارين کي فوري طور تي ججن جي غير جانبداري، آزادي ۽ سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڀئي قدم کڻڻ گهرجن ته جيئن اهي ڪنهن به غير ضروري مداخلت، دٻاءُ يا ڌمڪي کان سواءِ پنهنجا عدالتي ڪم سرانجام ڏئي سگهن ايمنسٽي چيو ته ترميم بين الاقوامي انساني حقن جي قانون جي خلاف ورزي ڪري ٿي.

بقايا 8 فوت

ڪالو چوڪ جي ڀرسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ليـاري ڪلري احمد احمد شاهه بخاري روڊ انڪارا مسجد جي ويجهو گهر جي ڇت تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ سمير ولد خدا بخش فوت ٿي ويو.

بقايا 9 وينزويلا

سندس گهرواري سيليا فلورس کي صدارتي محل مان آمريڪي فوجين جي کڻي وڃڻ جي واقعي کان پوءِ سامهون آيو آهي ماريه ڪورينا پنهنجي ان مطالبي ۾ اهو به چيو ته سندس سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي جن کي بنا ڪنهن جواز جي حراست ۾ رکيو ويو آهي پوءِ انهن جو تعلق عام شهرين سان آهي يا فوج سان اهي سياسي قيدي آهن.

بقايا 10 ضياءالحسن لنجار

سهولتون فراهم ڪيون وينديون آهن ۽ في الحال ڪچي واري علائقي ۾ فوج جي ضرورت ناهي، چيو ته سنڌ پوليس مڪمل طور آپريشن ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. ڊي آءِ جي سکر آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ڪانپوءِ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته اجلاس ۾ ڪچي واري علائقي ۾ امن امان بحال ڪرڻ ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروائي بابت اهم فيصلا ڪيا ويا آهن ڪچي ۾ جرائم پيشه عنصرن ۽ ڌاڙيلن خلاف سڀ وسيلا استعمال ڪندي سخت قدم کنيا ويندا. هن چيو ته ڪجهه حلقن ۾ اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته ڪچي ۾ آپريشن سست ٿي ويو آهي جيڪو غلط آهي. هاڻي اسان فيصلاڪن آپريشن طرف وڌي رهيا آهيون.

بقايا 11 ڪولي چڙهيا

ڪيپيٽل مارڪيٽ اٿارٽي چيو آهي ته پهرين فيبروري 2026ع کان عالمي سطح تي سمورا پرڏيهي هاڻي سعودي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهندا. پرڏيهي ميڊيا موجب اٿارٽي جي بورڊ ريگيوليٽري تبديلي جي منظوري ڏني آهي. سڄي دنيا جا سيڙپڪار سعودي مارڪيٽ ۾ سڌيءَ ريت سيڙپڪاري ڪري سگهندا. منظور ٿيل ترميم جو مقصد مين مارڪيٽ ۾ سيڙپڪاري جي اجازت وارن ماڻهن جي بنياد کي وڌائڻ آهي.

بقايا 12 انڪار

جي قيادت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جيئن ته هن پهرين اڳوڻي صدر نڪولس مادورو جي صدارت کي به تسليم نه ڪيو هو. پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه يورپي ڪميشن جي ترجمان پريس بريفنگ ۾ چئي. هن چيو ته وينزويلا ۾ اختيارين پنهنجي صدارت جو اختيار هڪ اهڙي چونڊ عمل کان حاصل ڪيو آهي جنهن عوام جي جمهوري تبديلي جي خواهش جو احترام ناهي ڪيو.

بقايا 13 پابندي

يونيورسٽي حيدرآباد شاگردن استادن ۽ ملازمن لاءِ صحتمند تعليمي ماحول کي يقيني بڻائڻ خاطر يونيورسٽي جي سموري ڪيمپس کي نو اسموڪنگ زون قرار ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ان فيصلي تي سختي سان عملدرآمد جو اعلان ڪيو آهي. يونيورسٽي پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب تعليمي بلاڪن آفيسن ڪيفي ٽيرياز ۽ کليل هنڌن سميت يونيورسٽي جي هر حصي ۾ سگريٽ نوشي ۽ تمباڪو جي استعمال تي مڪمل پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي خلاف ورزي ڪندڙن خلاف يونيورسٽي قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪارروائي ڪئي ويندي. وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان چيو ته اهو فيصلو قومي صحت جي قانونن هائر ايجوڪيشن ڪميشن (ايچ اي سي) جي پاليسي ۽ يونيورسٽي جي صاف ۽ محفوظ تعليمي ماحول جي عزم مطابق ڪيو ويو آهي. هن چيو ته "جي سي يونيورسٽي حيدرآباد شاندار تعليمي ادارو آهي اسان شاگردن ۽ ملازمن جي صحت تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نٿا ڪري سگهون."

بقايا 14 سي اي او

ملڪ ۾ شرعي پابند بينڪنگ ڏانهن پنهنجي منتقلي کي نمايان طور تي تيز ڪري ڇڏيو آهي جنهن سان اخلاقي جامع ۽ پائيدار مالي خدمتن فراهمي لاءِ پنهنجي عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي هاڻي اسلامي بينڪنگ عسڪري بينڪ جي ملڪ جي سمورين شاخن ۾ دستياب آهي. هي اهم قدم اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي وژن 2028 ۽ وفاقي شرعي عدالت جي هدايتن سان مڪمل هم آهنگ آهي. جيڪو ملڪ ۾ اسلامي مالي نظام جي واڌ ويجهه واري قومي ايجنڊا جي حمايت ڪري ٿو.هن تبديلي جي عمل تحت، عسڪري بينڪ جي ملڪ گير برانچ نيٽ ورڪ مان اڌ شاخون مڪمل طور اسلامي بينڪنگ ۾ تبديل ڪيون ويون آهن جڏهن ته باقي شاخن ۾ اسلامي بينڪنگ ونڊوز قائم ڪيون ويون آهن.

بقايا 15 منظوري

وئي آهي وزيرن جي ڪانفرنس ۾ مملڪتي وزير وجيهه قمر تعليم واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري فرح ناز اڪبر، تعليم واري سيڪريٽري نديم محبوب، سنڌ جي بورڊ ۽ يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو بلوچستان جي تعليم واري وزير راحيله حميد دراني گلگت بلتستان سميت صوبن جي تعليم وارن سيڪريٽرين پنجاب جي تعليم واري وزير راڻا اقبال سڪندر ۽ ڪي پي ڪي جي تعليم واري وزير ارشد ايوب خان (وڊيو لنڪ)، فيڊرل بورڊ جي چيئرمين اڪرم علي ملڪ، آءِ بي سي سي جي اي ڊي غلام علي ملهي، قومي رحمت للعالمين اٿارٽي جي چيئرمين خورشيد احمد نديم ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ وفاق جي سطح تي هڪ خصوصي چئلينج فنڊ جي حوالي سان به شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو ويو جنهن ذريعي وفاقي حڪومت سمورن صوبن کي ان قومي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ مدد فراهم ڪندي ان تاريخي موقعي تي سمورين وفاقي وحدتن سياسي وابستگين کان مٿانهون ٿي تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ، اسڪولن ڏانهن ٻارن جي واپسي ۽ عالمي معيار جي امتحاني ۽ نصابي سڌارن تي مڪمل اتفاق راءِ جو اظهار ڪيو جنهن جو بنيادي مقصد پاڪستان جي هر ٻار کي هڪجهڙي ۽ معياري تعليم تائين پهچ فراهم ڪرڻ آهي پنجاب جي تعليم واري وزير راڻا سڪندر ڪانفرنس کي ٻڌايو ته صوبي ۾ 1.8 ملين اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي گهٽتائي ڪرڻ ۽ 10 هزاراسڪولن جي آئوٽ سورسنگ ڪئي وئي . سنڌ جي وزير محمد اسماعيل راهو ٻڌايو ته 93 هزار استادن جي ميرٽ تي ڀرتي ۽ اسڪولن جي اپ گريڊيشن مڪمل ٿي چڪي آهي. بلوچستان جي تعليم واري وزير راحيله حميد دراني ٻڌايو ته صوبي ۾ 32 سئو بند اسڪول بحال ڪري هڪ لک 40 هزار ٻارن کي تعليمي ڌارا ۾ شامل ڪيو ويو آهي ڪي پي ڪي جي تعليم واري وزارت 10 هزار استاد ڀرتي ۽ 15 سئو اسڪول آئوٽ سورسنگ سان انرولمينٽ ۾ 6 سيڪڙو واڌ جي تصديق ڪئي آزاد ڪشمير جي وزير ملڪ ظفر ٻڌايو ته ايل او سي جي چئلينجز باوجود 10 هزار نون ڪلاس رومن لاءِ 7 ارب روپيا رکيا ويا آهن.

بقايا 16 فوت

سول اسپتال ملي منتقل ڪيو ويو آهي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ڪار ۾ ايل پي جي گيس سلينڊر نصب ٿيل هو ٽڪر لڳڻ بعد گاڏي کي باهه وڪوڙي وئي جنهن سبب ڊرائيور سڙي فوت ٿي ويو.

بقايا 17 صدرالدين شاهه

سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ به موجود هئا. ان موقعي تي سنڌ جي اقليتي برادري کي درپيش مسئلن، بنيادي سهولتن جي کوٽ، عبادت گاهن جي سيڪيورٽي، نوڪرين ۾ ڪوٽا تي عملدرآمد، تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۽ انساني حقن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. اڳواڻن ان ڳالهه تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي ته سنڌ حڪومت اقليتن جي اصل مسئلن کان مسلسل نظرانداز ڪري رهي آهي ۽ اعلانن ۽ بجيٽن باوجود عملي طور ڪو به اثرائتو قدم نظر نٿو اچي. اجلاس دوران پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي مينارٽي ونگ پاران صوبي سطح تي وڏي ڪنوينشن ڪرائڻ تي به غور ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ ڀرسان عيسائي هندو سک، ڪولهي ڀيل ۽ ٻين مذهبي برادرين جي نمائندن کي گڏ ڪري اقليتن جي حقن لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙي ويندي. ان موقعي تي سيد صدرالدين شاهه راشدي سخت لهجي ۾ چيو ته حڪمران اقليتي برادري جي بنيادي مسئلن ڏانهن ڌيان نه ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت اقليتن جي نالي تي اربين روپيا بجيٽ ۾ رکي ٿي پر زميني حقيقت انتهائي مايوس ڪندڙ آهي. عبادت گاهن جي حفاظت، نوڪرين ۾ ڪوٽا، صاف پاڻي، صحت، تعليم ۽ بنيادي شهري سهولتن جي حوالي سان اقليتون اڄ به پريشان آهن جڏهن ته حڪمران خاموش تماشائي بڻيل آهن. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل اقليتن جي آئيني حقن جي تحفظ ۽ انهن کي جائز سهولتون ڏيارڻ لاءِ هر فورم تي آواز بلند ڪندي ۽ اقليتي برادري کي گڏ کڻي هڪ جامع پاليسي ترتيب ڏيندي. اجلاس ۾ مينارٽي ونگ پاران اقليتي نوجوانن لاءِ تعليمي وظيفن ۾ اضافي، نوڪرين ۾ ڪوٽا تي سختي سان عملدرآمد، عبادت گاهن جي سيڪيورٽي بهتر بڻائڻ، بلدياتي سهولتن جي فراهمي ۽ مختلف ضلعن ۾ اقليتي ڪنوينشن منعقد ڪرڻ جون سفارشون به پيش ڪيون ويون.

بقايا 18 راجا پرويز اشرف

هرحال ۾ هڪ ڏينهن ظاهر ٿي ويندو آهي. اهڙو اظهار هن ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ نامور ڪالم نگار ۽ ليکڪ محمد خان ابڙو جي ڪتاب دي ٽريول آف ٽرٿ جي تقريب رونمائي ۾ خاص مهمان طور خطاب دوران ڪيو. راجا پرويز اشرف چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هر بالغ کي ووٽ جو حق ڏياريو جنهن سان ڪروڙين ماڻهن کي سياسي اختيار مليو. 1973ع جو متفقه آئين به انهن ئي بڻايو جيڪو ان وقت انهن وٽ اڪثريت هوندي به هنن سيني کي گڏ ڪيو. پوءِ ضياءالحق آئين معطل ڪيو ۽ ان جي اصل روح کي مسخ ڪيو جنهن جي بحالي لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. سندس چوڻ هو ته جمهوريت پاڻ ۾ هڪ خوبصورت منزل آهي ۽ اسان سيني کي ملڪ لاءِ محبت ۽ هڪ ٻئي جو درد ورهائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته بي بي کان سياست سکڻ منهنجي زندگي جو اعزاز آهي. ليکڪ محمد خان ابڙو خطاب ڪندي چيو ته هن ڪتاب ۾ انهن ڪالمن کي گڏ ڪري انگريزي ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي جيڪي هن پيپلزپارٽي، سنڌ ۽ پاڪستان جي سياسي تاريخ تي مختلف دورن ۾ لکيون. ڪتاب ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد بينظير ڀٽو شاهنواز ڀٽو مرتضيٰ ڀٽو ۽ اڄ ڏائين پيش آيل واقعن ۽ حالتن کي بيان ڪيو ويو آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي اها جماعت آهي جنهن سڀ کان وڌيڪ قربانيون ڏنيون ۽ ملڪ جي بچاءَ لاءِ نهايت وڏي قيمت چڪائي آهي. ڪتاب کي انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته دنيا جي پڙهندڙن تائين به سنڌ ۽ پيپلزپارٽي جي حقيقي تاريخ پهچي. تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪراچي سوشل فورم جي صدر محبوب عباسي سينئر ليکڪ مدد علي سنڌي اڳوڻي سينيٽر ۽ ليکڪ محمد يوسف شاهين قومي اسيمبلي جي ميمبر مرزا اختيار بيگ ايم جي ايڊووڪيٽ سيد غلام شاهه ۽ ٻيا نامور ليکڪ، شاعر ۽ سياسي شخصيتن چيو ته محمد خان ابڙو پنهنجي قلم سان سنڌ، جمهوريت، انساني حقن ۽ سياسي شعور لاءِ جيڪي لکيو آهي، اهو ايندڙ نسلن لاءِ رهنمائي جو ذريعو بڻجندو. هنن چيو ته سندس لکڻيون هميشه سچ جي ترجمان رهيون آهن ۽ سندس هي ڪتاب مستقبل جي تاريخ جو اهم حصو ثابت ٿيندو. تقريب ۾ اهم شخصيتن اڳوڻي صدر آزاد ڪشمير چوڌري محمد ياسين صدر پيپلزپارٽي خيبرپختونخوا سيد محمد علي شاهه باچا جنرل سيڪريٽري محمد شجاع خان پيپلزپارٽي سينٽرل پنجاب جي انفارميشن سيڪريٽري شهزاد سلطان ڄامڙه پيپلزپارٽي اسپين جي صدر چوڌري اشتيا سنڌ اسيمبلي جي ميمبر لعل چند اڪراڻي ۽ ٻين سياسي، ادبي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي پڄاڻي ۾ نامور شاعر الطاف جتوئي پنهنجا شعر پيش ڪيا، جن کي شرڪت ڪندڙن خوب داد ڏنو.

بقايا 19 قتل

قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي واري هنڌ تان شاهد گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني.

بقايا 20 علي حسن زرداري

ورتي هن تعميراتي ڪم جي معيار، شفافيت ۽ بروقت تڪميل تي زور ڏيندي چيو ته ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي صوبائي وزير ٻاڻ آئيلينڊ ۾ A&S/DS فليٽن جي تعمير بابت به جائزو ورتو جتي گريڊ 18 ۽ 19 جي آفيسرن لاءِ جديد رهائشي سهولتون تيار ڪيون پيون وڃن.

بقايا 21 اختيار ولي خان

غيرت جي نالي تي انساني حياتين جي نقصان کي روڪڻ لاءِ پرعزم آهي. ويمنز پارليامينٽري ڪاڪس جي 6 آگسٽ جي قرارداد ان سلسلي ۾ هڪ فيصلائتو قدم آهي. "اي پي پي" سان خصوصي طور ڳالهائيندي هن چيو ته خيبر پختونخوا ۾ عورتن خلاف تشدد جي وڌندڙ واقعن تي وزيراعظم محمد شهباز شريف کي شديد ڳڻتي آهي ۽ ان حوالي سان زيروٽالرنس پاليسي اپنائي پئي وڃي هن ٻڌايو ته قرارداد مطابق هڪ قومي ڊيٽا بيس جو قيام عمل ۾ آڻي رهيا آهيون.

بقايا 22 رابطو نه ٿيو

ڳالهين لاءِ ڪو رابطو اهي ٿي سگهيو اسان جا اتحادي واضح طور تي ڳالهين جي حق ۾ آهن ملڪ کي بهتر انداز سان هلائڻ لاءِ ڳالهيون ضروري آهن ڪالهه پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته پي ٽي آءِ اسپيڪر جي چيمبر ۾ ايندي ته ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. پهريان ٽورنامينٽ جو اعلان ٿيندو آهي پوءِ ٽيمون جڙنديون آهن

بقايا 23 چين

گهرجي. پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان گذريل ڏينهن نيوز بريفنگ دوران ڪئي. هن چيو ته وينزويلا هڪ خودمختيار رياست آهي جيڪا پنهنجي قدرتي وسيلن ۽ پنهنجي سرزمين جي اندر سموري معاشي سرگرمين تي مڪمل ۽ مستقل خودمختياري رکي ٿي هن زور ڀريو ته وينزويلا ۾ ٻين ملڪن سميت چين جي جائز حقن ۽ مفادن جو تحفظ لازمي ڪرڻ گهرجي.

بقايا 24 قيصر شيخ

عالمي واپار ۽ علائقائي رابطن لاءِ غير معمولي اهميت رکي ٿي اهڙو اظهار هن ڪالهه يو ايس پاڪستان بزنس الائنس جي لانچنگ تقريب ۾ خاص مهمان طور ڪيو. تقريب ۾ ايف پي سي سي آءِ جي صدر عاطف اڪرام شيخ صنعت ۽ پيداوار واري خاص صلاحڪار هارون اختر خان ۽ يو ايس سفارتخاني جي سفارتڪارن به شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي اسٽريٽجڪ بيهڪ عالمي واپار ۽ علائقائي رابطن لاءِ غير معمولي اهميت رکي ٿي.

بقايا 25 ملاقات

اهم ملاقات ڪئي چين جي پبلڪ سيڪيورٽي واري وزارت جي هيڊ ڪوارٽر پهچڻ تي چيني گهرو وزير وفد سان گڏ پاڪستاني هم منصب محسن نقوي جو شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ساڍا ٽي ڪلاڪ جاري ملاقات ۾ پاڪ چين ٻه طرفن لاڳاپن، دهشتگرديءَ بابت گڏيل قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي دهشتگرديءَ جي خاتمي پوليس ٽريننگ، ايڪسچينج پروگرام ۽ گڏيل مفادن جي شعبن ۾ حصيداري وڌائڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات ۾ گڏيل ورڪنگ گروپ جي هر ٽن مهينن ڪانپوءِ ميٽنگ ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 26 ڪرفيو

گنج ۾ هڪ مسجد تي هندوئن جي حملي ۽ غنڊا گردي ڪانپوءِ ڪرفيو لڳايو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب مسجد تي حملو هفتي جي ڀڄاڻي تي موقعي تي ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ مسلمانن احتجاج ڪيو احتجاج کي روڪڻ لاءِ هندو روڊن تي نڪري آيا جنهن ڪانپوءِ صورتحال کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ ضلعي انتظاميه ڪرفيو لاڳو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو.

بقايا 27 ڪميٽي ڪانفرنس

اسماعيل ۽ شهزاد وسيم شرڪت ڪئي اجلاس ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن جي وچ ۾ ڳالهين جو طريقيڪار ۽ ڇڪتاڻ گهٽائڻ واري تجويزن تي غور ڪيو ويواجلاس جي پڌرائي موجب، اپوزيشن ڪميٽي جوڙي وڃي جيڪا سياسي قيدين سان گڏجي ڊائيلاگ ڪميٽي کي مضبوط ۽ اڳتي وڌائيندي. پڌرائي ۾ چيو ويو ته صدر آصف علي زرداري، نواز شريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي مشاورت سان حڪومتي مذاڪراتي ڪميٽي جوڙڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي آهي.

بقايا 28 مطالبو

تيل جي پيداوار جاري رکڻ چاهي ٿو ته هو روس، چين، ايران ۽ ڪيوبا سان اقتصادي ناتا ختم ڪري. آمريڪا اهو مطالبو به ڪيو آهي ته وينزويلا تيل جي پيداوار ۾ صرف آمريڪا سان ڀائيواري ڪندو.

بقايا 29 پلان تيار

ڏني وئي آهي کنڊ جي برآمد ۽ درآمد تي پابندي به هٽائڻ جي تجويز آهي ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته حڪومت ڪڻڪ کان پوءِ کنڊ جو شعبو به مارڪيٽ فورسز جي حوالي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي جنهن جي لاءِ شوگر سيڪٽر کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ جو جامع پلان تيار ڪيو ويو آهي گڏيل پلان موجب هارين تي ڪمند جي پوکي لاءِ قسمن يا ڪنهن زون جي پابندي نه هوندي اهي ڪنهن به شوگرمل کي ڪمند وڪرو ڪرڻ يا ڳڙ ڏاهڻ ۾ به آزاد هوندا

بقايا 30 1191زخمي

گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي پنجاب ۾ 1019 ٽريفڪ حادثن کي ريسپانڊ ڪيو جن ۾ 491 ڄڻا شديد زخمي ٿيا جن کي فوري طور تي ويجهي ضلعي ۽ تعلقي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو.

بقايا 31 اپيل خارج

جڏهن ته ان سلسلي ۾ هيٺين عدالتن جي فيصلن ۾ ڪا به قانوني رڪارڊ موجود ناهي ٻڌڻيءَ دوران زمين مالڪن جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته 1983ع ۾ افغان پناهگيرن لاءِ مقامي ماڻهن کان زرعي ايراضي ڪرائي تي ورتي وئي هئي چترال ۾ قائم افغان پناهگير ڪيمپ کي 2005ع ۾ خالي ته ڪرايو ويو جڏهن ته زرعي ايراضيءَ تي تعمير ڪيل گهرن جو ملبو اڄ به موجود آهي.

بقايا 32 ملاقات

تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سان سندس گهرواري بشريٰ بي بي جي ملاقات ڪرائي وئي آهي. جيل ذريعن موجب، سينٽرل جيل راولپنڊي ۾ قيد اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي اڱاري ڏينهن سندس گهرواري سان ملاقات ڪرائي وئي.

بقايا 33 مرتضيٰ وهاب

ترقي، بهتر سفري سهولتون نيڪال آب جا پراڻا مسئلا حل ڪرڻ ۽ ڪچي آبادين کي پائيدار ترقي جي ڌاري ۾ شامل ڪرڻ آهي ان موقعي تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر لياقت آسڪاڻي، ڪي ايم سي سٽي ڪائونسل ۾ پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، يو سي چيئرمين عارف تنولي چونڊيل نمائندا، ڪي ايم سي جا آفيسر ۽ علائقي جي رهواسين جو وڏو انگ موجود هو تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته حب ريور روڊ کان طوري بنگش روڊ اتحاد ٽائون جي بحالي انتهائي اهم منصوبو آهي.

بقايا 34 واڌ

جي قيمت ۾ 01 پئسي جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي جنهن ڪانپوءِ نئين قيمت 280 روپيا 06 پئسا ٿي وئي آهي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اگهه 74 روپيا 67 پئسا جڏهن ته بحرين جي دينار جو اگهه 742 روپيا 91 پئسا رهيو ساڳي طرح عمان جي ريال جو انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ اگهه 727 روپيا 45 پئسا رهيو ڪويت جي دينار جو 916 روپيا 73 پئسا ۽ قطر جي ريال جي قيمت 76 روپيا 83 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا 35 شرجيل ميمڻ

ڪيو ويندو ڪراچي پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪباد ڏيڻ لاءِ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي پريس ڪلب پهتو. پريس ڪلب اچڻ تي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي، جنرل سيڪريٽري اسلم خان ۽ باڊي جي ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي شاندار آجيان ڪئي. ڪراچي پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن صدر فاضل جميلي ۽ جنرل سيڪريٽري اسلم خان جي سربراهي ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪئي ملاقات جي موقعي تي پريس ڪلب جي عهديدارن پريس ڪلب آمد تي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جا ٿورا مڃيا ۽ درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪلب جي عهديدارن کي مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي. ملاقات دوران گفتگو ڪندي ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت ڪراچي پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل باڊي کي مبارڪباد پيش ڪري ٿي ۽ جڏهن به صحافين کي مدد جي ضرورت پئي.

بقايا 36 شامل

پرائيز بانڊ جمع ڪرائڻا پوندا ٽرمپ انتظاميه جي ان تازي فيصلي ۾ جن نون ملڪن کي شامل ڪيو ويو آهي انهن ۾ يوگانڊا، بوٽسوانا، وچ آفريقي جمهوريه، گني، گني بساٿو نميبيا ۽ ترڪمانستان شامل آهن. انهن تازي اضافي ڪانپوءِ هاڻي ان فهرست ۾ شامل ملڪن جو انگ 13 ٿي ويو آهي جن ۾ اڪثريت جو تعلق آفريڪا سان آهي.

بقايا 37 جائزو

ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس موجب اجلاس دوران نائب وزيراعظم لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته انتظامي معاملن لاجسٽڪس ۽ موضوعاتي ريهڪن کي حتمي شڪل ڏني وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته سمورن لاڳاپيل وزارتن ۽ او آءِ سي سيڪريٽريٽ جي وچ ۾ ويجهو رابطو ۽ هم آهنگي برقرار رهي.

بقايا 38 ناهي مليو

لوڏا محسوس ڪيا ويا پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي عرضيات کاتي جي سروي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته زلزلي جو مرڪز اتر عرض البلد ۽ اوڀر ڊور البلد تي واقع هو.

بقايا 39 اظهار

ڪندي ملڪ جي وقتي صدر کي فرض سنڀالڻ تي ڊيلسي روڊ ريگز لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي پرڏيهي خبرون اداري مطابق روس جي پرڏيهي وزارت بيان ۾ چيو آهي ته اهو قدم وينز ويلا جي قيادت جي رياستي وحدت کي يقيني بڻائڻ جي پختي ارادي جي عڪاسي ڪري ٿو روس جي پرڏيهي وزارت وينزويلا جي خود مختياري ۽ ان جي قومي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪيل ڪوششن جي آجيان ڪندي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته وينزويلا جي عوام کي بنا ڪنهن ٻاهرين مداخلت جي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو مڪمل حق حاصل هجڻ گهرجي.

بقايا 40 ڳالهيون

شام جي صدر احمد الشرع ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب رابطي دوران مختلف شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 41 امڪان

دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي پنجاب، مٿانهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي ميداني علائقن ۾ وچولي کان شديد ڪوهيڙو جو امڪان آهي پوٺوهار خطي ۽ ڪشمير ۾ صبح جي وقت ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪوهيڙو پوڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته مٿانهين وارن علائقن ۾ شديد ٿڌ رهي.

بقايا 42 ڪامياب

بئرسٽر صلاح الدين احمد ، عبيد الله ملاڻي منير ملڪ، سليم مگريو پاڪستان بار ڪائونسل جا ميمبر چونڊجي ويا. سپاٽي اٽارني جنرل آف پاڪستان جي آفيس ۾ آفيشل ڳڻپ ٿيندي سنڌ مان پاڪستان بار ڪائونسل جي 6 سيٽن لاءِ 14 اميدوار ميدان ۾ هئا ، جن مان 10 جو تعلق ڪراچي سان هو . ڪراچي مان چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اهم اميدوارن ۾ اڳوڻو چيئرمين پاڪستان بار ڪائونسل فاروق ايڇ نائيڪ، بئرسٽر صلاح الدين احمد، منير احمد ملڪ شهاب سرڪي، نديم قريشي ۽ بئرسٽر عابد زبيري ۽ ٻيا اميدوار شامل هئا . جڏهن ته ٻين اميدوارن ۾ راڻا محمد شميم، مظفر علي لغاري، عبدالجبار قريشي ۽ محمد سليم منگريو پڻ شامل آهن. صوبي سنڌ مان ڪُل 33 رجسٽرڊ ووٽرز پنهنجو ووٽ استعمال ڪرڻ جا اهل آهن.

بقايا 43 آگاهي

سيد ناصر حسين شاهه ۽ سعيد غني شامل هئا. ملاقات دوران سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ممتاز چانڊيو کي نوشهروفيروز جي عوامي مسئلن ۽ انهن جي حل بابت آگاهه ڪيو ويو بلاول هائوس ۾ ملاقات دوران سنڌ اسيمبلي جي ميمبر سجيلا لغاري سياست ۾ عورتن جي وڌ کان وڌ ڪردار تي بحث ڪيو.

بقايا 44 مارجي ويا

جتوئي برادري جي ٻن گروپن هڪ ٻئي تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا ۽ فرار ٿي ويا. فوت ٿيندڙن ۾ عارف ۽ گل محمد ٽارڙ جتوئي شامل آهن.

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LH-PT-PLANT AND PROCESS-308401799 - SINJHORO FIELD-2026	SPARE PARTS FOR ARIEL GAS COMPRESSOR	26.01.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDCL-SCM-FB-CB-DRLG-D-308357963-25	LINER HANGER	09.02.2026 AT 1100 HRS

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **06.12.2025, 10.12.2025** and **23.12.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-FB-CB-PROD-305531602-2025	SMART COMPLETIONS WITH ACCESSORIES AND SERVICES	19.01.2026 AT 1100 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306774546-2025	ACQUIRING SLICK LINE SERVICES	20.01.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306814273-2025	ACQUIRING SLICK LINE SERVICES	21.01.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDCL-FB-CB-RM-304781872-2025	SUPPLY AND INSTALLATION OF DRILL WATCH INSTRUMENTATION SYSTEM	22.01.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 379/39

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

SALE OF LOW PRESSURE GAS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

Oil & Gas Development Company Limited (OGDC) is the largest Exploration & Production Company listed on Pakistan and London Stock Exchange. Details about the company can be obtained from website http://www.ogdcl.com. E-Bids are invited with bid bonds from the interested parties for the following:

CASE NO.	FIELD / LOCATION	APPROX. QTY OF GAS MMSCFD	DELIVERY POINT	APPROX. PRESSURE (PSIG)	BASE PRICE (PKR/ MMBTU)	BIDDING PROCEDURE	BID SUBMISSION DATE & TIME
OGDCL-SCM-LD-PT-COMM-SONO LASHARI-308606791-2026	SALE OF LOW-PRESSURE GAS AT SONO LASHARI FIELD, TEHSIL TANDO JAM, DISTRICT MATTIARI, SINDH	±0.3 - ±0.7	01	(5 - 10) PSI	RS. 1447/-	SINGLE STAGE ONE ENVELOPE	26.01.2026 AT 1130 HRS
OGDCL-SCM-LD-PT-COMM-LASHARI X-1-308600903-2026	SALE OF LOW-PRESSURE GAS AT LASHARI X-1, DISTRICT - HYDERABAD, SINDH	+1.5	01	(15-20) PSI	RS. 1481/-	SINGLE STAGE ONE ENVELOPE	27.01.2026 AT 1130 HRS

2. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Bidders are requested to contact In-Charge Supply Chain Management (SCM) Local at Phone # +92-51-92002-2109/ 2623127 for any further queries/ information.
5. This advertisement is also available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No. 378/38

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

آڇون گهربل آهن

ايس ايس آر/ اي وي ايڇ ايف هل اسٽيشن لڪپاس ڪوئيٽا ۾ ٿرمل اميجنگ ڪيپيبلٽي وارن سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي تنصيب سان خريداري

هيٺ ڄاڻايل آفيس کي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس جي کاتن سان گڏ رجسٽرڊ، موثر اين ٽي اين ۽ جي ايس ٽي جا حامل ۽ ايف بي آر جي فعال ٽيڪس ڏيندڙن جي فهرست ۾ شامل واک ڏيندڙن کان مذڪوره ڪمن لاءِ پاڪستاني رپين ۾ پيپرا رول 36(b) جي مطابق آڇون گهربل آهن.

Description & Bid No.	Fixed Bid Security (PKR)	Bid Submission Date / Time	Bid Opening Date / Time / Place	Basic PKR (Price)
PROCUREMENT ALONG WITH INSTALLATION OF CCTV CAMERAS WITH THERMAL IMAGING CAPABILITY AT SSR/EVHF HILL STATION LAKPASS QUETTA **(Tender Details mentioned in Bidding Document available on EPADS Free of cost)**	CDR / Bankers Cheque / Demand Draft of Rs. 450,000/- in favor of PAA Disbursement Account.	Wednesday 28th January 2026 11:30 Hours	Wednesday 28th January 2026 12:00 Hours APM Office Quetta Int'l Airport	F.O.R

1. آڇون پيپرا اي پيڊ سسٽم http://eprocure.gov.pk تي (مفت) دستياب آڇ دستاويزات ۾ بيان ڪيل شرط جي مطابق جمع ڪرائي سگهجن ٿا. واک ڏيندڙن کي آڇ دستاويزات ۽ اليڪٽرانيڪلي آڇون جمع ڪرائڻ سميت لاڳاپيل معلومات تائين رسائي لاءِ اِي پيڊز پيپرا (وفاقي) تي رجسٽريشن ڪرائڻي هوندي.
2. صرف پيپرا اي پيڊز ويب پورٽل: http://eprocure.gov.pk جي ذريعي آڇون جمع ڪرائڻ جي حتمي تاريخ ۽ وقت کان اڳ (اليڪٽرانيڪلي) جمع ڪرايل آڇون ئي قابل قبول هونديون ته جيئن زرضمانت دستاويزات بصورت ڊمانڊ ڊرافٽ/ بينڪرز چيڪ (جي اصل) مهربند لفافي ۾ انچارج لاجسٽڪس، ڪوئيٽا انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي آفيس ۾ آڇون جمع ڪرائڻ جي حتمي تاريخ ۽ وقت کان اڳ (دستي طور تي) جمع ڪرائڻ به لازمي آهي، ٻي صورت ۾ آڇون رد ڪيون وينديون.
3. آڇن جو عمل واحد مرحلي ٻه لفافي طريقيڪار جي تحت منعقد ڪيو ويندو. شين جي ٽيڪنيڪي جائزي جي لاءِ اليڪٽرانڪ آڇن سان گڏ ٽيڪنيڪي بروشر/ تصريحاتي شيٽس جو منسلڪ هئڻ لازمي آهي ۽ ڊليوري جي وقت فراهم ڪيل شين جو انهيءَ بروشرز/ تصريحاتي شيٽس جي مطابق هئڻ لازمي آهي.
4. (نوٽ: سمورن امڪاني واک ڏيندڙن کي آڇ کولڻ جي تاريخ/ وقت کان اڳ فوري طور تي PAA کي آگاهه ڪن ۽ ايف بي آر جي فعال ٽيڪس ڏيندڙن جي فهرست (100 سيڪڙو ادائگي) ۽ جي ايس ٽي/ اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ جو ثبوت هيٺ ڏنل ايڊريس تي ۽ tajkakar3@gmail.com تي جمع ڪرائين).
5. معاهدي جي ڪارڪردگي لاءِ وقت جو مدو: معاهدي جي اطمينان جوڳي تڪميل ۽ وارنٽي واري مدي تائين. پي اي اي ٺوس سببن جي بنياد تي ڪنهن به يا سمورين آڇن کي قبول/ رد ڪرڻ جو پورو حق محفوظ رکي ٿي. جنهن سان درخواست تي آڇ ڏيندڙ کي آگاهه ڪيو ويندو.
6. هي اشتهار پي اي اي جي ويب سائيٽ: www.paa.gov.pk ۽ پي پي آر اي جي ويب سائيٽ: www.ppra.org.pk تي به دستياب آهي. لاڳاپيل سوالن جي لاءِ مهرباني ڪري: anum.naeem@paa.gov.pk تي اي ميل ڪن.
7. خبردار: آڇ ڏيندڙن جي طرفان جمع ڪرايل ڪوبه مالي دستاويز جيڪڏهن جعلي نڪتو يا ڪنهن به مرحلي تي وقت سر نه مليو ته ان کي بليڪ لسٽنگ ۽ قانون جي مطابق قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

چيف آپريٽنگ آفيسر/ ايئرپورٽ مئنيجر
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي، ڪوئيٽا انٽرنيشنل ايئرپورٽ، فون نمبر: 4-081-9241003، فيڪس: 081-9241002

PID K.2324/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ حڪومت پاران ڌوهارين خلاف آپريشن جو اعلان!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي
لاطيني امريڪا: نازڪ موڙ تي..؟
صفحو 4

مصنوعي ذهانت، PBL ۽ CBL ٽيڪنالوجي!
غلام فاروق
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن 08 جنوري
صفحو 4

چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر راجپوت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ گهوٽڪي پهتو

چيف جسٽس سنڌ جسٽس ظفر راجپوت نئين تعمير ٿيل 2 ڪورٽ عمارتن ۽ عورتن لاءِ تعمير ٿيل انتظار گاهه جو افتتاح ڪيو

ڊسٽرڪٽ بار جي ميمبرن سان گڏجاڻي،نئين تعمير ٿيندڙ عمارتن بابت پراجيڪٽ ڊائريڪٽر تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

ڊجيٽل دور آهي، نوجوان وڪيلن وٽ اسان جي دور کان وڌيڪ موقعا آهن. گوگل جي دور ۾ سمورو مواد موبائل تي ملي ٿو وڃي؛چيف جسٽس

سکر/گهوٽڪي (بيورو رپورٽ/ ڊ ر)چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ گهوٽڪي پهتو جڊيشل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪئي.چيف جسٽس سنڌ نئين تعمير ٿيل 2 ڪورٽ عمارتن ۽ عورتن لاءِ تعمير ٿيل انتظار گاهه جو افتتاح ڪيو ڊسٽرڪٽ بار جي ميمبرن سان گڏجاڻي به ڪئي جڏهن ته چيف جسٽس سنڌ کي نئين تعمير ٿيندڙ عمارتن بابت پراجيڪٽ ڊائريڪٽر تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، چيف جسٽس سنڌ عمارت جو جائزو پڻ ورتو ۽ ڪورٽ جي احاطي ۾ بوٽو لڳايو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج منو مل ڪڪيجا چيف جسٽس سنڌ کي ٻڌايو ته نئين تعمير ٿيل عمارتن ۾ ايڊيشنل سيشن جج ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ جون عدالتون قائم ٿينديون. نوجوان وڪيل مستقبل آهن اڄ آئون چيف جسٽس آهيان سڀاڻي ڪو ٻيو هوندو اهو هڪ تسلسل آهي، ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ نوجوان ايمانداري سان سخت محنت ڪن. چيف جسٽس سنڌ جو ڊسٽرڪٽ بار گهوٽڪي کي خطاب ڪندي چيو ته هي ڊجيٽل دور آهي، نوجوان وڪيلن وٽ اسان جي دور کان وڌيڪ موقعا آهن گوگل جي دور ۾ سمورو مواد موبائل تي ملي ٿو وڃي، مستقبل نوجوانن جو آهي، صرف محنت ڪيو. چيف جسٽس آف سنڌ چيو ته سرحدي ضلعن ۾ امن و امان جا مسئلا آهن بدامني هوندي ته روزگار جا موقعا پيدا نه ٿيندا، انويسٽمينٽ نه ايندي، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج گهوٽڪي کي هدايت ڪيان ٿو ته هو امن و امان بابت انتظاميه سان گڏجاڻي ڪري جوڊيشل آفيسرن جي پرفارمنس جو عمل هلندڙ آهي تمام جلد ججن جي ڪوٽ پوري ٿيندي، گهوٽڪي ضلعي جي ڪورٽن ۾ هڪ هفتي اندر ڪلارڪل ۽ لوئر اسٽاف جي ڀرتين جو عمل شروع ڪيو وڃي چيف جسٽس سنڌ ظفر احمد راجپوت جو چوڻ هو ته چيف جسٽس آف پاڪستان جي ويزن مطابق ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ميرپور ماٿيلو ڏهرڪي ۽ اوٻاڙو جي سول ڪورٽن ڊسٽرڪٽ بار ۽ تعلقه بار کي 2 مرحلن ۾ سهولتون فراهم ڪيون وينديون.ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ آر او پلانٽ، اي لائبريري ۽ 6-6 ڪلو واٽ جا سولر سسٽم فراهم ڪيا ويندا، ڊسٽرڪٽ بار کي به اي لائبريري ۽ 6 ڪلو واٽ جو سولر سسٽم فراهم ڪيو ويندو.ميرپور ماٿيلو ڏهرڪي ۽ اوٻاڙو جي ڪورٽن توڙي تعلقه بارز کي الڳ الڳ اي لائبريري ۽ 6-6 ڪلو واٽ جا سولر سسٽم ۽ واٽر ڊسپينسر فراهم ڪيا ويندا

گهوٽڪي چيف جسٽس سنڌ جسٽس ظفر احمد راجپوت نئين تعمير ٿيل عدالتي عمارتن جو افتتاح ڪندي

پانڌي ۽ دوڙ پرسان ٽرين سان موٽرسائيڪل سوارن جو ٽڪر،ٻگو ڏڙو واسي ٻه ڄڻا فوت

ڳوٺ ٻگو ڏڙو جا رهواسي ٻه ڄڻا جبل خان چانڊيو ۽ صاحب خان چانڊيو ٽرين هيٺان اچي موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

اطلاع ملندي ئي ڀرپاسي جي وڏي تعداد ۾ ماڻهو واقعي واري هنڌ پهچي ويا،علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي

اوپن فاٽڪ تي حفاظتي انتظام ڪيا وڃن ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ حادثن کان بچي سگهجي: شهري

دوڙ پانڌي ٽرين ٽڪر ۾ فوت ٿيل موٽرسائيڪل جو لاش پيل آهي

دوڙ / پانڌي(نمائندن وٽان)پانڌي ۽ دوڙ پرسان در محمد بروهي وٽ قائم اوپن فاٽڪ تي سکر ڏانهن ايندڙ ٽرين جي انجڻ فاٽڪ ڪراس ڪندڙ موٽرسائيڪل سوارن کي ٽڪر هنئي،جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ ٻگو ڏڙو جا رهواسي ٻه ڄڻا جبل خان چانڊيو ۽ صاحب خان چانڊيو ٽرين هيٺان اچي موقعي تي ئي فوت ٿي ويا.حادثي جي اطلاع ملندي ئي ڀرپاسي جي وڏي تعداد ۾ ماڻهو واقعي واري هنڌ پهچي ويا، جڏهن ته علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي. فوتين جي وارثن طرفان ٻنهي جا مڙهه واقعي واري هنڌ تان کڻي ڳوٺ ٻگو ڏڙو روانا ڪيا ويا.مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اوپن فاٽڪ تي حفاظتي انتظام جي کوٽ سبب اهڙا حادثا بار بار پيش اچي رهيا آهن جنهن ڪري انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اوپن فاٽڪ تي حفاظتي انتظام ڪيا وڃن ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ حادثن کان بچي سگهجي

ايم پي اي نوابزاده برهان خان چانڊيو پاران نصيرآباد جو دورو

مفت لائيف ليبارٽري خدمتي ادار جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو

بلاول ڀٽو جي بهترين حڪمت عملي سبب خوشحالي جو پيغام مليو آهي؛برهان چانڊيو

نصيرآباد ايم پي اي برهان خان چانڊيو نصيرآباد جي دوري دوران مفت لائيف ليبارٽري جو افتتاح ڪندي

نصيرآباد (ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي جي چونڊيل ايم پي اي نوابزاده برهان خان چانڊيو ۽ سندس فرزند جونيئر نوابزاده شبير احمد چانڊيو نصيرآباد جو دورو ڪيو هنن ميزبان روشن علي شيخ جي دعوت تي نوناري محلا پهچي اتي عوامي ڀلائي لاءِ قائم ڪيل "مفت لائيف ليبارٽري خدمتي اداري" جو باقاعده افتتاح ڪيو افتتاح ڪري دعا خير گهري وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي ايم پي اي نوابزاده برهان خان چانڊيو چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي بهترين حڪمت عملين سبب عوام ۾ خوشحالي جو واضح پيغام ملي چڪو آهي پيپلزپارٽي پاران هاري آبادگار ڪارڊ، ٻج، ڀاڻ، زرعي سهولتون بينظير انڪم سپورٽ ۽ گهر گهر اڏڻ وارا منصوبا بنيادي روٽي ڪپڙا ۽ مڪان واري نعري جو پروگرام جاري ۽ ساري آهي انسانيت جي خدمت سڀ کان وڏي عبادت آهي علائقي ۾ مفت طبي سهولتن جي فراهمي هڪ نيڪ عمل آهي، جنهن سان غريب عوام کي وڏو فائدو پهچندو افتتاحي تقريب ۾ پ پ پ سٽي نصيرآباد جي صدر وسيم راجا شيخ ايڊمنسٽريٽر آيسر عطا الله چنو ڪائونسلر حاجي وزير ڦليپوٽو حاجي محمد رفيق شيخ بخش علي چانڊيو بابو الطاف ڪانڌڙو حافظ عاشق ڦليپوٽو يوسف شابراڻي عابد پنهور شمن تنيو حڪيم چانڊيو ۽ علائقي جي معززين سياسي توڙي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ميزبان روشن علي شيخ پاران آيل مهمانن جو شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ کين اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. شهرين پاران مفت ليبارٽري جي قيام کي ساراهيندي چيو ويو ته اهڙن فلاحي ڪمن سان غريب مريضن جو بار گهٽ ٿيندو

وفاقي محتسب ريجنل آفيس لاڙڪاڻو باضابطه طور تي فعال ٿي وئي

سکر(بيورو رپورٽ)لاڙڪاڻو ۾ نئين قائم ٿيل وفاقي محتسب ريجنل آفيس لاڙڪاڻو باضابطه طور تي فعال ٿي وئي آهي جيڪا لاڙڪاڻو ۽ ان جي آس پاس جي ضلعن جي رهواسين لاءِ هڪ وڏو سهولت وارو قدم آهي اربع آفيس ڪيترن ئي وفاقي ادارن خلاف داخل ڪيل عوامي شڪايتن تي پنهنجي پهرين اهم ٻڌڻي ڪئي سکر آفيس مان جاري ڪيل بيان موجب ٻڌڻي جي صدارت سيد محمود علي شاهه ريجنل هيڊ، وفاقي محتسب سکر، لاڙڪاڻو ريجن ڪئي جنهن سيپڪو ايس ايس جي سي ايل پاڪستان پوسٽ لائف انشورنس (پي ايل آءِ) ۽ نيشنل بينڪ آف پاڪستان (اين بي پي) لاڙڪاڻو خلاف داخل ٿيل ڪيسن جو جائزو ورتو آفيسرن موجب، ڪارروائي دوران سيپڪو خلاف ڪل 57 شڪايتون ۽ ايس ايس جي سي ايل خلاف 25 شڪايتون داخل ڪيون ويون ايجنسي جا نمائندا، جن ۾ ايس ايس جي سي ايل لاڙڪاڻو جو ڊپٽي مئنيجر سعيد احمد ڪوريجو ۽ سيپڪو سٽي ڊويزن جو روينيو آفيسر سهيل احمد شامل هئا، شڪايت ڪندڙن پاران اٿاريل مسئلن جو جواب ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيا لاڙڪاڻي جي ريجنل آفيس جي قيام ۽ آپريشنلائيزيشن سان عوام لاءِ شڪايتن جي ازالي جي خدمتن تائين رسائي ۾ نمايان بهتري اچڻ جي اميد آهي. جنهن سان ڊويزن جي رهواسين لاءِ سفر ۽ پروسيسنگ ۾ دير گهٽجي ويندي وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ چيو آهي ته هن قدم جو مقصد شڪايتن جو تيز شفاف ۽ شهري دوست حل فراهم ڪرڻ آهي

ڊپٽي ڪنوينر باڊهه تعلقه موومينٽ مرحوم قادر بروهي جي پهرين ورسي 11 جنوري تي ملهائي ويندي

باڊهه (ن ع)سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ سموري زندگي مزدورن پورهيتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ باڊهه تعلقه موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر مرحوم ڪامريڊ قادر بروهي جي پهرين ورسي 11 جنوري بروز آچر تي ملهائي پئي وڃي ايس ٽي پي باڊهه پاران جاري ڪيل پريس ريليز موجب باڊهه جي پراڻي ٽائون هال ۾ منعقد ورسي تقريب ۾ ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي خصوصي طور شرڪت ڪندو جڏهن ته ڊاڪٽر قادر مگسي سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ ۽ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل اڳواڻ ڪامريڊ قادر بروهي جي سياسي ۽ سماجي جدوجهد تي کين ڀيٽا پيش ڪندا. ورسي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ايس ٽي پي باڊهه پاران مختلف شخصيتن کي دعوت نامه ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي

تعلقه ايجوڪيشن آفيس ٿاڻوبولاخان جي پٽيوالي عبدالغفور خاصخيلي جي مان ۾ الوداعي پارٽي

ٿاڻوبولاخان (ن ع)تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پرائمري نثار علي ميمڻ جي آفيس جي پٽيوالي عبدالغفور خاصخيلي کي سٺ سال پورا ٿيڻ جي رٽائرمينٽ تي ٽي اي او پرائمري ۽ آفيس اسٽاف پاران سندس مان ۾ شاندار الوداعي پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو . تقريب ۾ ٽي اي او سيڪنڊري محمد مٺل خاصخيلي ٽي اي او پرائمري نثار علي ميمڻ . پ ٽ الف ڄامشورو صدر محمد بچل خاصخيلي پ ٽ اڳواڻ ڪليم خاصخيلي . گستا ضلعي ڄامشورو جي جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان گبول غلام علي پالاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته الوداعي تقريب کي اڳواڻن سهڻن الفاظن سان ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته عبد الغفور خاصخيلي پنهنجي پوري سروس ۾ ايمانداري ۽ سچائي سان ڊيوٽي سرانجام ڏني . پاڻ ڪڏهن به ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي نه ڪئي جڏهن ته ان موقعي تي عبدالغفور خاصخيلي سڀني جو ٿورو مڃيندي چيو ته اڄ توهان پاران مون کي جيڪا عزت ۽ مان مليو آهي شايد ان کي آئون زندگي ۾ وساري نه سگهان . تقريب

ڪمشنر سوشل سيڪيورٽي پاران ڊسپينسرين جو اوچتو ۽ هنگامي دورو

هادي بخش ڪلهوڙي گنجو ٽڪر،سيسي ڊائريڪٽوريٽ ۽ حيدرآباد جو دورو ڪيو

اسپتالن ۾ دوائن سميت ٻين کٽل شين کي هنگامي بنيادن تي پورو ڪيو ويندو:ڪمشنر

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ڪمشنر سوشل سيڪيورٽي هادي بخش ڪلهوڙو ڪالهه سوشل سيڪيورٽي حيدرآباد اسپتال سوشل سيڪيورٽي گنجو ٽڪر سرڪل سيسي ڊائريڪٽوريٽ ۽ حيدرآباد ريجن جي مختلف ڊسپينسرين جو اوچتو ۽ هنگامي دورو ڪري پورهيتن کي ملندڙ طبي سهولتن سان گڏ اسپتالن جي مسئلن کان آگاهي حاصل ڪندي هدايتون جاري ڪيون آهن ته مريضن کي جديد طبي سهولتن سان گڏ بهترين سروس فراهم ڪري ملازمن جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي اسپتالن ۾ دوائن سميت ٻين کٽل شين کي هنگامي بنيادن تي پورو ڪيو ويندو. تفصيل موجب ڪمشنر سوشل سيڪيورٽي هادي بخش ڪلهوڙو ڪالهه صبح جو حيدرآباد اسپتال جو دورو ڪيو جتي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سعيد احمد خان قائمخاني ڪمشنر کي اسپتال جي مختلف شعبن کان متعارف ڪرايو ۽ اسپتال جي مسئلن کان آگاهه ڪيو ڪمشنر سيسي وارڊن ۾ وڃي مريضن کان طبي سهولتن جي حوالي سان آگاهي حاصل ڪندي چيو ته حيدرآباد اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ سميت سڀني هر ضرورت کي هنگامي بنيادن تي پورو ڪيو ويندو ۽ ملازمن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ لاءِ بائيوميٽرڪ سسٽم کي فوري اسٽارٽ ڪيو وڃي دوري وقت ڊپٽي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر عبدالقيوم سهتو ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر اشتياق جعفري، ڊائريڪٽر ميرپورخاص سهيل احمد ڊپٽي ڊائريڪٽر غلام قادر مهر ايڊمن انچارج سليم هاليپوٽو ۽ ٻيا آفيسر توڙي عملو موجود هو ان کان اڳ ڪمشنر سيسي گنجو ٽڪر سرڪل سميت ان جي ڊسپينسرين جو دورو ڪيو ان موقعي تي چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر پشپا، ڊپٽي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر شفقت راڄپر ۽ ڊاڪٽر اعجاز تيوٽيو اسپتالن جي حوالي سان بريفنگ ڏني ڪمشنر سيسي دوري دوران سينٽرل ميڊيڪل اسٽور دوائن جي دستيابي، مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن او پي ڊي ۽ وارڊن جي صورتحال صفائي سٿرائي جي انتظامن ۽ آفيس جي نظم و ضبط جو گهرائي سان جائزو ورتو ان موقعي تي کيس درپيش معاملن ۽ مسئلن بابت آگاهي ڏني وئي جنهن تي ڪمشنر سيسي سمورن مسئلن کي جلد کان جلد حل ڪرائڻ جي پڪ ڏياري. ڪمشنر سيسي هادي بخش ڪلهوڙو لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته مريضن کي معياري، وقتائتي ۽ اثرائتي طبي سهولتن جي فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي بعد ۾ ڪمشنر سيسي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ سان سوشل سيڪيورٽي جي اسپتالن ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽرن جي ٽريننگ سميت ٻين شعبن ۾ سهڪار جي حوالي سان اهم ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي ڊائريڪٽر پرڪيورمينٽ ڊاڪٽر اڪرم شيخ به ڪمشنر سيسي سان گڏ هو

حيدرآباد ڪمشنر سوشل سيڪيورٽي پاران ڊسپينسرين جو اوچتو دورو ڪيو پيو وڃي

ٽلٽي شهر جي مين اسٽاپ تي هٿيارٻندن جي ڦرجي وڏي واردات

ٽلٽي جي واپاري ڏنيش ڪمار جي دڪان تان هٿيارٻندن جي ڦرلٽ

غلام الله (ن ع)ٽلٽي شهر جي مين اسٽاپ تي هٿيارٻندن جي ڦر جي وڏي واردات، واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي صدر سيٺ پون ڪمار جي ڀائٽي ۽ ٽلٽي جي واپاري ڏنيش ڪمار جي دڪان تان هٿيارٻندن جي ڦرلٽ

تي 5 لک روپيه روڪ ڦر ڪري موٽر سائيڪل تي ڦورو فرار اطلاع تي ايس ايس پي ٺٽو فاروق بجاراڻي پهچي واپارين کان ڦر واردات بابت ڄاڻ ورتي پوليس کي ناڪابندي ڪري ڦورن کي جلد گرفتار ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي ميونسپل ڪمشنر منگهوپير احمد يار گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

منگهوپير ٽائون ۾ آفيسرن سان اهم،جامع ۽ تفصيلي ميٽنگ

ميونسپل ڪمشنر احمديار ڪريرو ڪارڪردگي جو جائزو ورتو

عوامي ڀلائي جي معاملن ۾لاپرواهي،دير برداشت نه ڪئي ويندي؛احمديار ڪريرو

ڪراچي(بيورو رپورٽ)منگهوپير ٽائون ۾ عوامي مسئلن جي بروقت ۽ مؤثر حل ترقياتي منصوبن جي رفتار ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ ۽ بلدياتي نظام کي جديد ۽ فعال بڻائڻ لاءِ ميونسپل ڪمشنر منگهوپير ٽائون احمد يار ڪريرو طرفان لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سان هڪ اهم جامع ۽ تفصيلي ميٽنگ منعقد ڪئي وئي. ميٽنگ ۾ ڊائريڪٽر پارڪس سليم درياني ايڪس اي اين ايم اينڊ اي فهد ڪاڪي فوتو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن ساگر خان، ڊپٽي ڊائريڪٽر لينڊ آصف مغل ڊائريڪٽر انفارميشن اسد صديقي سميت ٻين لاڳاپيل کاتي آفيسرن شرڪت ڪئي. ميٽنگ دوران صفائي سٿرائي جي نظام، سيوريج ۽ نيڪاسي آب، پاڻي جي فراهمي روڊن جي مرمت ۽ بحالي اسٽريٽ لائٽن قبضا ختم ڪرڻ ۽ ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي خيال ونڊ ڪيو ويو. ميونسپل ڪمشنر احمد يار ڪريرو سڀني کاتن جي ڪارڪردگي جو باريڪ بيني سان جائزو ورتو ۽ واضح ۽ سخت هدايتون جاري ڪيون ته عوامي ڀلائي سان لاڳاپيل معاملن ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي، دير يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. ميونسپل ڪمشنر ٽائون ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن، مستقبل جي تجويز ڪيل منصوبن ۽ انتظامي سطح تي پيش ايندڙ چئلينجن بابت پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي هن زور ڏنو ته عوام کي بهتر، معياري ۽ پائيدار سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميه جي اولين ذميواري ۽ ترجيح آهي، جنهن لاءِ سڀني کاتا باهمي سهڪار هم آهنگي ۽ ٽيم ورڪ سان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ميدان ۾ موجود رهي عملي بنيادن تي مسئلا حل ڪيا پيا وڃن. ميٽنگ دوران ميونسپل ڪمشنر احمد يار ڪريرو سڀني آفيسرن کي هدايت ڪئي ته کاتي وارن معاملن ۾ مڪمل شفافيت، بروقت ڪارڪردگي ۽ اعليٰ معيار کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. هن عوامي شڪايتن جي فوري ۽ مؤثر ازالي لاءِ شڪايتي نظام کي وڌيڪ فعال بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته آفيسر باقاعدي طور تي فيلڊ وزٽس ڪن جيئن زميني حقيقتن موجب فيصلا ڪري سگهجن ۽ عوامي مسئلن جو مستقل ۽ پائيدار حل ممڪن بڻائي سگهجي. ميٽنگ جي اختتام تي ميونسپل ڪمشنر احمد يار ڪريرو ان عزم جو اعادو ڪيو ته منگهوپير ٽائون جي مجموعي بهتري، پائيدار ترقي ۽ عوامي سهولتن ۾ وڌيڪ واڌ لاءِ سڀني موجود وسيلا استعمال ڪيا ويندا، ۽ منگهوپير ٽائون کي هڪ منظم فعال ۽ مثالي بلدياتي ٽائون بڻائڻ لاءِ عملي ۽ مؤثر قدم تسلسل سان جاري رکيا ويندا

رئيس نظير احمد راهو پاران ايڊووڪيٽ اياز تنيو کي آجياڻو ڏنو ويو

مٽياري،حيدرآباد ۽ شهيد بينظيرآباد بار ڪائونسل عهديدارن شرڪت ڪئي

آجياڻي پروگرام جو مقصد ايڊووڪيٽ اياز تنيو کي مان ڏيڻ هو؛ نظير احمد راهو

نظير راهو جي هن تڏي تان سدائين محبتن جون جهوليون ڀري نڪتا آهيون؛اياز تنيو

سڪرنڊ (س ر)سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ اياز حسين تنيو جي مان ۾ سينيئر سياستدان زرعي ماهر، مهمان نواز ۽ اوطاقي شخصيت رئيس نظير احمد راهو پاران آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ مٽياري، حيدرآباد ۽ شهيد بينظيرآباد جي وڪيلن ۽ بار ڪائونسلن جي عهديدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميزبان نظيراحمد راهو پاران اياز حسين تنو کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو جنهن بعد آجياڻي جي ميزبان نظير احمد راهو ڳالهائيندي چيو ته سڀ کان پهرين ته مان شڪر گزار آهيان اوهان سڀني جو جيڪي منهنجي سڪ ڀرئي سڏ کي مان ڏئي کهي آيا آهن هن وڌيڪ چيو ته پروگرام جو مقصد ايڊووڪيٽ اياز تنيو کي مان ڏيڻ هو جنهن سان اسان جو پاڻيهي وارو گڏريل 20 سالن کان ڀائرن جيان رشتو آهي سندس شخصيت قرباني آهي جنهن وڪالت جو پڻ حق ادا ڪيو آهي ان موقعي تي امداد علي شاهه ، فضل قادر ميمڻ ، قربان پنهور، عبدالوهاب ، علي حيدر شاهه ، نظر محمد پرهياڙ ، بيريسٽر منصور علي شاهه ، علي اڪبر شاهه ، محمد ارشد قريشي ، اشفاق لغاري ، الطاف جوڻيجو جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته نظير احمد راهو جهڙا ڪردار موجوده دور ۾ گهٽ نظر ايندا هي اهو تڏو ۽ ٽاڪ آهي جتان هميشه محبتن جي ورهاست ٿيندي آهي آئي جو آڌر ڀاءُ جيڪڏهن ڪو ڏسي ته اهو ڪشمير راهو اچي نظير احمد راهو جي اوطاق اچي ڏسي هنن وڌيڪ چيو ته نظير احمد راهو علائقي جي ماڻهن لاءِ ڇپر ۽ ڇانو وارو ڪردار ادا ڪيو آهي نا اتفاقي ۽ ناراضگيءَ جي صورت ۾ به ماڻهن کي ٿاڻن ۽ عدالتن ۾ وڃڻ بجاءِ ڪين راڄوڻي سطح تي هڪ هنڌ ويهاري کير کنڊ ڪندو آهي اهو ڪردار عظيم انسان جو هوندو آهي آخر ۾ مهمان خاص ايڊووڪيٽ اياز حسين تنيو ڳالهائيندي چيو ته رئيس نظير احمد راهو جي هن تڏي تان سدائين محبتن جون جهوليون ڀري نڪتا آهيون ۽ دعائن جا ٻڪ ڀرجي مليا آهن حقيقت هيءَ آهي ته نظيراحمد راهو جو شان بيان ڪرڻ لاءِ لفظ جي چونڊ ڪرڻ مشڪل آهي چاڪاڻ جو پاڻ گهڻ پاسائين شخصيت آهي ۽ سندس سڀ پاسا سگهارا آهن سماجي پاسو هجي يا سياسي ، زرعي پاسو هجي يا راڄوڻي ڪردار هر موڙ تي سندس هاڪاري ڪردار رهيو آهي هن اهو به چيو ته اسين هن اوطاق کي سنڌ جي ثقافت جو اهم حصو سمجهون ٿا چاڪاڻ جو سنڌ مان ڪافي اوطاقون ختم ٿي ويون آهن پر نظير احمد راهو جي اوطاق ورهين کان قائم آهي تقريب دوران سرفراز احمد راهو ، عبدالعزيز راهو راحيل راهو ۽ عبدالغني ميمڻ سمورن آيل مهمانن کي لنگين جا تحفا پيش ڪيا آجياڻي تقريب ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ، شهري اتحاد جي سرپرست نياز لاشاري ، يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت جي صدر قاضي جاويد سنائي ، نيو سعيدآباد پريس ڪلب جي صدر ممتاز بلال ، بشير لاشاري ، احسن رضا پٽي ، الهيار ڪوڪر ، ايڊووڪيٽ سڪندر ڪيريو ، ايڊووڪيٽ نويد سومرو پڻ موجود هئا ان دوران شايان علي راهو ۽ ايڊووڪيٽ فاروق احمد راهو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو پروگرام جي پڄاڻيءَ تي سمورن آيل مهمانن جي مان ۾ سنڌي ڪاڌن ۽ سياري جي سوغات سان شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي آجياڻي ۾ عورت وڪيلن جو پڻ وڏو انگ موجود هو

سڪرنڊ رئيس نظير احمد راهو پاران ايڊووڪيٽ اياز تنيو کي ڏنل آجياڻي واري تقريب جو ڏيک

قاسم ميونسپل جي رٽائر ملازمن پاران پينشن روڪڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ميونسپل ڪميٽي 2مهينن کان بغير سبب ٻڌائي پينشن روڪي ڇڏي آهي؛ رحيم بخش

اسان جو علاج توڙي گهرياتين جو گذرسفر انهي پينشن تي آهي،پريشاني کان بچايو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)قاسم تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن ايڇ ايم سي پاران 2مهينن کان پينشن روڪڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون رحيم بخش سولنگي،محمد اسلم ۽ عبدالمجيد جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2023 کان ايڇ ايم سي تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن جو رڪارڊ پاڻ وٽ گهرائي پينشن جي ادائگي شروع ڪئي 2مهينا اڳ تائين پينشن ملڻ جو سلسلو جاري هو پر گذريل 2مهينن کان بغير سبب ٻڌائي پينشن روڪي ڇڏي آهي جنهن سبب ميونسپل ڪميٽي قاسم جا 300کان وڌيڪ رٽائر ملازم سخت پريشان ٿي ويا آهن. هنن چيو ته ايڇ ايم سي انتظاميا ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي بنا سبب پينشن روڪڻ سبب اسان جا گهرياتي فاقاڪشي جو شڪار ٿي ويا آهن. هنن چيو ته اسان سڀ 60سال يا ان کان وڌيڪ عمر جا پيرسن آهيون اسان جو علاج توڙي گهرياتين جو گذرسفر انهي پينشن تي آهي هنن ميئر حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ٻن مهينن جي پينشن فوري ادا ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

سکر ڪوهيڙي سبب ٽرين بيٺل نظر اچي رهي آهي

يونين ڪائونسل غلام الله جي واپاري، سياسي،سماجي اڳواڻن پاران کلي ڪچهري

ملازمن جي وڌيڪ ضرورت آهي بجيٽ گهٽ هجڻ سبب ملازم گهٽ رکيل آهن؛شهري

وڏي آبادي هجڻ باوجود هن شهر کي ڪا ترقي نه ملي سگهي آهي؛ اڳواڻن جو خطاب

غلام الله (ن ع)يونين ڪائونسل غلام الله جي واپاري ،سياسي ،سماجي اڳواڻن پريس ڪلب غلام الله رکيل کلي ڪچهري ۾ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته يونين ڪائونسل غلام الله جي بجيٽ گهٽ هجڻ ڪري ملازمن کي پگهارون ڏيڻ وقت وڏيون مشڪلاتون سان گذرڻو پوي ٿو جيتري حد تائين ملازمن کان ڪم ورتو وڃي ٿو اوتري حد تائين هنن جون پگهارون ناهن ، هتي ملازمن جي وڌيڪ ضرورت آهي پر بجيٽ گهٽ هجڻ سبب ملازم گهٽ رکيل آهن ، غلام الله شهر جي تمام وڏي آبادي آهي هن شهر کي ٽائون ڪميٽي جو درجو ملڻ گهرجي هنن وڌيڪ چيو ته گهوڙاٻاري بن وارڊن تي مشتمل آهي جنهن جي آبادي به

پيپلز پارٽي جي نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري ، ضلعي ڪائونسل چيئرمين عبدالحميد پنهور ۽ ٻين کي شهرين اها شڪايت اڳيان رکي جنهن تي اڳواڻن يقين ڏياري ڪرائيندي چيو ته هن شهر کي ٽائون جو درجو ڏيارڻ لاءِ ڪردار ادا ڪنداسين ۽ هن شهر کي ماڊرن شهر بڻايو ويندو شهر کي صاف سٿرو ماحول فراهم ڪيو ويندو جيڪي ڳالهيون صرف ڳالهين تائين محدود رهيون آهن هتان جي شهري نوجوان ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ عارف ڪٽي سيٺ ٺاڪو مل ، الياس خاصخيلي ، سبز علي مري ، رينواز رند،محمد علي رند، قادربخش ميمڻ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو ڪندي چيو ته يونين ڪائونسل غلام الله کي ترقي ڏياري مثالي بڻايو وڃي

سکر جي مصروف ترين جيلاني روڊ تي غير قانوني ڪار پارڪنگ شهرين لاءِ عذاب بڻجي وئي

سکر مينارا روڊ سلوپ لڳ جيلاني روڊ جي سامهون غير قانوني ڪار پارڪنگ رهاڪن لاءِ عذاب بڻيل، ٽريفڪ نظام درهم برهم

ڪاروباري سرگرمين کي ڪاپارو ڌڪ،بزرگ، عورتون، شاگرد، مريض ۽ شهري شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن

غير قانوني پارڪنگ سبب ٽريفڪ جي صورتحال متاثر ٿيڻ معمول جو حصو ٿي ويو آهي،مريضن کي وقت تي اسپتال پهچڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي؛شهري

پارڪنگ غير معاشرتي گروهن جو ڳڙهه بڻجي چڪي آهي،اسان هن مسئلي جي شڪايت ڪجهه سالن کان ڪري رهيا آهيون،پر ڪجهه نه ٿيو آهي

سکر(بيورو رپورٽ)سکر مصروف ترين جيلاني روڊ تي غير قانوني ڪار پارڪنگ شهرين لاءِ عذاب بڻجي وئي، ٽريفڪ نظام درهم برهم ان سلسلي ۾ سکر مينارا روڊ سلوپ لڳ جيلاني روڊ جي سامهون غير قانوني ڪار پارڪنگ رهاڪن لاءِ عذاب بڻجي وئي هر وقت ٽريفڪ جو جام هجڻ سبب ڪاروباري سرگرمين کي ڪاپارو ڌڪ رسي رهيو آهي بزرگ، عورتون، شاگرد، مريض ۽ شهري شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن. سماجي اڳواڻن مطابق هي غير قانوني پارڪنگ جيڪا هڪ وڏي پريشاني بڻجي چڪي آهي، جنهن سبب هر وقت ٽريفڪ جو جام رهڻ سيڪورٽي جا خدشا وڌي ويا آهن ۽ هر ڏينهن چوري، ڦرن ۽ ٻين ڏوهن ۾ اضافي جو سبب پڻ ٿي چڪو آهي،شهرين جو چوڻ آهي ته هن غير قانوني پارڪنگ سبب ٽريفڪ جي صورتحال متاثر ٿيڻ معمول جو حصو ٿي ويو آهي جيڪا مريضن کي وقت تي اسپتال پهچڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي، جنهن سان بروقت اسپتال تائين نه پهچڻ جي شرح ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي، هي غير قانوني پارڪنگ صرافه بازار گهنٽه گهر مينارا بازار نيم جي چاڙهي جيڪي مصروف تجارتي مرڪز آهن کي ڳنڍڻ جي واحد رستي تي اڏي وئي آهي جنهن جي قانوني ڪا به حيثيت نه آهي جڏهن ته غير قانوني پارڪنگ ڪرڻ وارن کان بيٺي رقم پڻ وصول ڪئي وڃي ٿي جنهنجو سکر ميونسپل ڪارپوريشن سميت انتظاميه ڪوئي به ايڪشن نه ورتو آهي.واپاري جماعتن، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن سميت شهرين اهڙي بدتر صورتحال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي هن غير قانوني ڪار پارڪنگ کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. انهن جو چوڻ آهي ته پارڪنگ غير معاشرتي گروهن جو پڻ ڳڙهه بڻجي چڪي آهي. شهري عبدالغفور جو چوڻ آهي ته اسان هن مسئلي جي شڪايت ڪجهه سالن کان ڪري رهيا آهيون پر ڪجهه نه ٿيو آهي . سماجي مذهبي ۽ شهرين سکر ميونسپل انتظاميه سميت ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد کان غير قانوني ڪار پارڪنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ فوري ڪارروائي جي اپيل ڪئي آهي نالي واري مقامي واپاري وسيم سومرو جو چوڻ آهي ته هن غير قانوني پارڪنگ جي سبب ڏينهون ڏينهن بدترين صورتحال ٿيندي پئي وڃي

حيدرآباد ۾ريڊيو پاڪستان جا 400 رٽائر ملازم 5سالن کان ڪميوٽيشن واري رقم کان محروم،احتجاج

رٽائر ٿيل ملازمن پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي

5سال جوعرصوگذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي،سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيا آهيون؛ امين زنئور

گهر ۾ شادي لاءِ نوجوان نياڻيون ويٺل آهن،گهر پنهنجو نه هجڻ سبب ڪرائي جي گهرن ۾ ڌڪا کائڻ تي مجبور آهيون

وفاقي حڪومت ريڊيوپاڪستان کي نٺلڪر ڪري ڇڏيو آهي وفاقي حڪومت ريڊيو پاڪستان طرف ڪا به توجه نٿي ڏي

حيدرآباد(رپورٽ:اعجاز لغاري)حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جا 400کان وڌيڪ رٽائر ملازم 5سالن کان ڪميوٽيشن واري رقم کان محروم،ماهوار پينشن جو دير سان ملڻ معمول بڻيل. احتجاج. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا400کان وڌيڪ رٽائر ملازم ڪميوٽيشن واري رقم نه ملڻ سبب مشڪلات جو شڪار آهن. ان سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ تي35سال سروس ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيل ملازم محمد امين زنئور ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي.ان موقعي تي هن چيو ته ريڊيوپاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ 35سال سروس ڪرڻ کان پوءِ سال 2021 ۾ رٽائر ٿيس رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 5سال جوعرصوگذري وڃڻ باوجودڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي جنهن سبب سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيو آهيان.هن چيو ته گهرشادي لاءِ نوجوان نياڻيون ويٺل آهن. گهر پنهنجو نه هجڻ سبب ڪرائي جي گهرن ۾ ڌڪا کائڻ تي مجبور آهيون. هن چيو ته اختيارين کي ڪيترائي دفعا لکڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي.هن چيو ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 400کان وڌيڪ رٽائر ملازم ڪميوٽيشن واري رقم لاءِ آفيسن جاڌڪا کائڻ تي مجبور آهن. هن چيو ته وفاقي حڪومت ريڊيوپاڪستان کي نٺلڪو ڪري ڇڏيو آهي وفاقي حڪومت ريڊيو پاڪستان طرف ڪا به توجه نٿي ڏي.هن صدر پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان ۽ اطلاعات کاتي واري وفاقي وزير کي اپيل ڪئي ته ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازمن جي مسئلن جو نوٽس وٺي ڪميوٽيشن واري رقم ڏياري پينشن جي ادائگي وقت سر ممڪن بڻائي وڃي

احتجاج
احتجاج
ريڊيو پاڪستان
حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جو رٽائرڊ ملازم امين زنئور رٽائرمينٽ جا پئسا نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊوالهيار تعليم کاتي ۾ 6 استاد جعلي ڀرتي ڪرڻ جو انڪشاف

اين سي ايڇ ڊي مان ضم ڪيل 43 مان 6 استاد جعلي ڀرتي ٿيا آهن؛امينه طاهرزاده

جعلي لسٽ تي ڊي او پرائمري، اڳوڻي ڊي اي او ۽ ٽي اي اوز صحيحون ڪيون آهن

ٽنڊوالهيار(ڊ ر)ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پ ٽ الف جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري امينه طاهرزاده، ضلعي صدر مختيار علي ميرجت ۽ سيد عبدالرزاق شاهه چيو آهي ته ٽنڊوالهيار ۾ اين سي ايڇ ڊي سان تعليم کاتي ۾ ضم ڪيل 43 استادن مان 6 استادن کي جعلي ڀرتي ڪيو ويو آهي ٽنڊوالهيار جي تعليم کاتي ۾ جعلي استادن واري لسٽ تي ڊي او پرائمري ، اڳوڻي ڊي اي او ۽ ٽي اي اوز صحيحون ڪيون آهن هن چيو ته ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد ۽ سيڪريٽري ايجوڪيشن جي هدايتن تي سمورن ضلعن ۾ اين سي ايڇ ڊي ملازمن جون فهرستون تعليم کاتي ۾ ضم ڪرڻ لاءِ گهرايون هيون . انهن استادن مان هڪ استاد پي ايس ٽي ٿيو هڪ جي ايس ٽي ٿيو هڪ ايل ايڇ وي جوائنٽ نه ڪئي 2 استاد رٽائرڊ ٿيا ۽ هڪ استاد فوت ٿي ويو هو جنهن بعد 6 سيٽون خالي ٿيون انهن خالي ٿيل سيٽن تي آفيسرن موقعي مان ڀرپور فائدو وٺندي مبينا طور رشوت وٺي 6 ملازم جا نالا شامل ڪري ڊي آر سي ۾ اماڻيا ويا هنن وڌيڪ چيو ته تعليم کاتي اها لسٽ بغير ڇنڊ ڇاڻ جي انهن 6 جعلي استادن سميت 43 ملازمن کي تعليم کاتي ۾ ضم ڪري ڇڏيو آهي اسان ٽنڊوالهيار جي ڊپٽي ڪمشنر سميت تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن کي درخواستون ڏنيون ويون پر ڪو به ايڪشن ناهي ڪيو ويو ۽ نه ئي ڪا انڪوائري ڪئي وئي آهي هنن وزير اعليٰ سنڌ . تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه سميت ٻين واسطيدار اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته جعلي ڀرتي ڪيل استادن کي خارج ڪري ملوث آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو سڏ ڏنو ويندو

ALLAHYAR
PRESS
CLUB
ٽنڊوالهيار تعليم کاتي ۾ جعلي استاد ڀرتين خلاف پ ٽ الف اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

بجير محلہ مٽلي ۾ وين جي ٽڪر ۾معصوم ٽينگر فوت

مٽلي (ڊ-ر)ڪالهه رات اوير بجير محلو مٽلي ۾ وين ٽڪر هڻي 8 سالن جي معصوم ٽينگر رونق عباس ولد راشد بجير کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي نازڪ حالت ۾ لال بتي موڪليو ويو جتي هو فوت ٿي ويو ۽ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. جڏهن ته مٽلي پوليس وين ۽ ڊرائيور اختر بجير کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

وڳڻ لڳ نامعلوم چور دڪان جا تالا ٽوڙي سامان چوري ڪري فرار

وڳڻ(ن ع)وڳڻ لڳ ڳوٺ ٽرڙي هاشم ۾ نامعلوم چور زاهد علي خاصخيليءَ جي ڪرياني جي دڪان جا تالا ٽوڙي دڪان ۾ پيل لکين رپين جي ماليت جو سامان گيهه کنڊ، پتي سگريٽ، شيمپو پيسٽ، برش ۽ ٻارن جون شيون چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته چوريءَ واقعي جو وڳڻ ٿاڻي تي پڻ اطلاع ڏنو ويو جنهن بعد پوليس پهچي دڪان مالڪ کان چوريءَ بابت ڄاڻ ورتي رابطو ڪرڻ تي متاثر دڪاندار زاهد علي خاصخيلي ٻڌايو ته رات دير سان چور اسانجي دڪان مان لکين رپين جي ماليت جو سامان چوري ڪري ويا آهن اسان جيئن ئي دڪان تي پهتاسين ته سمورو سامان چور کڻي ويا هيا هن چيو ته اسانجي دڪان مان اڳ به چور ڪيترائي ڀيرا چوري ڪري ويا آهن جنجي اين سي پڻ داخل ڪرائي هئي پر پوليس چور پڪڙڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي هن مطالبو ڪيو ته چور پڪڙي چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي

ابڙال ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سجاول جون ساليانو چونڊون ٿي گذريون

ڏڙو (ن ع)ڏڙي لڳ جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سجاول جون سال 2026 جون نيون چونڊون ابڙال شهر جي جامع مسجد جمال مصطفي ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ جماعت سان روحاني تعلق رکندڙ مريدن ۽ سوين عقيدت مندن شرڪت ڪئي جڏهن ته اتفاق راءِ سان سجاول ضلعي جي باڊي لاءِ صدر مولانا عبدالرحمان چانڊيو طاهري، جنرل سيڪريٽري لاءِ مولانا عبدالستار سومرو طاهري، پريس سيڪريٽري محمد حنيف چانڊيو ۽ فنانس سيڪريٽري لاءِ شاهنواز خاصخيلي کي چونڊيو ويو آن موقعي تي چونڊيل عهديدارن اعلان ڪيو ته تمام جلد سجاول ضلعي جي مختلف تعلقن سٽي ۽ يونين ڪائونسلن جي مڙني شهرن ۾ جماعت اصلاح المسلمين جون باڊيون جوڙي جماعت کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪري دين جي ڪم کي اڳيان وڌايو ويندو

جماعت اصلاح المسلمين برانچ باڊهه جي چونڊ،معشوق مسڻ صدر چونڊجي ويو

باڊهه (ن ع)جماعت اصلاح المسلمين برانچ باڊهه جي چونڊ، خليفه معشوق علي مسڻ صدر ۽ نويد رضا جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. ضلعي سينيئر نائب صدر ضميرالدين ملڪ طاهري جي صدارت ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ باڊهه جو اهم اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ برانچ جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تنظيمي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ متفقه راءِ سان سال 2026ع لاءِ نوان عهديدار چونڊيا ويا، جن ۾ صدر خليفه معشوق علي مسڻ طاهري، نائب صدر خليفه محمد ايوب بروهي طاهري، جنرل سيڪريٽري نويد رضا مسڻ جوائنٽ سيڪريٽري خادم حسين ٻگهيو طاهري، فنانس سيڪريٽري فقير برڪت علي ملاح طاهري، پريس سيڪريٽري محمد طاهر

گستا جو اڳوڻي مرڪزي صدر الهرکيو خاصخيلي جو مڙهه مٽي ماءُ حوالي

هزارين آلين اکين سان واين ۽ نوحا خواني ۾مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

يوسي چيئرمين بشير خاصخيلي،گستا اڳواڻ اعجاز خاصخيلي سان تعزيت جو سلسلو جاري

هنگورجا(ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جي اڳواڻ ۽ يوسي صفوراڻ جي چيئرمين بشيراحمد خاصخيلي جي وڏو ڀاءُ گستا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر استاد الهرکيو خاصخيلي جو مڙهه هنگورجا پرسان ڳوٺ سرائي صيفل خاصخيلي جي اباڻي قبرستان ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي ۽ نوحا خواني سان گڏ هزارين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي مرحوم استاد الهرکيو خاصخيلي جي جنازي نماز سنڌ جي مشهور شيعا عالم سيد محسن شاهه نقوي پڙهائي وئي جنازي نماز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري جماعت اسلامي سنڌ جو مرڪزي اڳواڻ ممتاز سهتو .سڪا جي مرڪزي اڳواڻ منظور حسين اجڻ . گستا جي مرڪزي صدر مقصود مهيسر . شيعا عالم سيد اصغر علي شاهه نقوي . پ پ پ اڳواڻ سرائي نثار خاصخيلي عابد خاصخيلي غلام عباس ڪبر .سيد حسن شاهه لڪياري يوسي سمي جي چيئرمين ميان مٺل پيرزادو،يوسي سيدارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي يوسي رسول آباد جي چيئرمين عبدالقادر ميمڻ يوسي پونيٺ پور جي محمد رمضان سهتو .گستا اڳواڻ لياقت علي خاصخيلي گستا اڳواڻ منير کهڙو . يوسي سگهيوڙ جي وائيس چيئرمين لياقت علي قريشي . خيرپور صحافي اتحاد جي چيئرمين غلام حسين چانگ شمن راڄپر عبدالجبار چانگ . پريس ڪلب راڻيپور جي صدر عبدالرحيم سولنگي . شاهه جي مشير پريس ڪلب جي صدر نذير سولنگي . سيد احمد شاهه . استاد بشيراحمد سهتو . محمد مٺل سهتو عبدالمقيم ميمڻ هزارين سوين ماڻهن شرڪت ڪئي آهي استاد الهرکيو خاصخيلي جي جي وڇوڙي تي سندس وارثن ايس يوپي اڳواڻ فتح علي خاصخيلي. پ پ پ اڳواڻ ۽ يوسي سفوراڻ جي چيئرمين بشير خاصخيلي،گستا اڳواڻ اعجاز خاصخيلي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

هنگورجا گستا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر الهرکيو خاصخيلي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ٺرڙي محبت ووڪيشنل اسڪول مان سلائي مشينون ۽ ڪرسيون چوري

چور سلائي ۽ برٿ پرڙ وارين اٺ مشينون ۽ پنج ڪرسيون چوري ڪري ويا

چورن اسڪول جي ڪمرن جا تالا ماسٽر چابي سان کولي سامان چوري ڪيو؛ انچارج

ٺرڙي محبت(ن ع)ووڪيشنل اسڪول مان گذريل رات نامعلوم چور اسڪول جي ڪمرن جا تالا ماسٽر چابي سان کولي اتي پيل سلائي ۽ برٿ پرڙ وارين اٺ مشينون ۽ پنج ڪرسين سميت ٻيون سامان چوري ڪري ويا آهي جڏهن چوري خبر پوڻ تي ميڊيا جا نمائندا اتي پهتا جن کي اسڪول جي انچارج مشما جاتوري ٻڌايو ته رات نامعلوم چورن اسڪول جي ڪمرن جا تالا ماسٽر چابي سان کولي سامان چوري ڪري ويا آهن هن ٻڌايو ته اسان جي اسڪول کي سرڪاري چوڪيدار ناهي جنهنڪري چور آساني سان تالا کولي چوري ڪري ويا آهن هن پنهنجي اداري جي اعليٰ آفيسر کان مطالبو ڪيو ته هو چوڪيدار ۽ ڪلارڪ مقرر ڪن هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته مون اڳ ڪئي ڀيرا پنهنجي بالا آفيسرن کي چوڪيدار جي مقرري لاءِ لکيون آهي پر هن وقت تائين چوڪيدار ۽ ڪلارڪ ناهي ڏنو ويو هن اءِ جي سنڌ پوليس ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ياد رهي ته ووڪيشنل اسڪول ۽ گرلس هاءِ اسڪول جو مين گيٽ ساڳيون آهي جتان چور مين گيٽ کولي اندر داخل ٿيا آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپوٽر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 08 جنوري 2026ع

سنڌ حڪومت پاران ڌوهارين خلاف آپريشن جو اعلان!

سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته ڪچي جي علائقن ۾ موجود ڌوهارين جي خلاف گرينڊ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، آءِ جي ٻڌايو ته ڪچي ۽ پڪي ٻنهي علائقن ۾ پوليس جا دستا سرگرم ۽ تيار آهن. ڌاڙيلن جي پناهگاهن کي تباهه ڪري انهن جي سهولتڪارن خلاف به ڪارروائي جاري آهي، جديد ٽيڪنالاجي ۽ انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز ذريعي ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن جو پيرو کنيو ويندو. ڪچي جي علائقن ۾ پوليس جي مستقل موجودگيءَ سان ڏوهن جي پاڙ پٽي ويندي. سکر ۾ اجلاس کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي گهرو وزير جو چوڻ هو ته جيڪي ڌاڙيل هٿيار ڦٽا ڪندا انهن کي هڪ موقعو ڏنو ويندو پر جيڪي پاڻ کي طاقتور سمجهن ٿا ۽ هٿيار ڦٽا نه ڪندا، انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

سکر ۾ ٿيل امن امان بابت اعليٰ سطحي اجلاس ۽ ان کانپوءِ وزير داخلا جي بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هاڻي معاملي کي رڳو بيانن تائين محدود رکڻ بدران عملي طور سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌايو پيو وڃي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران ڏنل بريفنگ موجب پوليس ڪچي ۽ پڪي ٻنهي علائقن ۾ سرگرم آهي. ڌاڙيلن جي پناهگاهن کي ڊاهي پٽ ڪيو پيو وڃي ۽ سندن سهولتڪارن خلاف به ڪارروائي جاري آهي. جديد ٽيڪنالاجي ۽ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جو ذڪر ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته هاڻي پراڻن ۽ ناڪام طريقن بدران نئين حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي آهي. وزير داخلا جو اهو چوڻ ته ”جيڪو ڌاڙيل هٿيار ڦٽا ڪندو، ان کي هڪ موقعو ڏنو ويندو“ انتهائي اهم پيغام آهي. اهو بيان رڳو طاقت جي استعمال جو اعلان نه پر رياست طرفان اصلاح ۽ واپسيءَ جا در به کليل رکڻ جي علامت آهي. تاريخ شاهد آهي ته رڳو گولي ۽ بندوق سان مسئلا حل ناهن ٿيندا. جيستائين سماجي، معاشي ۽ نفسياتي پهلوئن کي به نظر ۾ نه رکيو وڃي. ڪيترائي ماڻهو مجبوري، غربت يا قبائلي دشمنين سبب ڏوهن جي دنيا ۾ داخل ٿين ٿا، اهڙن لاءِ هٿيار ڦٽا ڪري عام زندگي ڏانهن موٽڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. ٻئي طرف وزير داخلا جو اهو واضح پيغام به سامهون آهي ته جيڪي پاڻ کي طاقتور سمجهن ٿا، هٿيار نٿا ڦٽا ڪن ۽ رياستي رٽ کي للڪارين ٿا، انهن کي سختيءَ سان منهن ڏنو ويندو. هيءَ ڳالهه به بلڪل درست آهي، ڇو ته جيڪڏهن رياست ڪمزور نظر آئي ته ان جو فائدو ڏوهاري کڻندا. امن امان قائم ڪرڻ لاءِ رياست جي طاقت جو واضح ۽ فيصلائتو اظهار ضروري آهي.

ٻئي پاسي پنجاب جي ڪچي واري علائقي، خاص ڪري رحيم يار خان ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪامياب آپريشن ۽ هڪ ڪروڙ روپين جي انعام يافته ڌاڙيل ميان لناڻي سميت ٻين ڏوهارين جو هٿيار ڦٽا ڪرڻ هڪ اميد افزا مثال آهي. پنجاب پوليس جي انٽيليجنس بيسڊ ٽارگيٽڊ ڪارروائين مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته جيڪڏهن حڪمت عملي واضح، ارادو مضبوط ۽ قيادت بااختيار هجي ته ڏوهاري به نيٺ هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. سنڌ حڪومت لاءِ پنجاب جو هي مثال سکڻ جوڳو آهي. رڳو آپريشن شروع ڪرڻ ڪافي ناهي، پر ان کي منطقي انجام تائين پهچائڻ، علائقي ۾ مستقل پوليس جي موجودگي، ترقياتي ڪم، تعليم، روزگار ۽ قبائلي تڪرارن جي منصفاڻي حل ڏانهن به ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪچي جا علائقا آپريشن کان پوءِ وري وساريا ويا ته مسئلو ڪجهه وقت کان پوءِ ٻيهر ڪَرُ کڻي بيهندو. بهرحال، هتي اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪچي جي ڌاڙيلن خلاف گرينڊ آپريشن سنڌ لاءِ هڪ اهم امتحان آهي. هي رڳو پوليس يا حڪومت جو امتحان ناهي، پر رياست جي رٽ، انصاف جي بالادستي ۽ عام ماڻهن جي تحفظ جو سوال آهي. جيڪڏهن اعلان ڪيل حڪمت عملي ايمانداري، تسلسل ۽ سياسي مداخلت کان پاڪ نموني سان جاري رهي ته اميد آهي ته ڪچي جو علائقو به آهستي آهستي امن ڏانهن موٽي سگهندو. عوام هاڻي رڳو بيان نه پر نتيجا ڏسڻ چاهي ٿو

Notes from Europe

پنهنجو پاڻ سان ملاقات ۽ ذهني سڪون جو هڪ رستو!

عبدالله عثمان موراڻي

اڄ جي تيز ترين ڊجيٽل دور ۾ جتي اسان جو گهڻو وقت سوشل ميڊيا جي گوڙ، نوٽيفڪيشنز ۽ دنيا جي گوڙ ۾ گذري ٿو اتي اسين اڪثر پنهنجي اندر جي آواز کي ٻڌڻ وساري ويهندا آهيون. اسين ٻين جي زندگين بابت ته سڀ ڪجهه ڄاڻون ٿا پر پاڻ کان اڻواقف ٿيندا پيا وڃون. اهڙي حال ۾ ”ڊائري لکڻ“ رڳو هڪ پراڻي عادت ناهي پر اها پنهنجو پاڻ سان گفتگو ڪرڻ، ذهني انتشار کي گهٽائڻ ۽ روحاني سڪون حاصل ڪرڻ جو هڪ پراڻو پر اثرائتو طريقو آهي.

ڊائري لکڻ جي اهميت يا اها ڇو ضروري آهي؟: ڊائري لکڻ جو مقصد رڳو ڏينهن جا واقعا درج ڪرڻ ناهي پر پنهنجن جذبن کي لفظن جو روپ ڏيڻ آهي. نفسياتي ماهرن موجب جڏهن اسين پنهنجين پريشانين، خوفن يا ناڪامين کي ڪاغذ تي لاهيندا آهيون ته اسان جو دماغ انهن کي وڌيڪ واضح طور تي سمجهڻ شروع ڪندو آهي ۽ ائين ڪرڻ سان دل جو بار هلڪو ٿي ويندو آهي. اهو هڪ اهڙو دوست آهي جيڪو اسان جي ڳالهه بنا ڪنهن تنقيد جي ٻڌي ٿو ۽ رازن کي پڻ محفوظ رکي ٿو.

ان سان گڏوگڏ ڊائري اسان کي ٻڌائي ٿي ته اسان ڪٿي غلط هئاسين ۽ ڪٿي صحيح. اها اسان جي شخصيت کي نکارڻ جو آئينو پڻ آهي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته انساني حافظو ڪيترو به تيز هجي پر وقت گذرڻ سان واقعن جي شدت گهٽجي ويندي آهي. ڊائري انهن گهڙين کي وقت جي قيد مان آزاد ڪري محفوظ ڪري ڇڏيندي آهي. ڪجهه سالن کانپوءِ پنهنجي ئي لکيل ڊائري پڙهڻ ڪنهن ٽائيم مشين ۾ سفر ڪرڻ کان گهٽ ناهي هوندو.

ڊائري لکڻ جا جديد طريقا يا لکت سان گڏ خاڪا (Sketching): هاڻوڪي دور ۾ ڊائري لکڻ جو انداز رڳو پيراگرافن تائين محدود ناهي رهيو. هاڻي ماڻهو ان کي وڌيڪ دلچسپ بڻائڻ لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪن ٿا. مثال طور بلٽ جرنلنگ واري طريقي ۾ ٿئي ائين ٿو جو جيڪڏهن ڪنهن وٽ وقت گهٽ آهي ته رڳو ڏينهن جي ٽن مکيه ڪمن حاصلات يا غلطين کي نقطن (Points) جي صورت ۾ لکي سگهجي ٿو.

ٻيو وري ته ڪڏهن ڪڏهن لفظ جذبن جو ساٿ ناهن ڏيندا. ان صورت يا اهڙي وقت ۾ پنهنجي ڪيفيت جو هڪ ننڍڙو خاڪو ٺاهڻ يا ڪنهن منظر جي اسڪيچنگ ڪرڻ ذهن کي عجيب سڪون ڏيندو آهي. هي آرٽ ٿراپي جو هڪ روپ آهي. سڀ کان اهم ته روزانو انهن ٽن شين جا نالا لکڻ جن لاءِ پاڻ قدرت جا شڪرگذار آهيون. هي عمل انسان جي سوچ کي ناڪاري خيالن مان ڪڍي هاڪاري خيالن طرف وٺي وڃي ٿو.

عالمي شخصيتون ۽ ڊائريون: تاريخ گواهه آهي ته دنيا جي عظيم ذهنن ڊائريءَ کي پنهنجو ساٿي بڻايو. مثال جي طور تي اين فرينڪ (Anne Frank) جي ڊائري ”The Diary of a Young Girl“ اڄ به دنيا جي مشهور ترين ڪتابن مان هڪ آهي. جنهن ڏيکاريو ته ڪيئن هڪ ٻارڙي جنگ جي خوف ۽ اڪيلائيءَ کي پنهنجي قلم ذريعي شڪست ڏني ان سان گڏوگڏ ليونارڊو ڊا ونچي جون ڊائريون رڳو لکت نه پر سندس سائنسي ايجادن، اناٽومي ۽ آرٽ جي خاڪن سان ڀريل هيون. هن ثابت ڪيو ته ڊائري هڪ تخليقي ليبارٽري پڻ ٿي سگهي ٿي.

مشهور اديبه ورجينيا وولف پنهنجي ڊائريءَ کي لکڻ جي مشق ۽ پنهنجي ذهني صحت کي برقرار رکڻ لاءِ استعمال ڪندي هئي. مارڪس اوريليئس جون ڊائريون اڄ ”Meditations“ جي نالي سان فلسفي جو اهم ڪتاب آهن.

ڊائري لکڻ جي پويان ذهني سوچ: ڪجهه ماڻهو ڊائري لکڻ کي وقت جو ضايع سمجهن ٿا، ڇاڪاڻ ته هو ”حال“ ۾ رهڻ بدران يادن کي محفوظ ڪرڻ کان بچن ٿا. ان جي ابتڙ ڊائري لکندڙ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي هڪ ”ڪهاڻي“ طور ڏسندا آهن. اهي پنهنجي غلطين مان سکڻ جا خواهشمند هوندا آهن. ڊائري لکڻ يا نه لکڻ جي پويان به مختلف سوچون ڪم ڪن ٿيون. جيڪي ماڻهو نه ٿا لکن اهي اڪثر پنهنجي جذبن کي منهن ڏيڻ کان ڪترائيندا آهن يا کين لڳندو آهي ته سندن زندگي ايتري اهم ناهي جو ان کي لکيو وڃي ان جي ابتڙ ڊائري لکندڙ پنهنجي زندگيءَ کي هڪ ”ڪهاڻي“ طور ڏسندا آهن اهي پنهنجي هر تجربي مان سکڻ چاهيندا آهن. اهي پنهنجين ناڪامين جو ڪليل اکين سان مقابلو ڪن ٿا ۽ پنهنجي ڪاميابين کي ملهائين ٿا.

ڇا ڊائري لکڻ توهان کي هڪ سٺو لکندڙ بڻائي سگهي ٿو؟: يقيني طور تي دنيا جو ڪو به وڏو اديب مشق کان سواءِ تخليقڪار ناهي بڻيو. ڊائري لکڻ سان لفظن جو ذخيرو وڌي ٿو. ڊائري لکڻ پنهنجن خيالن کي ترتيب ڏيڻ سيکاري ٿي. ڊائري لکڻ اسان کي پنهنجو هڪ منفرد لهجو ڳولڻ ۾ مدد ڪري ٿي ۽ اسان جو هڪ خاص ”اسٽائيل“ يا لهجو پيدا ٿئي ٿو ۽ جڏهن اسان روزانو لکون ٿا ته لکڻ جي ڏکيائي ختم ٿي ويندي آهي ۽ اسان جو قلم وڌيڪ روانيءَ سان هلڻ لڳندو آهي. دنيا جا وڏا اديب اڪثر ڪري پنهنجي لکڻ جي شروعات ڊائريءَ کان ئي ڪندا آهن.

ڇا اسان کي ڊائري لکڻ گهرجي؟: هرشيءِ جا فائدا ۽ نقصان هوندا آهن ڊائري لکڻ جو رڳو هڪ ئي ممڪن نقصان آهي ته ڪو ٻيو ان کي پڙهي سگهي ٿو (جنهن جو حل ان

لاطيني امريڪا: نازڪ موڙ تي..؟

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

نئين سال جي شروعات سان گڏ سڀ کان وڏي خبر لاطيني امريڪا جي هڪ اهم ترين ملڪ وينزويلا مان سامهون آئي آهي، جيڪا اڃا تائين عالمي ميڊيا تي ڇانيل آهي. لاطيني امريڪا جي وڏي حصي، جنهن ۾ برازيل، ميڪسيڪو، ڪولمبيا، يوراگوئي، چلي ۽ ڪيوبا جهڙا ملڪ شامل آهن، انهن جو خيال آهي ته وينزويلا ۾ آمريڪا جي ڪارروائي ملڪ جي خودمختياريءَ جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي. انهن ملڪن جو چوڻ آهي ته اهڙو قدم گڏيل قومن جي منشور جي به سڌي طرح خلاف آهي ۽ ان سان خطي ۾ وڌيڪ عدم استحڪام ۽ تشدد وڌڻ جو خدشو آهي. لاطيني ملڪن جي اڪثريت جو واضح موقف آهي ته ڪنهن به ملڪ ۾ حڪومت بدلائڻ جو حق نه ته ڪنهن پرڏيهي طاقت کي آهي ۽ نه ئي ٻاهرين ملڪن کي، پر اهو فيصلو صرف ۽ صرف ان ملڪ جي عوام جو بنيادي حق آهي. ٻئي پاسي لاطيني امريڪا ۾ ارجنٽائن جهڙا ملڪ به آهن، جيڪي امريڪا جي قدمن جي حمايت ڪندي تازين پيش رفتن کي جمهوري قدرن جي واڌ ويجهه قرار ڏئي رهيا آهن. اها ڳالهه دلچسپ به آهي ۽ سوچڻ جهڙي به، ته هيءَ ورهاست رڳو سرڪاري بيانن تائين محدود ناهي، پر وينزويلا واري بحران بابت مختلف حلقن ۾ به راءِ ورهايل نظر اچي ٿي. ڪجهه ماڻهو امريڪي ڪارروائي کي لاطيني امريڪا سان ٿيل تاريخي ناانصافين جو هڪ ٻيو ڪڙو سمجهن ٿا، جڏهن ته ٻيا ان کي علائقي کي آمرانه نظام کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جو ’سونهري موقعو‘ قرار ڏئي رهيا آهن. وينزويلا جي واقعي لاطيني امريڪا ۾ موجود ٻين امريڪا مخالف حڪومتن لاءِ به خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي آهي. انهيءَ حوالي سان لاطيني امريڪي ميڊيا به صاف طور ٻن حصن ۾ ورهايل نظر اچي ٿي: هڪ پاسي اهڙو ميڊيا آهي جيڪو امريڪي قدم کي سامراجي جارحيت سڏي ٿو جڏهن ته ٻئي پاسي مخالف ڌر جو ميڊيا ان کي ’جمهوري مداخلت‘ طور پيش ڪري خوش آمديد چوندي نظر اچي ٿو.

منهنجي خيال ۾ لاطيني امريڪا دنيا جي نقشي تي اهو علائقو آهي، جيڪو نوآبادياتي دور کان وٺي سرد جنگ تائين ۽ هاڻي 21هين صدي جي جديد زماني ۾ به لڳاتار ٻاهرين مداخلتن، اندروني بحرانن، سياسي ڇڪتاڻ ۽ نظرياتي ورهاست کي منهن ڏيندو آيو آهي. گذريل صدي ۾ سرد جنگ جي زماني دوران، سوويت يونين جي اثر هيٺ مختلف سوشلسٽ حڪومتن لاطيني امريڪي ملڪن ۾ اهڙو قومپرست لاڙو وڌايو، جنهن سبب انهن ملڪن پنهنجي پاڙي ۾ موجود سپر پاور امريڪا کان فاصلو اختيار ڪرڻ شروع ڪيو. تاريخي طور ڏٺو وڃي ته سوويت يونين ۽ لاطيني امريڪا جا لاڳاپا رڳو سفارتي حدن تائين محدود نه رهيا آهن پر ڏهاڪن تائين دفاعي، فوجي ۽ اسٽريٽيجڪ تعاون تي ٻڌل رهيا آهن سوويت يونين لاطيني امريڪا ۾ پنهنجو اثر وڌائيندي، امريڪا جي مقابلي ۾ پاڻ کي هڪ مضبوط سپر پاور طور قائم رکڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون. سوويت يونين ٽٽڻ کانپوءِ به روس لاطيني امريڪا سان هٿيارن ۽ دفاعي نظامن جي وڪري جو سلسلو جاري رکيو. خاص طور تي جڏهن روسي ٺهيل ايئر ڊفينس سسٽم فراهم ڪيا ويا. تڏهن دعوائون ڪيون ويون ته لاطيني امريڪا جو دفاع هاڻي ناقابلِ شڪست بڻجي ويو آهي. انهيءَ سموري پسمنظر ۾ وينزويلا علائقي اندر روس جو سڀ کان وڏو دفاعي ڀائيوار ۽ روسي هٿيارن جو اهم خريدار بڻجي سامهون آيو.

ميڊيا رپورٽن موجب وينزويلا روس کان اربين ڊالرن جا هٿيار خريد ڪيا هئا. انهن خريد ڪيل هٿيارن ۾ ايس-300 ۽ بُڪ ايئر ڊفينس سسٽم، ايس يو-30 جهڙا جديد جنگي جهاز، بڪتر بند گاڏيون ۽ ٽينڪ شامل هئا. روسي فوجي ماهرن جي مدد سان وينزويلا پنهنجو دفاع مضبوط بڻائڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو، پر تازو جڏهن وينزويلا جي راڄڌاني ۾ انتهائي حساس ۽ اعليٰ سطح جي فوجي ڪارروائي ٿي، تڏهن روسي ٺهيل هوائي دفاعي نظام امريڪي جهازن کي روڪڻ ۾ ناڪام رهيو. نه ته ڪا مؤثر مزاحمت ڏسڻ ۾ آئي ۽ نه ئي غير ملڪي جهاز ڪيرائڻ جي ڪا پڪ ٿيل شاهدي سامهون آئي. عالمي دفاعي ماهرن جو چوڻ آهي ته وينزويلا ۾ لڳايل روسي فراهم ڪيل ايئر ڊفينس سسٽم اصل ۾ فعال ٿي نه ٿي سگهيو. روسي ٺهيل هوائي دفاعي نظام جي ناڪاميءَ تي رڳو وينزويلا ۾ ئي بحث ناهي ٿيو پر ان کان اڳ وچ اوڀر ۽ ايران ۾ به روسي دفاعي نظام جي ڪارڪردگيءَ تي سنجيده سوال اٿيا آهن. شام ۾ اڳوڻي حڪمران بشار الاسد جي اقتدار جو دارومدار روسي فوجي سهائتا تي هو، پر ان جي باوجود روسي دفاعي نظام شام ۾ ٿيندڙ غير ملڪي هوائي حملن کي مؤثر نموني روڪڻ ۾ ناڪام رهيو. اهڙي ئي ڪمزوري ايران ۾ به نظر آئي، جتي حساس تنصيبات جي حفاظت لاءِ لڳايل روسي ايئر ڊفينس سسٽم عملي طور ناڪاره ثابت ٿيو. جيڪڏهن يوڪرين واري جنگ ڏانهن ڏسجي ته روس پنهنجي سموري هوائي طاقت استعمال ڪرڻ باوجود يوڪرين جي آسمانن تي مڪمل بالادستي قائم نه ڪري سگهيو آهي. جڏهن ته يوڪرين جا ڊرون ۽ ميزائل روسي هوائي دفاعي نظام لاءِ لڳاتار وڏو دردِ سر بڻيل رهيا آهن.

عالمي سطح تي جيڪڏهن روسي ايئر ڊفينس سسٽم جو سڀ کان وڏو خريدار ڪنهن ملڪ کي چيو وڃي ٿو ته اهو اسان جو پاڙيسري ملڪ ڀارت آهي. روسي دفاعي نظام جي وينزويلا، وچ اوڀر ۽ ٻين ملڪن ۾ ناڪاميءَ کانپوءِ ڀارت ۾ به سخت ڳڻتي پيدا ٿي وئي آهي. مون کي ياد آهي ته اڄ کان لڳ ڀڳ اٺ سال اڳ جڏهن ڀارت روس کان ساڍا پنج ارب ڊالرن جي ماليت جا ايس-400 ايئر ڊفينس سسٽم خريد ڪيا هئا، تڏهن عالمي سطح تي ان فيصلي تي سخت تنقيد ٿي هئي. پر مودي سرڪار ان کي قومي سلامتي جو مسئلو قرار ڏئي، مغربي ملڪن جي دٻاءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. ان وقت ڀارت اهو سمجهي رهيو هو ته روسي ٺهيل ايئر ڊفينس سسٽم، پاڪستان ۽ چين ٻنهي خلاف ان جي هوائي دفاع کي ناقابل شڪست بڻائي ڇڏيندو. پر اڄ ساڳئي معاملي تي خود ڀارت جي اندر، سرحد پار دفاعي ماهر به شڪ ۽ شبهن جو شڪار نظر اچن ٿا. منهنجي نظر ۾ دنيا جو ڪو به دفاعي نظام تڏهن ئي حقيقي طور اثرائتو ثابت ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان کي اعليٰ درجي جي انٽيليجنس، جديد ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سسٽم ۽ مڪمل هوائي حڪمتِ عملي سان گڏ استعمال ڪيو وڃي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته هٿيار هلائڻ وارو ڪيترو پيشاور، تربيت يافته ۽ وطن جي بچاءَ لاءِ جان قربان ڪرڻ جو جذبو رکندڙ آهي. ان جو عملي مثال گذريل سال مئي مهيني ۾ پاڪ-ڀارت هوائي ڇڪتاڻ دوران سامهون آيو، جڏهن پاڪستان جي بهادر فوج ناقابل شڪست سمجهيا ويندڙ رافيل جهاز ڪيرائي سڄي دنيا اڳيان پنهنجي صلاحيت ثابت ڪئي. منهنجي خيال ۾ اڄ وينزويلا جو بحران رڳو هڪ ملڪ تائين محدود ناهي رهيو، پر وينزويلا بابت راءِ ڏيڻ اصل ۾ سڄي لاطيني امريڪا جي مستقبل بابت راءِ ڏيڻ برابر آهي. هڪ پاسي ملڪي خودمختياري ۽ قومي وقار جو سوال آهي، ته ٻئي پاسي انساني حقن ۽ جمهوريت جا نعرا آهن. پر اصل چئلينج اهو آهي ته ڇا روس جي سهاري تي لاطيني امريڪي ملڪ سپر پاور امريڪا کي وڌيڪ للڪارڻ جي سگهه رکن ٿا؟ ڇا وينزويلا کانپوءِ ڪنهن ٻئي ملڪ جو وارو به اچي سگهي ٿو؟ وينزويلا جي راڄڌاني ۾ وڳل اها ئي خطري جي گهنٽي آهي، جنهن نه رڳو لاطيني امريڪا کي، پر انهن سڀني ملڪن کي به هڪ نازڪ موڙ تي آڻي بيهاريو آهي، جيڪي پنهنجي سلامتي لاءِ روس تي ڀاڙيندا رهيا آهن

وچ اوڀر ۾ اسلامي ملڪن جا اختلاف: عالمي چئلينج يا پراڪسي سياسي راند؟

وچ اوڀر جي سياست هڪ پيچيده منظرنامي سان اڳتي وڌي رهي آهي، جتي ٻه اهم اسلامي ملڪ عالمي حڪمت عمليءَ تي اثرانداز ٿي رهيا آهن انهن جا اختلاف صرف علائقائي حدن تائين محدود نه آهن بلڪ انهن جو اثر عالمي منڊي، سرمائيداري ۽ حساس بين الاقوامي معاهدن تي پڻ محسوس ڪيو پيو وڃي هڪ ملڪ پنهنجي معاشي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۽ علائقائي بحرانن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ٻيو ملڪ پراڪسي جنگ ۽ سلطنتي نوعيت جي عزم سان منظر عام تي اچي ٿو ماهرن جو چوڻ آهي ته پهريون ملڪ نظرياتي بنيادن تي سرگرم آهي، جنهن جو مقصد استحڪام ۽ ترقيءَ کي اوليت ڏيڻ آهي، جڏهن ته ٻيو ملڪ سخت حقيقت پسند آهي ۽ پنهنجي اثر رسوخ کي وڌائڻ لاءِ مختلف غيرياستي ۽ پراڪسي فورسز استعمال ڪري رهيو آهي يمن ۽ سوڊان ۾ جاري تڪرار ۽ پراڪسي ملشيائون انهيءَ پيچيدگيءَ کي وڌيڪ وڌائي رهيون آهن جيڪي افريقا ۽ بحيره احمر تائين پکڙجي چڪيون آهن نتيجي طور خطي ۾ طاقت ۽ اتحاد جو توازن تبديل ٿي رهيو آهي، جنهن جو اثر نه صرف علائقائي پر عالمي سطح تي به محسوس ڪيو پيو وڃي نيويارڪ ٽائمز ۽ بين الاقوامي ميڊيا رپورٽن مطابق هن صورتحال جي نتيجي ۾ عالمي مارڪيٽن ۾ اٿل پٿل لاها چاڙها، سرمائيداريءَ جي وهڪري توڙي حساس بين الاقوامي ڳالهين ۾ خلل پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي واشنگٽن ۽ ٻين عالمي طاقتور ملڪن لاءِ اهو هڪ سنجيده چئلينج بڻجي چڪو آهي، ڇو ته خطي ۾ عدم استحڪام عالمي نظام جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو هڪ طرف معاشي ۽ استحڪامي پاليسين جي ڪري پهريون ملڪ خطي ۾ استحڪام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ٻيو ملڪ پراڪسي جنگ ۽ سلطنتي قسم جي عزم سان پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ ۾ مصروف آهي ٽرمپ جي پهرين دورِ حڪومت دوران ٿيل معاهدن جن تحت امارات، بحرين ۽ مراڪش توڙي اسرائيل جا تعلقات معمول تي آيا به انهيءَ پيچيده صورتحال ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

مصنوعي ذهانت، PBL ۽ CBL ٽيڪنالوجي!

غلام فاروق

اڄ جي تيزرفتار ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ روايتي تعليمي نظام شاگردن کي صرف ڪتابي علم تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته جديد دور جو تقاضو آهي ته شاگرد عملي سوچ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ تنقيدي فڪر سان ليس هجن اهڙي صورتحال ۾ (AI) تي ٻڌل Problem-Based Learning (PBL ۽ (Case-Based Learning (CBL هڪ نئون ۽ اثرائتو تعليمي ماڊل تيار ڪيو آهي، جيڪو تعليم جي هر شعبي لاءِ هڪ انقلابي تبديلي آهي روايتي تعليمي نظام جيڪو صدين کان هلندو پيو اچي، شاگردن کي صرف نظرياتي علم مهيا ڪري ٿو استاد ليڪچر ڏيندو آهي، شاگرد نوٽس وٺندا آهن ۽ امتحانن ۾ ان کي ورجائيندا آهن پر اڄ جو دور مختلف آهي دنيا ۾ ٽيڪنالاجي اقتصادي تبديلين ۽ سماجي مشڪلاتون ايتري تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيون آهن جو صرف ڪتابي علم سان شاگرد زندگيءَ جي حقيقي مسئلن کي منهن ڏئي سگهن ٿا. مثال طور: هڪ انجنيئر کي صرف فارمولا ياد ته هجڻ گهرجن پر اهي فارمولا حقيقي دنيا جي پراجيڪٽس ۾ ڪيئن استعمال ٿيندا؟ ان جو علم هجڻ لازمي آهي اهڙي طرح هڪ ڊاڪٽر کي صرف بيمارين جا نالا نه پر پيچيده مرضن جو تجزيو ڪرڻ جي صلاحيت هجڻ گهرجي اهڙي صورتحال ۾ PBL ۽ CBL جهڙا طريقا اهم ٿي پون ٿا، جيڪي شاگردن کي حقيقي مسئلن ذريعي سيکاريندا آهن وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ روايتي طريقن جي ڀيٽ ۾ اهي طريقا شاگردن جي علم حاصل ڪرڻ جي صلاحيت کي 46 سيڪڙو تائين وڌائي سگهن ٿا. پي بي ايل يعني Problem-Based Learning هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ شاگردن کي هڪ مسئلو پيش ڪيو ويندو آهي ۽ هو پاڻ ان جو حل ڳوليندا آهن هي طريقو 1960ع جي ڏهاڪي ۾ ميڊيڪل تعليم ۾ شروع ٿيو پر هاڻي هر شعبي ۾ استعمال ٿي رهيو آهي ان جي مقابلي ۾ CBL شاگردن کي حقيقي ڪيس اسٽڊيز مهيا ڪري ٿو جيڪي گذريل واقعن تي ٻڌل هوندا آهن هڪ شاگرد ڪنهن فيڪٽريءَ جي ناڪامي جو تجزيو ڪري سگهي ٿو اهي ٻئي طريقا شاگردن کي فعال سکيا ڪندڙ بڻائيندا آهن پر AI انهن کي وڌيڪ طاقتور بڻائي ٿي اي آءِ يعني مصنوعي ذهانت، ڪمپيوٽر سسٽم کي انسان جهڙي سوچ جو مالڪ بڻائي ٿي اهو ڊيٽا جو تجزيو ڪري پيٽرن سڃاڻي ٿو ۽ فيصلا ڪري ٿو تعليم ۾ AI PBL ۽ CBL کي ورچوئل سموليشنز ذاتي سکيا ۽ خودڪار فيڊ بيڪ سان ڳنڍي ٿو وڌيڪ تفصيل سان PBL ۾ مسئلو وڌيڪ کليل هوندو آهي جڏهن ته CBL ۾ هدايتي طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي پر AI ٻنهي کي generative models سان وڌائي ٿو انهيءَ ماڊل ۾ شاگردن کي ورچوئل ڪيسز سمارٽ سموليشن 3D ماڊلز ۽ خودڪار فيڊبيڪ سسٽم مهيا ڪيا وڃن ٿا جيئن ميڊيڪل شعبي ۾ AI تي ٻڌل PBL ۽ CBL شاگردن کي مجازي مريضن سان معاملو ڪرڻ جو موقعو ڏئي ٿو هڪ تحقيق موجب AI-powered PBL يعني CBL ميڊيڪل ۽ ڊينٽل تعليم ۾ شاگردن جي علم حاصل ڪرڻ ۽ اطمينان کي وڌائي ٿو جنهن سان علم ۾ 46 سيڪڙو بهتري آئي آهي اهڙي طرح انجنيئرنگ ۾ شاگرد 3D ماڊلز ذريعي پيچيده مشينن جو تجزيو ڪري سگهن ٿا AI انهن کي حقيقي دنيا جي مسئلن جهڙوڪ ڪنهن پل وغيره جي تعمير يا ماحولياتي مشڪلات سان منهن ڏيڻ سيکاري ٿي آءِ ٽي شعبي ۾ سائبر سيڪيورٽي حملن جو تجزيو ڪرڻ لاءِ AI سموليشن استعمال ٿين ٿا، جتي شاگرد حقيقي هيڪنگ ڪيسن جو مطالعو ڪن ٿا.

پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي نوجوان آبادي وڏي انگ ۾ موجود آهي، AI تي ٻڌل PBL توڙي CBL تعليمي نظام بي روزگاري گهٽائڻ ۽ مهارتن تي ٻڌل تعليم کي هٿي ڏئي سگهي ٿو. پاڪستان ۾ تعليمي نظام کي ڪيترن ئي مشڪلاتن جو منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جهڙوڪ استادن جي کوٽ، ٻهراڙيءَ ۾ پهچ جو فقدان ۽ روايتي طريقن جو غلبو. AI هن کي تبديل ڪري سگهي ٿو. مثال طور ذاتي سکيا ذريعي، ڳوٺاڻن شاگردن کي بهتر استاد ۽ مواد تائين رسائي ملي سگهي ٿي. هڪ رپورٽ موجب AI پاڪستان جي تعليم ۾ ذاتي سکيا، اِي لرننگ ۽ ورچوئل اسڪولز کي وڌائي سگهي ٿو. پاڪستان جو نيشنل AI پاليسي 2025 AI کي سماجي-اقتصادي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو جنهن ۾ تعليم شامل آهي. ٽيڪنيڪل ادارا، ڪاليج، يونيورسٽيون ۽ ٽريننگ سينٽر جيڪڏهن هن ماڊل کي اختيار ڪن ٿا ته شاگرد عالمي معيار جي مهارتن مان ڀرپور فائدا حاصل ڪري سگهن ٿا. پاڪستان ۾ AI جي استعمال سان بي روزگاري گهٽجي سگهي ٿي، ڇو ته شاگردن کي عملي مهارتون ملنديون، جيڪي نوڪرين لاءِ ضروري آهن. وڌيڪ پريزيڊنٽل انيشيئيٽو فار آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ ڪمپيوٽنگ (PIAIC) جهڙا پروگرام AI تعليم کي هٿي ڏئي رهيا آهن پر ان کي تعليمي ادارن ۾ وڌيڪ لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر هن ٽيڪنالاجيءَ سان گڏ مسئلا پڻ درپيش آهن. پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ انفراسٽرڪچر جو فقدان، انٽرنيٽ جي پهچ جو مسئلو ۽ استاد جي تربيت جي کوٽ وڏيون رڪاوٽون آهن. AI سسٽمز ۾ بائيس (bias) جو خطرو آهي، جيڪو غير منصفاڻو فيصلن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. پرائيويسي ۽ ڊيٽا سيڪيورٽيءَ جا مسئلا پڻ موجود آهن، ڇو ته AI شاگردن جي ڊيٽا جو استعمال ڪري ٿو. ان کان علاوه AI تي گهڻي انحصار سان شاگردن جي تخليقي سوچ متاثر ٿي سگهي ٿي. انهن مسئلن جو حل پاليسي فريم ورڪ، استاد جي تربيت ۽ اخلاقي AI جي استعمال ۾ آهي. پاڪستان ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) ۽ UNESCO جهڙن ادارن کي AI جي اخلاقي استعمال تي ڪم ڪرڻ گهرجي. وڌيڪ، ڊجيٽل تقسيم، قيمتي اوزار ۽ AI جي محدود دستيابيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومتي مدد ۽ پائيلٽ پروجيڪٽس ضروري آهن. جيئن ته تحقيق ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته انفراسٽرڪچر جي کوٽ AI جي استعمال کي روڪي سگهجي ٿي. مستقبل ۾ AI PBL ۽ CBL کي وڌيڪ بهتر بڻائيندو. generative AI جهڙوڪ GPT ۽ VR سان گڏ، سکيا وڌيڪ ڳنڍيل هوندي. پاڪستان ۾، ايڊٽيڪ (Tech Ed) ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمز جو واڌارو هن انقلاب کي تيز ڪندو. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته AI Powered PBL ۽ CBL صرف هڪ تعليمي ٽيڪنالاجي نه پر سوچڻ جو نئون طريقو آهي. وڌيڪ عالمي سطح تي UNESCO جي هدايتن سان AI کي انسان مرڪزي بڻائي، پاڪستان تعليمي ميدان ۾ عالمي مقابلي ۾ اڳتي وڌي سگهي ٿو.

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (آرٽيفشل انٽيليجنس) يونيورسٽي آف يونيمارڪوني اٽلي ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي آءِ ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي)

اڄوڪو ڏينهن 08 جنوري

چام مير محمد ايوب خان عليائي

چام مير محمد ايوب عليائي پنهنجي دور جو مشهور اديب، سماج سڌارڪ ۽ قانوندان هو هن جو جنم 8 جنوري 1881ع تي بلوچستان جي شهر ٻيلي ۾ ٿيو. اڃا ستن ورهين جو معصوم ٻارڙو هو جو سندس والد چام مير خان وفات ڪئي. ان بعد سندس خاندان ٻيلو ڇڏي ڪراچيءَ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. هن سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ان کان پوءِ لاهور جي ايچيسن ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪيائين. 1903ع ۾ انگلينڊ روانو ٿي ويو، جتان بئريسٽريءَ جي سند حاصل ڪري وطن واپس موٽيو. 1908ع ۾ کيس ڪراچيءَ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو پر ڇهن مهينن کان پوءِ انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين. ڪجهه وقت وڪالت پڻ ڪيائين. 1910ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو ڪائونسلر چونڊيو ۽ سڄا سارا 20 سال انهيءَ عهدي تي رهندي عام ڀلي جي ڪمن ۾ هٿ وٺائيندو رهيو. هو ڪيترن ئي سماجي ۽ ادبي تنظيمن سان واڳيل رهيو. پاڻ ايراني ڪائونسل ۾ نائب ڪائونسل، ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو نائب صدر، ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو ميمبر، سنڌ مدرسي بورڊ جو صدر، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو وائيس چيئرمين، سنڌ هلال احمر سوسائٽيءَ جو چيئرمين ۽ ٻين ڪيترن ئي اعزازي عهدن تي فائز رهيو. هو هڪ بهترين شاعر ۽ نثر نويس پڻ رهيو. سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪيائين. هن 5 مارچ 1945ع تي هي جهان ڇڏيو.

اختر موراڻي

اختر موراڻي سنڌ جو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ نثر نويس هو. سندس اصل نالو محمد علي ولد قاضي عبدالڪريم هو ۽ هن 8 جنوري 1927ع ۾ نوشهروفيروز ضلعي جي ڳوٺ ڳچيرو ۾ اکيون کوليون. ان وقت جي دستور مطابق سنڌي ۽ فارسيءَ جا ابتدائي سبق پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙهيو. 1942-43 ڌاري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. اڳتي هلي ايم اي (سنڌي) ۽ ايم اي (فارسي) جون سندون حاصل ڪيائين. شاعريءَ جو شوق ٻالڪپڻ کان ئي هئس. ناميارو شاعر حاجي محمود خادم جي صحبت ۽ سرپرستيءَ سندس شاعريءَ کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. 1957ع ۾ موري شهر ۾ بزم سعيد جو بنياد رکيائين. جنهن جي پليٽ فارم تي هر مهيني مشاعرا منعقد ٿيندا هئا. پاڻ سنڌي ادبي سنگت مورو شاخ جو جنرل سيڪريٽري ۽ بزم لطيف مورو جو جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي پڻ رهيو. هن شاعريءَ سان گڏ افسانا، مضمون ۽ ناٽڪ پڻ لکيا.

محبوب سروري

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور تعليمدان ۽

قادرالڪلام شاعر مرحوم محبوب سروريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي محبوب سروري هوسڙيءَ ويجهو جاتي پنهور ڳوٺ ۾ 8 جنوري 1934ع تي جنم ورتو. سندس والد جو نالو محمد صديق پنهور هو هن سنڌي فائنل جو امتحان 1947ع ۾ پنهنجي اباڻي شهر هوسڙيءَ مان، مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1953ع ۾ ۽ انٽر آرٽس جو امتحان سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان 1955ع ۾ پاس ڪيو. بي اي (آنرس) ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1957ع ۽ 1965ع ۾ حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪيائين ۽ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ هڪ استاد ۽ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين. مرحوم محبوب سروريءَ کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هو سنڌ جي، ناميارن شاعر ۽

سيڪريٽري مقرر ٿيو 1956ع ۾ هوسڙيءَ ۾ ”محفل سروري“ نالي ادبي تنظيم جو بنياد وڌائين ان کان علاوه بزم طلب المولىٰ، محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، ڏات پبليڪيشن حيدرآباد ۽ سنڌ لطيف ادبي مجلس حيدرآباد جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو. سندس لکيل ڪتابن ۾ ”يار خاطر“ ۽ ”شاهه جا سوا سو بيت“ شامل آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو ”ڪلام محبوب سروري“ سنڌي ادبي بورڊ 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو شاهه محمد بلوچ جو مرتب ڪيل آهي سنڌ جي هن پلوڙ شاعر 12 اپريل 2018ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

محمد پريل بيدار مگريو

محمد پريل مگريو 8 جنوري 1937ع تي روهڙي

تعلقي جي ڳوٺ سنگرار ۾ ڄائو ايم اي (سنڌي)، ايل ايل بي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ديني تعليم جا ڪيترائي اهم ڪورس پاس ڪيائين 1954ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1973ع ۾ هاءِ اسڪول سنگرار جي هيڊماسٽر طور رٽائر ٿيو پاڻ هڪ سٺو شاعر هو ۽ سندس شاعري ڪيترن ئي رسالن ۾ شايع ٿي پاڻ ڪيترائي اسلامي ڪتاب ترجمو ڪيا، جن ۾ بهشتي زيور، تعليم اسلام، ڪشف المحجوب، مطالب القرآن، رشحات الفئون ۽ آخري منزل شامل آهن 25 ڊسمبر 2020ع تي وڃي خلق حقيقيءَ سان مليو

ڊاڪٽر ريحانه نظير

هن مشهور تعليمي ماهره ۽ ڪهاڻيڪاره جو جنم



اڄوڪي ڏينهن تي 1971ع ۾ سيتا ۾ غلام محمد ملاح جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. سندس پي ايڇ ڊي ٿيسز جو عنوان ”نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج“ هو هوءَ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪاره طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي سندس ڪهاڻيون سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن هن جي ڪهاڻين جو مجموعو ”اندر جي عدالت“ ڇپجي چڪو آهي ان کان علاوه سندس ڪتاب ”نجم عباسي جديد انقلابي فڪر جو ترجمان“ پڻ شايع ٿي چڪو آهي

انيلا ناز سومرو

اڄ مشهور شاعره، ڪالم نگار ۽ تعليمي ماهر

انيلا ناز سومرو جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن نياڻيءَ جو جنم 8 جنوري 1975ع تي دادو ضلعي جي شهر جوهيءَ ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين تعليم جوهيءَ مان حاصل ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان دادوءَ مان پاس ڪيائين ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ جي فريش واٽر بائلاجيءَ واري شعبي مان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون حاصل ڪيائين اڳتي هلي ڪاگوشيما يونيورسٽي جپان مان ايم ايس سي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين انيلا ناز پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 2001ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪئي اڄڪلهه پروفيسر طور پنهنجون ذميواريون سنڀالي رهي

مختيار انڙ

مير لطف الله ٽالپر گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان، گورنمينٽ رمضان ميموريل مڊل اسڪول مان مڊل ۽ 1987ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي محمد خان مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ان کان علاوه مير غلام علي ٽالپر گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ٽنڊو محمد خان مان 1992ع ۾ انٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1997ع ۾ بي اي ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور ڪيائين ان کان



علاوه پي ٽي سي جو ڪورس پڻ ڪيائين پاڻ 1996ع ڌاري ٽنڊومحمد خان مان صحافت ڪرڻ شروع ڪيائين صحافت ڪرڻ دوران هو ”روزاني سنڌو“ رهيو ۽ اڳتي هلي ”روزاني عبرت“ سان ڊسٽرڪٽ رپورٽر طور لاڳاپجي ويو ۽ هن وقت تائين سلهاڙيل آهي پاڻ مختلف ايوارڊ به ماڻي چڪو آهي هن ڪجهه وقت اڳ سرڪاري ملازمت تان ريٽائرمينٽ ورتي آهي ۽ هن وقت روزاني عبرت جي ضلعي رپورٽر طور ٽنڊي محمد خان ۾ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي اڄ سندس جنم ڏينهن جي موقعي تي اسان کيس دلي واڌايون پيش ڪيون ٿا.

زاهده ابڙو

اڄ مشهور شاعره، ليکڪ ۽ پبلشر زاهده ابڙو جي



جنم جو ڏينهن آهي 8 جنوري تي تعلقي ماتلي ضلعي بدين ۾ جنم وٺندڙ سنڌ جي هن ڏات وند نياڻيءَ جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي پاڻ مشهور تعليمي ماهر ۽ عالم مرحوم محمد اسحاق ابڙي جي نياڻي آهي هن اٺين درجي تائين تعليم ماتليءَ مان حاصل ڪئي ان کان پوءِ حيدرآباد جي ڪامپري هينسو گرلز هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ٻارهين ڪلاس جو امتحان زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪري، ساڳئي ڪاليج مان بي اي ۽ ايم اي (اڪنامڪس) جون سندون حاصل ڪيائين پاڻ 23 سال هڪ استاد جي حيثيت سان فائونڊيشن پبلڪ اسڪول ۽ بيڪن هائوس ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون هن 3 سال سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سان گڏجي ڪم ڪيو. 1915ع ۾ هن همسري پليٽ فارم جي شروعات ڪئي جيڪو هن وقت اخبار ۾ تبديل ٿي ويو آهي جنهن جي ويب سائيٽ تي ميگزين، اخبار ۽ ٻيو مواد ڇپجندو رهي ٿو سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”آءُ ته سندرتا ڳوليون“ 2020ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو پاڻ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون آهن ۽ ان سان گڏ هوءَ مختلف سياسي ۽ سماجي موضوعن تي ڪالم به لکندي رهي آهي سنڌ جي هن سلجهيل وند نياڻيءَ کي اسين دل جي گهراين سان سالگرهه جون مبارڪون پيش ڪريون ٿا.

علامه سيد بديع الدين شاهه راشدي

مولانا سيد بديع الدين شاهه راشدي سنڌ جو هڪ

جيد عالم، محدث ۽ قرآن شريف جو مفسر هو. سندس ولادت باسعادت ضلعي مٽياريءَ ۾ نيو سعيدآباد ويجهو ڳوٺ فضل شاهه ۾ 4 ذوالقعد 1344هه مطابق 16 مئي 1926ع تي ٿي، ديني تعليم پنهنجي خانداني مدرسي

پنهنجي سموري حياتي وقف ڪري ڇڏيائون پاڻ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ديني ڪتاب لکيائون ۽ ترجمون ڪيائون سندس ڪتابن ۾ ”نشاط العبد ربنا ولڪ الحمد“، ”نماز نبوي“، ”تحفه نماز مغرب“، ”نماز جون مسنون دعائون“، ”انسان جي عظمت جي حقيقت“، ”چاليهه حديثون“، ”اهل حديث کي امتيازي مسائل“، ”قرآن خوانيءَ جي شرعي حيثيت“، ”اسلام ۾ عورت جو مقام“، ”فقه و حديث“، ”توحيد رباني“، ”توحيد خالص“ ۽ ٻيا ڪيترائي ايمان افروز ڪتاب شامل آهن پاڻ 8 جنوري 1996ع تي وڃي پنهنجي خلق حقيقيءَ سان مليا.

محمد حسين ترڪ

اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي مشهور انتظامي سربراهه ۽ ليکڪ محمد حسين ترڪ جي ياد ڏياري ٿو جيڪو اڄوڪي ڏينهن تي 1992ع ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو هو. 11 فيبروري 1916ع تي بدين ضلعي جي ڳوٺ گهاري ۾ جنم وٺندڙ محمد حسين ترڪ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پهرئين ڊپٽي رجسٽرار ۽ ٻئي رجسٽرار طور خدمتون سرانجام ڏنيون هن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي ڊائريڪٽر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور پڻ ڪم ڪيو ان کان علاوه علامه آءِ آءِ قاضي ميموريل سوسائٽي ۽ شاهه ولي الله اڪيڊميءَ جي اعزازي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين هو پهريون سنڌي مصنف هو جنهن اقتصاديات تي هيٺيان چار ڪتاب لکيا: اقتصاديات جا ابتدائي اصول، پرڏيهي ناڻي جي مٽاسٽا، اقتصاديات ۽ پاڪستان جا اقتصادي مسئلا سندس ٻه ڪتاب ”گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ ۾“ ۽ Economic History of Hyderabad سندس وفات کان پوءِ 2016ع ۽ 2020ع ۾ ڇپيا سندس حياتيءَ ۽ ڪارنامن تي مشتمل ڪتاب A Man with - Muhammad Hussain Turk Mission سندس پوٽيءَ 2018ع ۾ ڇپرايو سندس خدمتن جي مڃتا طور سنڌ يونيورسٽيءَ جي لاڙ ڪئمپس بدين جي لائبريريءَ جو نالو ”محمد حسين ترڪ لائبريري“ رکيو ويو آهي

استو فقير محمد ڪانڊيرائي

استو فقير محمد ڪانڊيرائي مٽياريءَ جو بهترين راڄو هو هو چاڪوءَ سان سيمينٽ تي نقش نگار ڪرڻ جو وڏو ماهر هو، خاص طور تي مسجدن ۽ درگاهن جون عمارتون ٺاهڻ ۾ سندس ڪو مٽ يا ثاني نه هو مٽياريءَ ۽ ٻين علائقن ۾ ٺهيل ڪيترين ئي خوبصورت مسجدن سندس فن کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن سندس ٺاهيل خوبصورت عمارتن ۾ هيٺيون عمارتون اڄ به موجود آهن: سڪرنڊ جي مدينه مسجد، هنگورجه ۾ مولوي درمحمد جون جوڙايل ٻه مسجدون، اڪريءَ ۾ حاجي ميرل شاهه اول جي مسجد، باقيل پوٽا سادات جي مٽياريءَ ۾ جوڙايل مسجد، الهڏني ساند ۾ حاجي هاشم واري مسجد، مٽياريءَ ۾ سيٺ حاجي عثمان جي مسجد ۽ مٽياريءَ جي سرڪاري اسپتال جي عمارت وغيره وغيره استو فقير محمد 8 جنوري 1997ع تي هي جهان ڇڏيو

مير محمد پيرزادو

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نثر

نويس مرحوم مير محمد پيرزادي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سندس جنم ٺلهڙيجي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ 19 جون 1944ع تي ٿيو 1962ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1967ع ۾ سنڌ زرعي ڪاليج (هاڻي سنڌ زرعي يونيورسٽي) ٽنڊوڄام مان بي ايس سي (ايگريڪلچر) جي سند حاصل ڪيائين

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر 132 سال 2025

مسمات حميده زال محبوب علي ڪوڪر رهندڙ روشن پيراڊائيز فيز-II تعلقو هالا ....پلينٽف....خلاف: محبوب علي پٽ علي نواز ڪوڪر ذات ڪوڪر رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري/ سونو خان ڪوڪر تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VII حيدرآباد
(روبرو مس ارم)
سول ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر115 سال 2024
ايف سي سوٽ نمبر710 سال 2021

(1) مسمات گل صنم بيواهه مرحوم امجد علي سهتو (2) عبدالاحد (3) عظمي ٻئي ڌيءِ پٽ مرحوم امجد علي سهتو (مائنر) معرفت سنڌس ماءُ رهندڙ فليٽ نمبر B1-304 پلاٽ نمبر D-70 سٽيزن ويو ڪامپليڪس ضلعو حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: (1) جمشيد (2) ارشد (3) مسمات صنم سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم بشير احمد مسلم بالغ رهندڙ ڪوارٽر نمبر E-7 واپڊا ڪالوني علمدار چوڪ قاسم آباد حيدرآباد (4) اي سي سٽي حيدرآباد (5) مختيارڪار (روينيو) تعلقو سٽي حيدرآباد (6) سب رجسٽرار حيدرآباد سٽي (7) سيڪريٽري روينيو معرفت ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ/ ججمينٽ ڊيبٽرز ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سول ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن يو/او 21 رول 11 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج VII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 01 سال 2026

مسمات شهنيلا زال فيصل ڌيءِ محمد رفيق رهندڙ هائوس نمبرP-143 مولچند گارڊن ميرپورخاص....پلينٽف..خلاف: فيصل پٽ محمد حنيف مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر653 اسٽريٽ نمبر3 سيڪٽر E-11 ڪراچي....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري آف ڊاور، ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2025

طاهره خاتون زال ڪليم الله ذات لغاري حال رهندڙ شهباز تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار..پلينٽف...(1) صدف ڪليم (14 سال) (2) عبيدالله (06 سال)...خلاف: ڪليم الله پٽ عبدالمجيد ذات لغاري حال رهندڙ اسٽيل ملز ويجهو اتحاد شگر مل اقبال آباد ضلعو رحيم يار خان. سيل نمبر 0302-3128803....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
فيملي سوٽ نمبر 604 سال 2025

مسمات ريما ڌيءِ علي بخش رهندڙ ڳوٺ عظيم آباد ديهه-117 نصرت تعلقو دوڙ ..پلينٽف..خلاف: فدا حسين پٽ سونو رند رهندڙ ويجهو نگينه مسجد اسٽريٽ جمالي ڪالوني 60 ميل ناڪا نوابشاهه ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2025

مسمات گل ناز ميمڻ....پلينٽف....خلاف: اعجاز ميمڻ پٽ محمد اسماعيل ميمڻ مسلم بالغ رهندڙ ميمڻ محلا سجل سرمست ڪالوني ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج-I جامشورو
(روبرو جناب آصف احمد)
مينٽل هيلٿ ايپليڪيشن نمبر10 سال 2025

مسمات وزيران ڌيءِ ولي محمد جوکيو رهندڙ محلا رئيس ولي داد خان جوکيو ٻهر بند تعلقو بولا خان ضلعو جامشورو... ايپليڪينٽ...خلاف: (1) نصير احمد جوکيو پٽ ولي محمد جوکيو (2) بصر الدين جوکيو پٽ ولي محمد جوکيو (3) عبدالعزيز جوکيو پٽ ولي محمد جوکيو (4)اشفاق علي جوکيو پٽ ولي محمد جوکيو (5) مسمات عزيزان زال خير محمد جوکيو بالغ مسلم ذات جوکيو سڀ آپونينٽس نمبر02 کان 05 معرفت سنڌس اٽارني آپونينٽس نمبر01 نصير احمد جوکيو رهندڙ محلا رئيس ولي داد خان جوکيو ٻهر بند تعلقو بولا خان ضلعو جامشورو... آپونينٽس...پيشنٽ:- (1) مسمات سعيده عمر اٽڪل 41 سال (2) مسمات سجا عمر اٽڪل 35 سال....پيشنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايپليڪيشن يو/ايس 32 ۽ 33 آف دي سنڌ مينٽل هيلٿ ايڪٽ 2013 تحت درخواست داخل ڪئي آهي مينٽل ڊس آرڊر ليڊي مس سعيده ۽ مس سجا ٻئي ڌيئرون ولي محمد جوکيو جي گارڊين جي مقرري لاءِ پيشن جي رقم ۽ سڪسيشن شيئر لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ-I جامشورو

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب عبدالغفور ڪلوئي پٽ الهه بخش ڪلوئي شيئر (0-50) پئسا شيئرڊ ايريا 1440 اسڪوائر فوٽ ۽ آن بيهاف هز برادر امير احمد پٽ الهه بخش ڪلوئي شيئر (0-50) پئسا (شيئرڊ ايريا 1440 اسڪوائر فوٽ ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته پلاٽ ٽوٽل ايراضي 2880 اسڪوائر فوٽ ديهه ۽ ٽپو ميرپورساڪرو تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو
ميرپورساڪرو ايٽ گهارو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي وسيم احمد ولد عبدالله پرڙي رهندڙ ڳوٺ پير بخش پرڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالله ولد پير بخش پرڙي تاريخ 2002-08-03 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 118، 126/2، 123/1to4 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه گهوٽاڻا ٽپو حسين خان ٿورهو تعلقو حيدرآباد ۾ آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) وسيم احمد (پٽ) (2) جان محمد (پٽ) (3) پير بخش (پٽ)، (4) مسمات عشرت (ڌيءَ)، (5) مسمات حبيبان (ڌيءَ)، (6) مسمات وزيران (بيواهه) مسمات وزيران تاريخ 14-12-2018 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل ساڳيان آهن جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جکرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي مسمات شاهين شرف شاهه زال سيد شرف الدين شاهه رهندڙ ڊفينس آفيسر هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات رقيه خانم زال محمد علي شاهه تاريخ 20-04-2011 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر 210/B ايراضي 00-23 گهنٽا ديهه ناريجاڻي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) مسمات شاهين شرف شاهه (ڌيءَ)، (2) راڻا شاهه (ڌيءَ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جکرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي علي حيدر ولد ولي محمد سنجراڻي ويٺل ڳوٺ حاجي امير بخش سنجراڻي تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي ولي محمد ولد بلاول سنجراڻي جيڪو تاريخ 26-12-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪات ٽپو سيڪات تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي: (1) علي حيدر سنجراڻي (پٽ) (2) علي اصغر (3) نوربانو (ڌيءَ)، (4) عائشه (ڌيءَ)، (5) آسيه (ڌيءَ)، (6) عاصمه (ڌيءَ)، (7) مسمات زرينه سنجراڻي (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) بشير احمد ولد علي محمد سنجراڻي (2) الهه بخش ولد بلاول سنجراڻي جن ڳوٺ حاجي امير بخش سنجراڻي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد حسن ولد غلام محمد گهيلو ويٺل ڳوٺ الهجايو گهيلو تعلقو مٽياري، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي غلام محمد ولد محمود گهيلو جيڪو تاريخ 28-01-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه پوراڻ ٽپو مٽياري تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي: (1) محمد حسن (پٽ) (2) محسن خان (پٽ) (3) مسمات مختيار (ڌيءَ)، (4) مسمات صائمه (ڌيءَ)، (5) مسمات سلميٰ (ڌيءَ)، (6) مسمات نوشي (ڌيءَ) (7) مسمات مهرالنساء (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) علي گل ولد محمد حاجن (2) روشن علي ولد محمد عثمان جن ڳوٺ الهجايو گهيلو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي اختر حسين ولد هارون گهيلو ڳوٺ الهجايو گهيلو تعلقو مٽياري، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي هارون ولد محمود گهيلو جيڪو تاريخ 01-04-2005 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه پوراڻ ٽپو مٽياري تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي: (1) اختر حسين گهيلو (پٽ) (2) مجاهد علي (پٽ) (3) مسمات صوبيه (ڌيءَ)، (4) مسمات نازيه (ڌيءَ)، (5) مسمات صبا هارون (ڌيءَ)، (6) مسمات سجيلا هارون (ڌيءَ)، (7) مسمات ميران (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) روشن علي ولد محمد عثمان (2) علي گل ولد محمد حاجن جن ڳوٺ الهجايو گهيلو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سيد نور محمد شاهه ولد شفيع محمد شاهه ويٺل شير محمد شاهه راهوڪي ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي حاڪمزادي عرف آمنت بيبي زال شفيع محمد شاهه جيڪا تاريخ 20-01-2000 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪات ٽپو سيڪات تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي:(1) سيد نور محمد شاهه (پٽ) (2) مسمات فاطمه بي بي (ڌيءَ)، (3) مسمات صاحبزادي (ڌيءَ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) سيد هارون شاهه ولد بقادار شاهه (2) شهزور شاهه ولد منور علي شاهه جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي غلام رسول شاهه ولد نور محمد شاهه ويٺل شير محمد شاهه راهوڪي ٽنڊوڄام ضلعو حيدرآباد، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي نور محمد شاهه ولد شفيع محمد شاهه جيڪو تاريخ 26-02-2006 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪات ٽپو سيڪات تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي: (1) غلام رسول (پٽ) (2) غلام نبي (پٽ) (3) علي رضا (پٽ) (4) گل بي بي (ڌيءَ)، (5) الفت بي بي (ڌيءَ)، (6) يثرب بي بي (ڌيءَ)، (7) مسمات نثار فاطمه (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) سيد حاجن شاهه ولد بقادار شاهه (2) شهزور شاهه ولد منور شاهه جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سجاد علي شاهه ولد غلام محمد شاهه ويٺل شير محمد شاهه راهوڪي ٽنڊوڄام حيدرآباد، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي مسمات صاحبزادي زال غلام محمد شاهه جيڪو تاريخ 09-02-2009 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪات ٽپو سيڪات تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي: (1) سجاد علي شاهه (پٽ) (2) مسمات ساجده بي بي (ڌيءَ).درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، گهروارو فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) سيد حاجن شاهه ولد بقادار شاهه (2) شهزور شاهه ولد منور شاهه جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سيد نور محمد شاهه ولد شفيع محمد شاهه ويٺل شير محمد شاهه راهوڪي ٽنڊو ڄام حيدرآباد، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڀيڻ نالي بي بي فاطمه ڌيءِ شفيع محمد شاهه جيڪا تاريخ 15-11-2022 تي فوت ٿي وئي آهي. جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪات ٽپو سيڪات تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي: (1) سيد نور محمد شاهه (ڀاءُ)، (2) مسمات صاحبزادي (ڀيڻ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) سيد حاجن شاهه ولد بقادار شاهه (2) شهزور شاهه ولد منور شاهه جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب احمد پٽ ڪريم بخش ۽ ٻيا ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 131 (03-34)، 48 (08-07)، 49 (03-09)، 50 (02-18)، 99 (07-05)، 98 (04-19)، 89 (05-35)، 101 (08-38)، 207 (05-26)، 209 (09-34)، 296 (04-18)، 376 (01-24)، 377 (02-23)، 378 (02-24)، 379 (02-14)، 380 (02-33)، 381 (02-00)، 382 (01-19) ۽ 544 (00-05) ٽوٽل ايريا 25-79 ايڪڙز ديهه پٽ مڙهو ٽپو خيرپور تعلقو ميرپورساڪرو ۽ ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

آفيس سپرنٽينڊنٽ
ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب محمد انور پٽ ڪريم بخش ۽ ٻيا ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 01 (06-12)، 02 (03-39)، 03 (05-09)، 12 (07-13)، 13 (08-05)، 14 (09-06)، 15 (05-23)، 16 (04-32)، 18 (06-01)، 19 (05-27)، 20 (05-09)، 21 (05-26)، 22 (09-18)، 23 (08-22)، 26 (08-01)، 27 (04-02)، 74 (05-10)، 75 (02-26)، 104 (05-07)، 105 (08-01)، 109 (04-20)، 110 (03-39)، 111 (07-00)، 112 (07-04)، 113 (06-10)، 114 (04-21)، 116 (06-00)، 117 (06-00)، 118 (02-21)، 119 (05-29)، 120 (08-08)، 122 (04-32)، 123 (04-19)، 140 (05-07)، 143 (02-30)، 150 (02-13)، 152 (03-10)، 180 (07-31) 181 (05-02)، 182 (04-09)، 183 (02-29)، 260 (02-01)، 287 (04-03)، ايريا 304-24 ايڪڙ 20 (00-34)، 31 (09-09)، 58 (03-27)، 59 (04-10)، 60 (02-12)، 63 (03-17)، 65 (01-05)، 71 (00-30)، 107 (02-36)، 308 (01-21) شيئر 1/2 00-12 پئسا ايريا 03-30 ايڪڙز آئوٽ آف ايريا 30-01 ايڪڙز ديهه ڪند بگهاڙ انتري نمبر35 شيئر فل ايريا 14-308 ايڪڙز تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

آفيس سپرنٽينڊنٽ
ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات شاهده مسمات نظير بيگم ڌيءِ بيواهه فوتي مختيار علي رهندڙ ڳوٺ موسيٰ ڪٽياڻ پنجائي پاڙو پوسٽ آفيس ٽنڊوڄام تعلقو حيدرآباد درخواست ڏني آهي ته نالي مختيار علي ولد جمع خان جيڪو تاريخ 06-11-2025 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي سندس حياتي ۾ فقط ٻه شاديون ڪيون هيون ۽ فقه سني سان تعلق رکندڙ هو فوتي جا ماءُ، پيءُ، ڏاڏو، ڏاڏي سندس حياتي ۾ فوت ٿي ويا آهن فوتي جا هيٺ ذڪر ڪيل قانوني وارث آهن تنهنڪري اهڙو وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات شاهده (بيواهه) (2) مسمات نظير بيگم (بيواهه) (3) مهڪ (ڌيءَ)، (4) مديحه (ڌيءَ) (5) مظفر علي (پٽ) (6) منتظر علي (پٽ). ڪنهن به شخص يا اداري کي ان بابت ڪوبه اعتراض هجي يا پنهنجو پاڻ کي فوتي جو وارث سمجهندو هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان جي آفيس بنگلو نمبر A/4 جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ پنهنجن ڪاغذن ثبوتن سميت پنهنجو اعتراض پيش ڪري، ٻي صورت ۾ مقرر معياد گذرڻ بعد مٿي ڄاڻايل وارثن کي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه رهندو نوٽ: فوتي اريگيشن ٽيوب ويل کاتي جو سرڪاري ملازم هو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر160 سال 2024

(1) مسمات پروين اختر زال محمد اختر خان ڌيءِ عالم علي خان ذات قائمخاني رهندڙ محلا پاڪ ڪالوني ٽنڊو الهيار معرفت اٽارني (I) محمد عمار ولد محمد اختر خان (II) مسمات ماه جبين زال محمد اسلم ڌيءِ عالم علي خان رهندڙ محلا عثمان آباد ميرواهه روڊ ٽنڊو الهيار معرفت آٽارني عبدالله حمدان ولد محمد اسلم ...پلينٽف..خلاف: (1) ذيشان عالم ولد عالم علي خان (2) مسمات يامين زال حبيب احمد خان ڌيءِ عالم علي خان (3) مسمات ايمن بيواهه عالم علي خان رهندڙ گهر نمبر 430 ڪالي ڪا مندر اڪبر آئل مل ٽنڊو الهيار (4) مختيارڪار / سٽي سروي آفيسر ٽنڊو الهيار (5) سٽي سرويئر ٽنڊو الهيار...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته هن ڪورٽ جي آرڊر موجب هيٺ ڄاڻايل پراپرٽي جي عام نيلامي رکي وئي آهي پراپرٽي جو تفصيل رهائشي گهر سٽي سروي نمبر 430 ايراضي 1900 اسڪوائر فوٽ وارڊ سي ٽنڊو الهيار مختياڪار ٽنڊو الهيار موجب مقرر ملهه 8000 رپيا اسڪوائر فوٽ (15200000) دلچسپي رکندڙ مٿي ڄاڻايل پراپرٽي واقع وارڊ سي ٽنڊو الهيار تي صبح 11-00 وڳي بتاريخ 19-01-2026 تي حاضر ٿي نيلامي ۾ حاضر ٿي حصو وٺي سگهن ٿا.

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر293 سال 2024

(1) عدنان يوسف ولد محمد يوسف ذات ميمڻ رهندڙ محلا ميمڻ هائوسنگ سوسائٽي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ....پلينٽف..بخلاف.. (1) مسمات فردوس (2) مسمات رومانا (3) مسمات نورالنساء (4) مسمات الماس (5) مسمات حنا سجاد سڀ ڌيئرون محمد يوسف مسلم بالغ ذات ميمڻ رهندڙ محلا ميمڻ هائوسنگ سوسائٽي تعلقوضلعو ٽنڊو الهيار (6) مختيارڪار روينيو ٽنڊو الهيار (7) جنرل پبلڪ.ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ اسٽيٽس آف ليگل هيئرز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر294 سال 2024

(1) عمران رسول ولد غلام رسول ذات ميمڻ رهندڙ محلا ميمڻ هائوسنگ سوسائٽي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ....پلينٽف...بخلاف... (1) نورمحمد (2) ارشاد علي (3) عمران رسول (4) فراز رسول (5) مسمات نازيه (6) مسمات عارشي شگفته (7) مسمات صاحبزادي سڀ پٽ ڌيئرون غلام رسول (8) مسمات رضيا (بيواهه) غلام رسول مسلم بالغ ذات ميمڻ رهندڙ محلا ميمڻ هائوسنگ سوسائٽي تعلقوضلعو ٽنڊو الهيار (6) مختيارڪار روينيو ٽنڊو الهيار(7) جنرل پبلڪ....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ اسٽيٽس آف ليگل هيئرز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته آئون صائم ميمڻ زال محمد سالم ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130620095572 هڪ عدد پلاٽ نمبر 306 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جي خريد جو سودو ان جي حقيقي مالڪن نالي (1) محمد سليم ولد لياقت علي شناختي ڪارڊ نمبر 4130360428293 ۽ (2) محمد نعيم ولد لياقت علي شناختي ڪارڊ نمبر 4130446153303 سان ڪري رهي آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندردستاويزي ثبوتن سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدر آباد کي آگاهه ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

صائم ميمڻ زال محمد سالم ميمڻ

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجو پٽ نالي عالم خان ولد نظر محمد جيڪو غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ڪري خراب ٿي ويو آهي جيڪو ڪافي سمجهائڻ باوجود پنهنجي حرڪتن کان باز نه اچي رهيو آهي جنهن سبب آئون سندس سان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو اڄ ڪانپوءِ منهنجو ۽ ٻين گهر ڀاتين جو ان سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو وغيره نه آهي اگر ڪو به شخص يا ادارو ان سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦڏو فساد ڪري ٿو ته ان جو هو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو ان ڪنهن به قو فعل سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي.

نظر محمد ولد گل خان رهندڙ چڪي
تعلقو ضلعو حيدرآباد

بقايا 1 سيڪيورٽي

پوليس اهلڪار مقرر ڪرڻ ميٽل ڊيٽيڪٽر ۽ ڊرون ڪيمرائن ذريعي نگراني ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڊي سي ٻڌايو ته سيڪيورٽي نظام کي 8 زونن ۾ ورهايو ويو آهي. گڏجاڻي دوران سمورن عملدارن کي لکين زائرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ صفائي انتظام بهتر ڪرڻ ،حددخليون هٽائڻ کان علاوه عرس دوران پيئڻ جي پاڻي فراهمي ۽ لوڊ شيڊنگ نه ڪرڻ ،ٽريفڪ تي ڪنٽرول ۽ صحت سميت ٻيون بنيادي سهوليتن فراهم ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو اجلاس ۾ اڳوڻي ايم اين اي سڪندر راهپوٽو چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف مختيار علي ابڙو ممتاز علي منگي شهزاد شاهه ايس ايس پي جامشورو ايس ايس پي موٽر وي واپڊا گيس کاتي بلديا ۽ کاتي صحت کاتي جي متعلقا آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي ميلي جو افتتاح گورنر ڪامران ٽيسوري ۽ پڄاڻي واري پروگرامن ۾ وڏو وزير مراد علي شاهه شرڪت ڪندو

بقايا 2 لاش وارثن حوالي

جي مراد واهڻ پاڙي جي رهواسي آفتاب پٽ الطاف ٿنيو طور ٿي جنهن کان پوءِ وارثن اسپتال پهچي مبينا خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش وصول ڪيو ان حوالي سان نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته آفتاب جو ذهني توازن ٺيڪ نه هو جنهن ڪري سندس جو علاج پڻ هلندڙ آهي، اسان جي نوجوان پاڻ کي ڪنٽينر هيٺيان ڏئي خودڪشي ڪئي آهي. ٻئي طرف سجل ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته نوجوان جو ذهني توازن ٺيڪ نه هو جنهن جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. هوڏانهن نوجوان جو لاش گهر نيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 3 4گرفتار

سونا زيور ۽ نقد رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿيڻ جي ڪوشش دوران ڪالوني جي رهواسين عورتن جي ڪيل رڙين ڪانپوءِ کين سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جنهن ۾ 2 عورتون فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون ، گهٽي رش ٿيڻ ڪانپوءِ ليڊيز پوليس 4 عورتن کي حراست ۾ وٺي ورمين ٿاڻي تي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي ، ورمين ٿاڻي جي انچارج ميڊم نوشابا ڄاڻايو آهي ته انور ڪالوني جي رهواسين جي اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪري 4 ڦورو عورتن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن ۾ پوليس جي پهچڻ کان 2 عورتون فرار ٿي ويون هئيون ، واقعي جي جانچ ڪئي وڃي پئي جنهن ۾ ڦر جي ارادي سان گهرن اندر داخل ٿيندڙ عورتن تي فريادي ڌر جي ڪيل فرياد ڪانپوءِ ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي ، جڏهن ته ڦر جي ارادي جي متاثر گهرڀاتين جو الزام آهي ته ڦر جي ارادي سان آيل عورتن گهرن ۾ عورتن ۽ ٻارن کي ڪمرن ۾ بند ڪري ڦر ڪرڻ شروع ڪئي هئي جنهن ۾ عورتن جي رڙين ڪانپوءِ ڪالوني جي رهواسين ڦورو عورتن کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو جنهن ۾ 2 عورتون فرار ٿي ويون ، 4 ڦورو عورتن کي پوليس حراست ۾ ورتو آهي ، ياد رهي ته ٽنڊو محمد خان جي شهري علائقي ۾ گهرن اندر چادري پهريل نقاب پوش عورتن جي ٽولي ڦر واري ارادي ۾ ناڪامي ڪانپوءِ شهرين ۾ سخت ڳڻتي ڇانئيل آهي.

بقايا 4 حالت ۾ گرفتار

سميت مختلف ٿاڻن تي مختلف ڏوهن جا ڪيس پڻ داخل ٿيل آهن.

بقايا 5 گرفتار

وڪرو ڪندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي گرفتار جوابدارن ۾ رياض سرڪي اسدالله انصاري ۽ امداد لاڪو شامل آهن هن ٻڌايو ته جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڪيري وين ۽ مرده مينهن ۽ ڳئون جو گوشت برآمد ڪيو ويو جيڪو وڪرو ڪيو پيو وڃي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پاران ايس ايڇ او ۽ پير وسڻ ۽ ان جي جي ٽيم کي شاباشي جو پيغام ڏنو ويو

بقايا 6 وارثن ۾ ڪهرام

چوڻ آهي ته واقعي جي ڪا به ڄاڻ نه ملي آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن اهي پڻ چوبول آهن ته نوجوان ڪجهه وقت اڳ زهر پڻ کاڌو هو جنهن کي فوري واش ڪري سندس زندگيءَ کي بچايو ويو هو

بقايا 7 اسپتال منتقل

موقعي تان فرار ٿي ويو رستي ويندي شهرين اٽ گاڏي سوار کي کڻي سول اسپتال مٽي منتقل ڪيو آهي اطلاع اٽ گاڏي جي ٽڪر ۾ زخمي لال محمد شاهاڻي جو سول اسپتال مٽي ۾ علاج هلندڙ آهي

بقايا 8 ڦنا ڪري ڇڏيا

پنجاب طرفان سندس گرفتاري لاءِ هڪ ڪروڙ رپين جو انعام مقرر ٿيل هو جڏهن ته هو ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهن جي علامت بڻيل هو.ڊي پي او رحيم يار خان عرفان علي سمون ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهارين خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري رهنديون ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت يقيني بڻايو ويندو هن چيو ته جيڪي ماڻهو هٿيار ڇڏي پرامن زندگي طرف موٽڻ چاهين ٿا انهن لاءِ قانون جي دائري اندر رستا کليل آهن.ڊي پي او وڌيڪ چيو ته سرنڊر ڪندڙ ماڻهن کي سماج جو سٺو شهري بڻجڻ ۽ بهتر زندگي گذارڻ جا مڪمل موقعا فراهم ڪيا ويندا جڏهن ته جيڪي عنصر قتل اغوا ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث رهيا آهن تن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي آخر ۾ ڊي پي او عرفان علي سمون عزم ظاهر ڪيو ته رحيم يار خان پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، ڏوهارين جي سرڪوبي ۽ ڪچي واري علائقي ۾ مڪمل امن امان جي قيام تائين آپريشن جاري رکندي ۽ ڪنهن به ڌاڙيل کي قانون کان معافي نه سمجهيو ويندو.

بقايا 9 ملهايو ويو

ڪاظمي صحافين کي ٻڌايو ته سيد ابوڙو شاهه جي درگاهه تمام قديمي آهي ۽ ان جا مريد سنڌ ۽ هند ۾ موجود آهن هنن چيو ته صوفي بزرگن هميشه امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي ۽ اسان به ان کي اڳتي کڻي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

بقايا 10 افتتاح ڪيو

جو افتتاح ڪرڻ بعد وڪيلن کي خطاب ڪيو چيف جسٽس سنڌ ظفر احمد راجپوت پنوعاقل بار ۾ پهتو جتي وڪيلن کي خطاب ڪرڻ گڏ سان تعمير ٿيندڙ جوڊيشل ڪامپليڪس جو جائزو ورتو چيف جسٽس سنڌ پاران ڪورٽ روم ، تعلقي بار ۽ بي برانچز لاءِ ٽي ڪي وي سولر پلانٽ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا 11 ڪردار تي سيمينار

رومين رائيٽ اينڊ ڊيولپمينٽ (SWORD) جي سهڪارسان ٿي گذريو هن ۾ مختلف پبلڪ سيڪٽر جا تعلق رکندڙ عهديدارن عورتن ۽ مردن پڻ شرڪت ڪئي هن پروگرام ۾ وڏو تعداد عورتن جو موجود هو هن آرگنائزيشن جي هيڊ نظير قريشي ۽ ڪوآرڊينيٽر فرزانا ابڙي سيمينار تقريب جي نگراني ڪئي پروگرام جي ڪاروائي ساجده قاضي روبينا صديقي عائشيا عمران سومرو هلائي هن سيمينار کي اسحاق سميجو واحيد ڪانڌڙو فضل خان چانڊيو جي پرڪاش زاهد ميسو روزينا گهانگهر صدف ڪيريو پرويز برڪت ۽ ٻين خطاب ڪيو مقررين چيو ته دنيا ۾ 60 سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان تيار ٿئي ٿي جنهن سان اتي ماحوليات هي آلودگيءَ ۾ ڪافي گهٽتائي آهي ۽ آئيس لينڊ جيو ٿرمل ونڊ سن لائيٽ هائڊرو اليڪٽرڪ تي ڪم ڪري رهيا آهن سينگارپور ملڪ ۾ 24 ڪلاڪن ڪانپوءِ اتي ڪا به گند ڪچرو ڪٺائي ڇڏهن ٿا دنيا جو سوئيڊن واحد ملڪ آهي جتي سموڪنگ ناهي هاڻي ٻاهرين ملڪن ۾ ته ٻين ملڪن جي ماڻهن ته پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي ڇاڪاڻ ته ٻين ملڪن مان ايندڙ ماڻهن جو اچ وڃ ته گاڏين جو فيول خرچ ٿيندو ان سان ماحوليات ته منفي اثر مرتب ٿيندو هنن مقررين وڌيڪ چوڻ هو ته پاڻي جون بوتلون به بهتر ماحوليات لاءِ خطرو آهن ان سان آلودگي ۾ اضافو اچي ٿو ۽ سستي بجلي تيار ڪرڻ جا نوان سائنس متعارف ڪري آهن ان ۾ ونڊ پاور سولر پلانٽ ڪول پلانٽ جنهن سان شمسي توانائي جنهن ۾ آلودگيءَ جو ريشو تمام گهٽ ۽ بهتر فضا ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو هن وقت ونڊ پاور پلانٽ جهمپير ۽ ٻين علائقن ۾ لڳا ويا آهن جنهن مان بجلي تيار ڪئي پئي وڃي ترقي پذير ملڪ وٽ گند ڪچرو انهن وٽ زيرو آهي ڇاڪاڻ ته انهن مان بجلي تيار ڪري رهيا آهن آلودگيءَ کي روڪڻ لاءِ پلاسٽڪ جون ٿيلهون کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ انهن کي آبادي ۾ ساڙڻ سان آلودگيءَ ۾ اضافو اچي ٿو. هن وقت جهمپير ونڊ ڪاريڊور ۾ 22 ونڊ پاور ڪمپينون هوا مان بجلي پيدا ڪري رهيا آهن جيڪو بهتر ماحول لاءِ بهتر عمل آهي اتي عورتون پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏي رهيون آهن

بقايا 12 بعلي حسن زرداري

حيدرآباد ۾ ٻن روڊن جو افتتاح ڪيو ويو آهي هڪ 3.5 ڪلوميٽر ۽ ٻي 7 ڪلوميٽر آهي. ٻنهي روڊن جو ترقياتي ڪم جون 2026ع تائين مڪمل ڪيو ويندو. هڪ جي قيمت 1100 ملين ۽ ٻئي هاءِ وي جي قيمت 1180 ملين رپيا آهي. حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ اهلڪارن پاران قيدين ۽ سندن مائٽن کان رشوت جي وصولي بابت پڇيل هڪ سوال تي هن چيو ته قيدين ۽ خاندانن کان رشوت وٺندڙ ڪرپٽ اهلڪارن خلاف ضرور سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ اسان اڄ ئي سينٽرل جيل جي معاملي تي ڪارروائي ڪنداسين هن چيو ته حيدرآباد ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن. اي ڊي پي اسڪيمن جي نگراني ڊپٽي ڪمشنرن وٽ آهي. هن چيو ته ميئر ۽ چيئرمين کي اي ڊي پي اسڪيمن جي نگراني به ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته هن سال بينظير ڀٽو فلائي اوور مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ان کان اڳ صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز علي حسن زرداري ڳوٺ ڪرن خان شورو پهتو جتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو سندس استقبال ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو ۽ وزير اعليٰ سنڌ جي خاص معاون رليف عبدالجبار خان ڪيو ان موقعي تي سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز محمد نواز سوهو، ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن فياض احمد عباسي، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ، فيصل عبدالجبار خان ۽ ٻيا به موجود هئا.

بقايا 13 ڦري ويا

ڪيڏي ڏنا جيڪي وٺڻ بعد اهي فرار ٿي ويا. شروعاتي طور تي بي سيڪشن ۽ سٽي ٿاڻو ٽنڊوآدم تي ان واقعي جو ڪيس وغيره داخل ناهي ٿيو آهي واقعي سان علائقي ۾ خوف جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي.

بقايا 14 انت آڻي ڇڏيو

۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو ڳوٺاڻن وڻ ۾ ٽنگيل لاش ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد پڻ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مڙهه کي پوسٽ مارٽم لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ٻئي پاسي پڻ پوليس جو چوڻ آهي ته ابتدائي رپورٽ موجب دلدار ڪجهه عرصي کان قرض سبب سخت پريشان هو قرضين کان تنگ اچي خودڪشي ڪري ڇڏي فوتي دلدار ڇهن ٻارن جو پيءُ هو.

بقايا 15 ملاقات ڪندو

ڏيڻ ۽ انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سينيئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو جي صدارت هيٺ سائين جي ايم سيد ايڊيفيس جامشورو ۾ ضلعي جامشورو جي سينيئر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس دوران پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي الڳ الڳ ذميواريون سونپيون ويون اجلاس کي خطاب ڪندي مرڪزي سينيئر نائب صدر روشن علي ٻرڙو اڳواڻن کي هدايتون جاري ڪيون ته سڀ دوست پنهنجون ڏنل ذميواريون ڀرپور نموني سان نڀائن ۽ پارٽي ڪارڪنن جي وڌ کان وڌ شرڪت کي يقيني بڻائين ته جيئن پروگرام مڪمل طور ڪامياب ٿي سگهي.

بقايا 16 ڊي سي جامشورو

ورتو. هن لاڳاپيل عملي کي سختي سان هدايتون جاري ڪيون ته مريضن کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. ان ڪانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر جامشورو ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جي آفيس جو پڻ اوچتو دورو ڪيو جتي هن عملي جي حاضري چيڪ ڪئي. غير حاضر عملي تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي ڊپٽي ڪمشنر واضح ڪيو ته سرڪاري ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي قبول نه ڪئي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جي سرٽيفڪيٽ برانچ جو پڻ جائزو ورتو جتي پيدائشي سرٽيفڪيٽ سميت ٻين سرڪاري سرٽيفڪيٽن جي بروقت فراهمي بابت هدايتون جاري ڪيون ويون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل عملي کي سختي سان هدايت ڪئي ته ميونسپل ٻولهاڙي جي مختلف علائقن ۾ صفائي سٿرائي کي هر حال ۾ يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت يا سست رفتاري برداشت نه ڪئي ويندي ٻئي طرف ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري ڪوٽڙي گورنمينٽ علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج جو به دورو ڪيو جتي هن ڪاليج ۾ جاري ترقياتي ڪمن تعليمي سهولتن ۽ عمارت جي بنيادي اسٽيڪچر جو پڻ جائزو ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر پاران ڪمپيوٽر ليب، ڪلاس روم تدريسي ماحول ۽ شاگردن کي مهيا ڪيل سهولتن جو معائنو ڪندي هن چيو ته تعليمي ادارن ۾ معياري سهولتن جي فراهمي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو ته ڪاليج ۾ جاري ترقياتي ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن جيئن شاگردن کي جديد ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪري سگهجي هن ٺيڪيدار کي پڻ سختي سان هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪمن جي رفتار تيز ڪئي وڃي ۽ معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال نزاڪت علي بابلاڻي ڊپٽي ڪمشنر کي آگاهه ڪيو ته ڪاليج ۾ ڊرينج واري پاڻي جي نيڪال جو پراڻو مسئلو آهي ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جي واٽر ڪولر جي پڻ سخت ضرورت آهي جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر فوري طور ڪاليج لاءِ واٽر ڪولر جي منظوري ڏني ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايتون جاري ڪيون ته باقي رهيل ڪم جلد از جلد مڪمل ڪيا وڃن جيئن تعليمي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي، دوري دوران ڪاليج جي پرنسپال نزاڪت علي بابلاڻي اسٽاف آفيسر عرفان علي چنا، پروفيسر نواز سومرو، پروفيسر حافظ سومرو، پروفيسر اياز رگهيو سميت ڪاليج جو تدريسي عملو پڻ موجود هو.

بقايا 17 گرفتار نه ٿيا

جوابدارن جي موبائيل فون ۾ وڏا ثبوت پوليس هٿ ڪري ورتا آهن مدعين چيو ته 25 ڏينهن گذري ويا آهن پوليس ٻين جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي.

بقايا 18 قتل جا الزام

ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتي نوجوان جي وارثن جو ٿاڻي جو گهيراءُ، پوليس مٿان مبينا پيسا نه ملڻ ڪري نوجوانن کي مارڻ جو الزام

بقايا 19 احتجاج

ڪاڪا مٿان ٿيل تشدد ناقابل برداشت عمل آهي جيڪو انساني حقن جي پڻ کليل ڀڃڪڙي آهي مظاهري ۾ شريڪ اڳواڻن مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ايس ايڇ او نادر پٺي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته هو معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي متاثرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي جيڪڏهن ملوث پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 20 زيور ڏيئي ڇڏيا

گهرائي اها دعويٰ ڪئي ته مشهور چور نواز شاهه گرفتار ٿي چڪو آهي توهان جا چوري ٿيل سونا زيور ۽ قيمتي سامان برآمد ڪيو ويو آهي

بقايا 21 مطالبو

گئس جي ڊگهي بندش تي تفصيلي ملاقات ڪئي گئس اهلڪارن ٻڌايو ته بحالي جو ڪم ڪافي حد تائين مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ جلد گئس جي فراهمي بيهتر شروع ڪئي ويندي.اندرون سنڌ ۾ ٿڌ ۽ ڌنڌ سبب روڊ ۽ ريلوي نظام متاثر ٿيو آهي قومي شاهراهه تي حد نگاهه گهٽ هجڻ ڪري مسافر گاڏيون حادثن کان بچڻ لاءِ هلائڻ کان قاصر آهن مسافر ٽرينون به ڪيترا ڪلاڪ دير سان پهچي رهيون آهن جنهن سبب مسافرن شاگردن ۽ ٻين شهرين کي ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن

بقايا 22 قبضي جو خدشو

محفوظ ناهن رهيا ڏگهڙي شهر جو هڪ وڏو ۽ سنگين مسئلو آوارا جانور آهن جيڪي سڄي شهر ۾ دڪاندارن ۽ عام شهرين لاءِ مسلسل نقصان ۽ خوف جو سبب بڻيل آهن

بقايا 23 سامان ڦر

سي ڊي موٽر سائيڪل 2025 ماڊل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا

بقايا 24 ڊپٽي ڪمشنر

ڪمشنر جهنڊو مري شهزادو عمير جروار، ڊسٽرڪٽ هيلٿ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي ضلعي آفيسرن ۽ پرائيويٽ اسڪول ايسوسيئيشن جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا 25 دعويٰ

ڇڏي.ان سلسلي ۾ يس ايڇ او ڪمالڊيرو ذيشان مهيسر جو چوڻ هيو ته ايس ايس پي نوشهروفيروز ميرروحل کوسي جي سخت هدايتن حڪمن تي عمل ڪندي منشيات فروش ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي ڪنهن سان ڪابه رعايت نه ٿيندي منشيات فروش ڏوهارين کي هر صورت ۾ قانوني ڪٽهڙي۾ آڻي عوام جي جان مال جو تحفظ يقيني بڻائيبو ان لاءِ شهري به پوليس سان وڌ ۾ وڌ تعاون ڪن جيئن منشيات فروش ۽ ڏوهارين خلاف اثرائتي ڪاروايون ڪامياب ٿين.

بقايا 26 احتجاجي مظاهرو

چوديواري جو تقدس پائمال ڪري عورتن،مردن ۽ ٻارڙن مٿان سخت تشدد ڪري ڏنو

بقايا 27 دفنائي ڇڏيو

رضاڪارن ضروري ڪارروائي بعد فوتي پيرسن جو لاش دودائي قبرستان ۾ دفنايو ويو

بقايا 28 سخت زخمي

ڪندو هو پر باٿر ظالم جوابدارن بنا ڪنهن ڏوهه جي ظلم جو انتها ڪري اُٺ کي ڪهاڙين جا وار ڪيا جنهن سبب بي زبان اُٺ سخت زخمي ٿي پيو آهي

بقايا 29 هڪ ڄڻو فوت

نوجوان احمد پٽ حسين سمون سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي بر وقت ڏگهڙي شهر جي نجي اسپتال منتقل ڪيو جتي علاج دوران اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو.

بقايا 30 پوليس خاموش

پڪڙ ڪرڻ بجاءِ شهر ۾ سرعام هلندڙ منشيات جي منشيات فروشن کان مال وصولي ڪرڻ ۾ رڌل آهي

بقايا 31 پٽيشن داخل

جامشورو ساجد جمالي ۽ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪوٽڙي سليمان لاشاري کي نوٽيس جاري ڪندي 12 جنوري تي طلب ڪري رپورٽ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي

بقايا 32 انصاف جو مطالبو

پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ اعجاز ميراڻي غلام حسين ميراڻي احمد دين ميراڻي محمد مٺل ميراڻي نظام الدين ميراڻي محمد طاهر ميراڻي مسمات وزيران مسمات بشيران ۽ ٻين سميت وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا 33 متاثر نڪتا

اسڪريننگ ڪئي اسڪريننگ جي نتيجي ۾ 5 پوليس اهلڪارن ۾ هيپاٽائٽس بي جڏهن ته 36 پوليس اهلڪارن ۾ هيپاٽائٽس سي جي تصديق ٿي

بقايا 34 جاچ جو حڪم

مطالبو ڪيو ايس ايس پي پاران ايس ايڇ او جي صحافين خلاف ڪارگذار واري رڪارڊنگ ۽ صحافين جو موقف ٻڌڻ بعد ايس ايڇ او کي معطل ڪندي ڊي ايس پي ماجد قائم خاني کي وڌيڪ معاملي جي جاچ جو پڻ حڪم ڏنو.

بقايا 35 دعويٰ

هو.ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پاران ڪامياب ڪارروائي ڪندڙ پوليس ٽيم کي شاباسي جو پيغام ڏنو ويو.

بقايا 36 گل خان ڏيٿو

ٽورنامينٽ جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو

بقايا 37 احتجاج

حڪمران پنهنجون ڪريل حرڪتون بند ڪن ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن نه سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 38 روڪڻ جو مطالبو

آف سنڌالاجي جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ رٿيل فڪري ويهڪ ۾ مقرر اهو به ورجايو ته تخليقي اظهار سماجي ۽ ساختي قوتن کي ڪيئن چئلينج ڪري سگهي ٿو جيڪي صنفي بنياد تي تشدد ٿين ٿا

بقايا 39 اعزاز ۾ آجياڻو

سيد امداد علي شاهه جعفري سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر اياز تنيو فضل قادر ميمڻ قربان پٺو بئريسٽر سيد منصور علي شاهه سيد علي اڪبر شاهه آصف ڪوڪر سميت سوين وڪيلن شرڪت ڪئي

بقايا 40 موت وارو ماسرو

قتل جو ڪيس جيل انتظاميه خلاف داخل ڪرائڻ لاءِ قلم 22 اي تحت درخواست داخل ڪرائي وئي هئي سيشن جج ٺٽو جي عدالت ۾ درخواست تي ٻڌائي تي مڪلي ٿاڻي جو ايس ايڇ او الهوسايو نهڙيو پيش ٿي عدالت کي ٻڌايو ته قيدي علي بخش ملاح جو موت سندس پاران آپگهات ڪرڻ سبب پيش آيو آهي جنهن جي حتمي پوسٽ مارٽم جي رپورٽ اڃا تائين جاري نه ٿي سگهي آهي عدالت ۾ وڪيل قربان هالو پنهنجي ٽيم سميت دليل ڏيندي چيو ته هي قتل جو معاملو آهي پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري نه ٿيڻ ۽ پوليس پاران معاملي کي آپگهات قرار ڏيڻ ڪيترائي سوال پيدا ڪيا آهن سيشن جج ٺٽو جي عدالت ايندڙ ٻڌڻي 15 جنوري تي مقرر ڪندي ٺٽو ڊسٽرڪٽ جيل جي سپرنٽينڊنٽ حماد چانڊيو ۽ فوتي قيدي علي بخش ملاح جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ سول اسپتال ٺٽو جي ميڊيڪل آفيسر کي روبرو طلب ڪري ورتو آهي عدالت مان انصاف جي اميد آهي پوسٽ مارٽم رپورٽ کي چئلينج ڪرڻ سميت مختلف آپشنز موجود آهن ايندڙ شنوائي تي عدالت جيل سپرنٽينڊنٽ ۽ ميڊيڪل آفيسر کي طلب ڪيو آهي. ايڊووڪيٽ قربان هالو

بقايا 41 ٻه ڄڻا گرفتار

گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيا آهن جڏهن ته هڪ هفتي اندر 20 کان وڌيڪ رياچ خورن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ايس ايس پي موجب رياچ خورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رهندو

F.NO.1-102/2024/A-I

GOVERNMENT PAKISTAN
MINISTRY OF FEDERAL EDUCATION
AND PROFESSIONAL TRAINING
DIRECTORATE GENERAL OF SPECIAL EDUCATION

SITUATIONS VACANT

The Directorate General of Special Education, under Ministry of Federal Education and Professional Training invites online applications from Pakistani Nationals to fill the following regular posts on temporary basis. The test and interview of the post wise will be processed as per Government Policy.

S.No.	Name of Post with BPS	No. Vacant Posts	Age Limit in years	Qualification & Experience	Fall under quota
1.	Assistant (BS-15)	2	18-28	i. Graduate ii.6 weeks basic IT training course (Including MS Office) conducted by NITB (after Selection)	ICT (merit)=01 Punjab(merit)=01
2.	Junior Instructor (BS-14)	2	18-25	Matric with 3-year Diploma from Polytechnic in Electrical / Refrigeration and Air-conditioning / Mechanical	ICT (merit)=01 Sindh (R)(merit)=01
3.	Vocational Teacher (BS-14)	3	18-25	Matric with three years diploma in vocational sewing/ tailoring/ needle work (wood work/metal work/ radio television techniques /Fine Art. **For Female** Matric with 2 years diploma in cutting sewing/ tailoring/ needle work /embroidery/ knitting	ICT (merit)=01 Punjab(merit)=01 Sindh (R)(merit)=01
4.	Prosthetic/Orthotic Technician (BS-11)	2	18-25	Matric with three years' experience in prosthetic in a well-organized Institution	ICT (merit)=02
5.	Mobility Instructor (BS-11)	1	18-25	i. F.A/ FSc ii. 2 years teaching experience in schools for visually impaired	ICT (merit)=01
6.	Driver (BS-04)	5	18-30	i. Primary pass ii. Valid (HTV) Driving license holder and well versed in the Traffic Rules.	Punjab(merit)=01 Sindh (R)(merit)=01 Sindh (U)(merit)=01 Balochistan)(merit)=01 KPK (merit)=01
	Total	**15**			

Terms & Conditions

1. The selection shall be made purely on merit basis observing regional/provincial quota with 10%, 5% & 2% quota for women, minorities & disabled candidates respectively as per Govt. Policy
2. Interested candidates can apply online through https://recruitment.fbise.edu.pk within 15 days from the date of publication of advertisement. Applications by post/by hand will not be entertained.
3. Only short-listed candidates will be called for written test/ interview. The eligible candidates will be informed for test / interview through post or on the given Email.
4. Test fee will be charged @ Rs.500 per candidate for each post.
5. Test Centre for each post will be in Islamabad.
6. Candidates already in Government Service should apply through proper channel, along with NOC from their organizations clearly stating the length of service and other particulars.
7. Candidates will have to produce original documents at the time of interview. Candidates already in Government Service will also have to produce original NOC from their departments/organizations.
8. The general age relaxation of 5 years and others in upper age limit would be granted as admissible under the rules.
9. No TA/DA shall be admissible for appearing in test/interview.
10. If a candidate is interested to apply for more than one post, he should apply separately.
11. The selected candidates will be posted within Islamabad only.
12. The competent authority reserves the right to cancel the process of recruitment at any stage without citing any reasons.

Director (Admin)
Directorate General of Special Education
Hanna Road, G-8/4, Islamabad, Ph.051-9107532

PID (I) 5584 /25

حضرت لال شهباز قلندر جي ميلي تي سيڪيورٽي سميت ٻين سهولتن فراهم ڪرڻ جو فيصلو

ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت ۾ ڊي سي آفيس ڪوٽڙي ۾ اهم اجلاس ٿيو

عرس جي سيڪيورٽي لاءِ 5 هزار اهلڪار مقرر ڪرڻ، ميٽل ڊيٽيڪٽر ۽ ڊرون ڪيمرائن ذريعي نگراني جو فيصلو

ميلي جو افتتاح گورنر ۽ پڄاڻي پروگرامن ۾ وڏو وزير مراد علي شاهه شرڪت ڪندو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت ۾ ڊي سي آفيس هال ۾ حضرت لال شهباز قلندر جي 774 هين عرس بابت اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ 9 کان 11 فيبروري تائين منعقد ٿيندڙ عرس جي سيڪيورٽي انتظامن لاءِ پنج هزار

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: گهر مان واردات ڪندڙ سوگهو ڪيل عورتون ٻي طرف ماڻهو گڏ ٿيل آهن

ٽنڊو محمد خان چادري پهريل نقاب پوش عورتن جي ڦرواري واردات، 4 گرفتار

انور ڪالوني ۾ 6 عورتن گهر ۾ لکين روپين جا سونا زيور ۽ نقد رقم ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

رهواسين 4 عورتن کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو 2 فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي انور ڪالوني جي علائقي مان گهرن اندران 6 عورتن جي انوکي واردات، لکين روپين جي ماليت جا سونا زيور، نقد رقم ڦر ڪرڻ ۾ ناڪام، 2 عورتون فرار، 4 عورتن کي ڪالوني جي رهواسين پوليس حوالي ڪري ڇڏيو، ٽنڊو محمد خان شهر جي انور ڪالوني ۾ چادري پهريل نقاب پوش 6 عورتن ڦر جي ارادي سان محمد عارف راجپوت ۽ محمد سعيد راجپوت جي گهرڻ اندر داخل ٿي لکين روپين جي ماليت جا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور ڪنٽينر اڳيان اچي خودڪشي ڪندڙ نوجوان جي سڃاڻپ بعد لاش وارثن حوالي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سڄل ٿاڻي جي حد چانڊڪا پل تي هڪ ڏينهن اڳ مبينا طور پاڻ کي ڪنٽينر هيٺيان ڏئي خودڪشي ڪندڙ 30 ورهين جي نوجوان جي سڃاڻپ 24 ڪلاڪن بعد شهر جي مراد واهڻ پاڙي جي رهواسي شهر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

محرابپور: پوليس پاران مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

خيرپور پوليس پاران مرده جانورن جو گوشت وڪرو ڪندڙ 3 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مهران هاءِ وي تي ڪارروائي ڪري رياض سرڪي، اسدالله انصاري ۽ امداد لاکو کي گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڪيري وين ۽ مرده مينهن ۽ ڳئون جو گوشت برآمد ڪيو آهي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جي اهم ڪارروائي مرده جانورن جو گوشت وڪرو ڪرڻ ڪندڙ 03 جوابدار گرفتار ان ڏس ۾ ايس ايڇ او پيپروسڻ ٻڌايو ته مهران هاءِ وي تي ڪارروائي ڪري مرده جانورن جو گوشت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ مان نوجوان جو وڻ مان ٽنگيل لاش هٿ، وارثن ۾ ڪهرام

عظيم ڪالوني واسي عبدالغني ملاح جو سنڌس ئي مينهن جي واڙي مان لاش هٿ آيو

وارث نوجوان جو لاش کڻائي اسپتال پهتا، ڊاڪٽرن پاران فوتگي جي تصديق بعد بغير پوسٽ مارٽم جي گهر کڻائي ويا

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر جي عظيم ڪالوني ۾ نوجوان عبدالغني ولد علي انور ملاح جو سنڌس ئي مينهن جي واڙي مان وڻ ۾ ٽنگيل لاش مليو آهي جنهن کي فورن تعلقه اسپتال سڪرنڊ کنيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران فوتگي جي تصديق ڪئي وئي اسپتال ۾ موجود نوجوان جي ساٿي صفر ملاح ٻڌايو ته سنهنجي ڀائيجي جو لاش سنڌس مال جي واڙي اندر وڻ ۾ ٽنگيل مليو آهي سبب ۽ معاملي جي جاچ نه پئجي سگهي آهي خودڪشي جي سبب بابت جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن فوتي نوجوان جو لاش سنڌس وارث بغير پوليس ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم جي گهر کڻائي ويا ايس ايڇ او سڪرنڊ امان الله سومرو جو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ملي لڳ ڊبل ڪيبن گاڏي جو اٺ گاڏي سان ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

ملي (ڊ-ر) ملي ڊيپلو روڊ تي ڊبل ڪيبين گاڏي جو اٺ گاڏي کي ٽڪر اٺ گاڏي سوار سخت زخمي ملي اسپتال منتقل ملي اٺ گاڏي سوار ڳوٺ ميهاري واسي آهي جيڪو چيلهار ويجهو ڳوٺ ملي تعلقي جو آهي ڊبل ڪيبين سوار اڳيان ويندڙ اٺ گاڏي کي پويان ٽڪر هڻي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ توانائي جي منتقلي ۽ ماحولياتي تحفظ ۾ عورتن جي ڪردار تي سيمينار

دنيا ۾ 60 سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان تيار ٿئي ٿي جنهن سان اتي ماحوليات هي آلودگيءَ ۾ ڪافي گهٽتائي آهي:اسحاق سميجو

ونڊ پاور سولر پلانٽ ڪول پلانٽ سان شمسي توانائي جنهن ۾ آلودگيءَ جو ريشو نمبر گهٽ ۽ بهتر فضا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو:فضل چانڊيو

هن وقت جهمپير ونڊ ڪاريڊور ۾ 22 ونڊ پاور ڪمپنيون هوا مان بجلي پيدا ڪري رهيا آهن جيڪو بهتر ماحول لاءِ بهتر عمل آهي:جئه پرڪاش/زاهد ميمڻ

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) توانائي جي منتقلي ۽ فيصلي سازي ۾ عورتن جي ڪردار تي ڌيان ڏيڻ لاءِ ان حوالي سان هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو آهي جيڪو سوسائٽي فار

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

PUBLIC FORUMS 2026

حيدرآباد: سماجي تنظيم سوڊ پاران متبادل توانائي ۽ عورتن کي با اعتماد بنائڻ بابت ڪرايل عوامي فورم ۾ شريڪ سماجي اڳواڻن جو سوڊ جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر فرزانه ايري سان گڏ ورتل گروپ فوٽو

حيدرآباد ۾ ٻن روڊن جو افتتاح ڪيو آهي، هڪ 3.5 ۽ ٻيو 7 ڪلوميٽر آهي:علي حسن زرداري

حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ رشوت وٺندڙ اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي، قيدين ۽ خاندانن کان رشوت وٺڻ وارن کي نشانو بڻايو ويندو

حيدرآباد ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن، اي ڊي پي اسڪيمن جي نگراني ڊپٽي ڪمشنرن وٽ آهي

ميئر ۽ چيئرمين کي اي ڊي پي اسڪيمن جي نگراني به ڪرڻ گهرجي، هن سال بينظير پڌو فلائي اوور مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل علي حسن زرداري پنياري ڪينال تي ٻن نون روڊن جو سنگ بنياد رکڻ کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم مان شاهينگ دم ڪرڻ جي بهاني عورت کان لکين روپيه ڦري ويا

چار نامعلومن گهر ۾ موجود پٽسا دم ذريعي بيٺا ڪرڻ بهاني ڪئي ويا آهن: مجيدان مگسي

جوابدارن کي 4 کان 5 لک روپيا روڪ ڪيري ڏنا جيڪي وٺڻ بعد اهي فرار ٿي ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي الهيار ڳوٺ جي راڻا ٽائون جي رهواسڻ مسمات مجيدان زال سبحان منگسي ٽنڊوآدم جي بي سيڪشن ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي آهي ته چار نامعلوم ماڻهن کيس ڌوڪو ڏئي 4 کان 5 لک روپيا نقد ڦري فرار ٿي ويا. متاثر عورت مطابق چار نامعلوم جوابدار جيڪي هڪ اڇي ڪار ۾ سوار هئا انهن محمدي چوڪ تي کيس روڪي دعويٰ ڪئي ته هو الله جا ولي ۽ دم ڪندڙ بابا آهن ۽ اڪري سان کيس پنهنجي وس ۾ ڪري کيس سندس گهر ۾ موجود پٽسا دم ذريعي بيٺا ڪري ڏيڻ جو چيو جنهن تي هوءَ انهن کي پنهنجي گهر وٺي وئي ۽ 4 کان 5 لک روپيا روڪ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ويجهو ڇهن ٻارن جي پيءُ مبينا قرضين کان تنگ اچي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ويجهو پيٺ ٿاڻي جي حد ۾ مکڻ سوري رهواسي 45 سالا دلدار هاليپوٽو قرضين کان تنگ اچي گهر پرسان وڻ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪي پي ڪي جو وڏو وزير 10 جنوري تي ڄامشورو پهچي زين شاهه ۽ ٻين سان ملاقات ڪندو

ڪوٽڙي (ن ع) خيبرپختونخواهه جو وڏي وزير محمد سهيل آفريدي 10 جنوري تي صبح 10 وڳي سائين جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو پهچندو جتي هو سائين زين شاهه سان ملاقات ڪري موجوده سياسي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا ان حوالي سان پروگرام کي حتمي شڪل

بقايا نمبر15 ڏسو صفحو5

بهاولپور: مقامي ميلي دوران ماڻهو اٺن جي ويڙهه ڏسي رهيا آهن

باقراڻي ۾ گرفتار نوجوان لاڪپ ۾ مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، وارثن پاران ٿاڻي جو گهيراءُ، قتل جا الزام

ڳوٺ عبدالله لاشاري واسي 35 سالن جي نوجوان ٿاڻي جي لاڪپ ۾ مبينا ڦاهو ڪائي آپگهات ڪيو

اطلاع تي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏوڪري ۽ فوتي نوجوان جا وارث ٿاڻي تي پهچي ويا

وارثن پاران ٿاڻي جو گهيراءُ، پوليس مٿان مبينا پيسا نه ملڻ ڪري نوجوانن کي مارڻ جو الزام، انصاف جي گهر

باقراڻي(رپورٽ: خدا بخش ابڙو) باقراڻي پوليس هٿان گرفتار ٿيل ، اطلاع ملڻ تي ڏوڪري عدالت سڳوري جو جج ۽ نوجوان جا وارث ٿاڻي تي پهچي ويا، ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ نوجوان جو لاش

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه ۾ پ پ ش پ جو ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف احتجاج

ايس ايڇ او نادر پلي طرفان رمضان ۽ ثناءُ الله ڪاڪا مٿان ٿيل تشدد ناقابل برداشت آهي

واقعي جو نوٽيس وٺي ايس ايڇ او خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي:مظاهرين

پٽ شاهه(ن ع) پٽ شاهه ۾ پي پي شهيد ڀٽو جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران ايس ايڇ او نادر پلي جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. پي پي شهيد ڀٽو جي اڳواڻن سميت سياسي، سماجي ۽ انساني حقن جي تنظيم هيومن رائٽس ۽ سوشل جسٽس جي چيئرمين راڻا غلام نبي،خليل راجپوت،گلشير ڪاڪا، عمران راجپوت، خالد ڪاڪا، الياس پلي، شبير مجيداڻي،جام شهزاد سمون ۽ ٻين سعيدآباد پوليس جي مبينا زيادتن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري واقعي جي لفظن ۾ مذمت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ايس ايڇ او سعيدآباد نادر پلي طرفان لالا سروري جماعت جي رمضان ڪاڪا ۽ ثناءُ الله

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

بدين پوليس چوري ٿيل اصلي زيورن جي بدلي شهري کي نقلي زيور ڏيئي ڇڏيا

20ڏينهن اڳ گهر مان سونا زيور چوري ٿيا، پر پوليس اصل زيورن بدران نقلي ڏنا: غضنفر خواجه

ماهر سوناري جي جانچ ۾ زيور مڪمل طور نقلي ثابت ٿيا، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

بدين (ڊ ر) بدين پوليس چوري ٿيل اصلي سون جي زيورن جي بدلي شهري کي نقلي زيور ڏيئي ڇڏيا بدين شهر جي گولاڙجي روڊ مال پڙي جي رهواسي غضنفرعلي خواجه پريس ڪلب بدين ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 20 ڏينهن اڳ سندس گهر مان لکين رپين جا سونا زيور ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ٿيو هو جنهن جي رپورٽ پڻ داخل ڪرائي هئي پوليس 19 ڏينهن تائين ڪيس لارا ڏيندي رهي ۽ اوچتو ايس ايڇ او بدين ۽ سٽي انچارج ڪيس ٿاڻي تي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: شاگرديائي ڪرڪيٽ ميچ ۾ بيٽنگ ڪري رهي آهي

سکر ۾ ٽڏ، ڏنڊ ۽ گٽس جي بندش سبب عوام پريشان، اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ ٽڏ، ڏنڊ ۽ گٽس جي بندش سبب عوام لاءِ مشڪلاتون سکر ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ ٽڏ ۽ ڏنڊ جي ڪري عوام کي شديد مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن ڊسٽرڪٽ انچارج نعيم خان، ميمبر شميم راجپوت ۽ ديوان چند چاولا سوئي سدرن گئس ڪمپني جي آفيس جو دورو ڪيو ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ شخص ريڙهي تي يخني وڪرو ڪري رهيو آهي

ڪمالديرو پوليس پاران الڳ الڳ ڪارروائين ۾ ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمالديرو پوليس جون الڳ الڳ ڪارروائين ۾ ٻه ڄڻا گرفتار ڪيس داخل .ايس ايڇ او ذيشان مهيسر ڪارروائي ڪندي ڪيس ۾ روپوش جوابدار زاهد ملاح گرفتار ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف خفيا اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪندي برڪت ساميٽو کان 990 گرام زيد ايڪويهه سوپارو منشيات برآمد ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لاڏائو عورتون گهر ٻاهران سانجهه ڪري رهيون آهن

خيرپور ميونسپل عملي جو ريڙها مافيا ۽ تجاوزات خلاف آپريشن

لقمان ڦاٽڪ واري علائقي مان آپريشن دوران ڪيترائي ريڙها هٽايا ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ڊاڪٽر يارمحمد ڦليپوٽو جي حڪم تي ميونسپل انتظاميا پاران لقمان ڦاٽڪ واري علائقي ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آپريشن دوران ريڙها مافيا ۽ غيرقانوني تجاوزات قائم ڪندڙن خلاف قدم کنيا ويا، جڏهن ته ڪيترائي ريڙها هٽايا ويا ۽ رستا خالي ڪرايا ويا.

محرابپور ويجهو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار

پيروسڻ روڊ تي موٽرسائيڪل سوار ٽن جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي: پوليس

جوابي فائرنگ ۾ خدا بخش جلباڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ۽ سندس ساٿي فرار ٿي

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾ مبينه مقابلو پوليس پاران هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ان ڏس ۾ محرابپور پوليس موجب پيروسڻ روڊ تي موٽر سائيڪل سوار ٽن جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي فائرنگ تي هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب زخمي حالت ۾ گرفتار ڦورو جي سڃاڻپ خدا بخش پٽ الهه بخش جلباڻي ويڙهل مدئجي طور تي ٿي آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار وٽان هڪ غير قانوني پسٽول ۽ ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل برآمد ڪئي وئي آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار خلاف رٽوديرو محرابپور

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اوباڙو: پوليس اڳيان پيش ٿيل ڌاڙيلن جا فائيل فوٽو

بدنام زمانه ڌاڙيل ميرا لناٽي ساٿين سميت رضاڪاراڻي طور هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

سرنڊر ڪندڙن کي بهتر زندگي گذارڻ جا مڪمل موقعا فراهم ڪيا ويندا: ايس ايس پي

ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري رهنديون

اوباڙو(ن ع) ڊي پي او رحيم يار خان عرفان علي سمون جي قيادت هيٺ ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس بيسڊ ۽ ٽارگيٽڊ آپريشن مسلسل جاري آهي انهن ڪارروائين دوران پوليس جو گهيرو سخت ٿيڻ بعد حڪومت پنجاب پاران هڪ ڪروڙ روپين انعام يافته خطرناڪ ڌاڙيل ميرا لناٽي پنهنجي ساٿين قدا عرف راڻوڙ لناٽي ۽ زلفي لناٽي سميت رضاڪاراڻي طور هٿيار ڦٽا ڪري قانون حوالي ٿي ويو پوليس ترجمان موجب گرفتار ڌاڙيل ميرا لناٽي قتل، پوليس تي حملا، اغوا براءِ تاوان سميت ڪيترن ئي سنگين ڏوهن ۾ ملوث رهيو آهي ۽ هو ڊگهي عرصي کان قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهربل هو حڪومت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

ٽنڊوڄام لڳ سيد ابڙو شاهه بيگاڻي سنگهار جو ساليانو عرس عقيدت سان ملهايو ويو

درگاهه جي گادي نشين سيد آفتاب شاهه پاڳارو ۽ نجف شاهه ڪاظمي تاج پوشي ڪري عرس جو افتتاح ڪيو

عرس موقعي تي درگاهه کي سينگاريو ويو عقيدتمندن لاءِ مٺائين، رانديڪن ۽ تفريحي دڪان لڳايا ويا

ٽنڊوڄام(ت ر) ٽنڊوڄام لڳ درگاهه سيد ابڙو شاهه بيگاڻي سنگهار جو ساليانو عرس ملهايو ويو عرس جو افتتاح درگاهه جي گادي نشين سيد آفتاب شاهه پاڳارو ۽ سنڌس ڀاءُ نجف شاهه ڪاظمي درگاهه تي تاج پوشي ڪري ڪيو سيد ابڙو شاهه جي ساليانه عرس جي موقعي تي درگاهه کي سينگاريو ويو هو ۽ ايندڙ عقيدتمندن لاءِ مٺائين رانديڪن ۽ مختلف قسم جي تفريح لاءِ دڪان پڻ لڳايا ويا هئا. جڏهن ته عرس جي موقعي تي ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي چيئرمين بدر احمد ميمڻ، شمن جمالي، قربان جمالي سميت وڏي انگ ۾ مريدن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي انهي موقعي تي گادي نشين آفتاب شاهه پاڳارو ۽ نجف شاهه

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5

چيف جسٽس آف سنڌ پاران پنوعاقل پهچي ايفيڊيوٽ برانچ جو افتتاح ڪيو

جوڊيشل ڪامپليڪس جي تعمير ۾ ٿيندڙ دير تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

جسٽس ظفر احمد راجپوت تعلقي بار ۽ بي برانچز لاءِ ٽي ڪي ڊبليو سولر پلانٽ جو اعلان ڪيو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل ۾ چيف جسٽس آف سنڌ جسٽس ظفر احمد راجپوت پنوعاقل بار ايسوسيئيشن جو دورو ڪيو دوري دوران جسٽس ظفر احمد راجپوت ايفيڊيوٽ برانچ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي هن تعمير هيٺ آيل جوڊيشل ڪامپليڪس جي ڪم جو به جائزو ورتو ۽ تعمير ۾ ٿيندڙ دير تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو چيف جسٽس سنڌ پنوعاقل بار ايسوسيئيشن جي نئون چونڊيل عهديدارن کان حلف پڻ ورتو تقريب دوران پنوعاقل بار جي وڪيلن پاران آيل چيف گيسٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت سميت ٻين معزز مهمانن کي اجرڪ، ٽوپي ۽ لنگي جا تحفا پيش ڪري عزت ۽ احترام جو اظهار ڪيو ويو افيڊيوٽ برانچ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: لطيف آباد جي علائقي ۾ نئين سيوريج لائن وڇائي پئي وڃي

عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻ ضلعي انتظاميا جي پهرين ترجيح آهي: ڊي سي ڄامشورو

ڊپٽي ڪمشنر غضنفر قادري ميونسپل ٻولهاڙي، بي بي ايڇ آئي بستي ۽ بوائز ڪاليج جا دورا ڪيا

غير حاضر عملي تي ڪاوڙ ظاهر، رهيل ترقياتي ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي ۽ بنيادي صحت مرڪز بي بي ايڇ آئي خدا جي بستي جو اوچتو دورو ڪيو ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ڪوٽڙي جي علائقي خدا جي بستي ۾ بي بي ايڇ آئي پاران قائم بنيادي صحت مرڪز جو اوچتو دورو ڪري عوام کي مهيا ڪيل صحت جون سهولتن جو جائزو ورتو دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر صحت مرڪز ۾ ايندڙ مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ کين ملندڙ علاج ۽ سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ڊپٽي ڪمشنر صحت مرڪز ۾ عملي جي حاضري، دوائن جي دستيابي ۽ مجموعي انتظامن جو پڻ جائزو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

لاڙڪاڻي ۾ صحافي جي نياڻي ۽ ڀائيٽي جي اغوا ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيا، احتجاج

سينيئر صحافي اي حميد شيخ پنهنجي ڀيڻ سان گڏجي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

منهنجي نياڻي ۽ ڀائٽي کي اغوا ڪندڙ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڏنو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي الله آباد ٿاڻي جي حد گوليمار گهٽي جي رهواسي سينيئر صحافي اي حميد شيخ پنهنجي ڀيڻ سان گڏجي قائد عوام پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجي نياڻي وڪيلا ۽ ڀٽي ڀائٽي مسڪان شيخ کي چار ڄڻا هٿيارن جي زور اغوا ڪري کڻي ڪئي ويا، اهڙو اطلاع حد جي پوليس کي ڏنو پوليس منهنجي ڀيڻ ممتاز خاتون شيخ کي ڪهراڻي سنڌس جي فرياد تي چئن جوابدارن جي مٿان ڪيس داخل ڪري پوليس ٻن جوابدارن عثمان عرف اسامه ۽ غلاب پٽ غلام حيدر کي گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو جڏهن ته ٻه جوابدار دلبر عرف دل ۽ ايوب فرار ٿيل آهن. گرفتار

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

راولپنڊي: ٻه ڇوڪرا ريڙهي تي لاهوري گجريون وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيا آهن

ڏگهڙي شهر ۾ سرڪاري ڍڪ تي قبضي جو خدشو

انگريز دور جو قائم ڪيل سرڪاري ڍڪ کنڊر بڻجي ويو

قبضا مافيا خلاف ڪارروائي ڪري سرڪاري ڍڪ کي بحال ڪيو وڃي: شهري

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي شهر ۾ سرڪاري ڍڪ تي قبضي جو خدشو رولو جانور ۽ شهري ٻئي غير محفوظ.ڏگهڙي شهر ۾ انگريز سرڪار جي دور ۾ قائم ٿيل سرڪاري ڍڪ، جيڪو ڪنهن وقت ۾ جانورن لاءِ محفوظ پناهگاهه هوندو هو اڄ انتظاميه جي نااهليءَ سبب کنڊر بڻجي چڪو آهي افسوسناڪ صورتحال اها آهي ته هاڻي نه رڳو جانور پر انسان به هن شهر ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو5

ڪڪڙ لڳ هٿيارٻندن پاران ڳوٺاڻن کان موٽر سائيڪل ۽ سامان ڦر

3نامعلوم هٿيارٻندن وحيد ڪوهارو ۽ سرفراز کان موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪيو

ڪجهه ڏينهن اڳ به پروهيت خدابخش پير کان نامعلوم هٿيارٻندن موٽر سائيڪل ڦرائي، شهرين ۾ تشويش وڌي وئي

ايس ايس پي دادو موٽر سائيڪل ۽ سامان واپس ڪرائڻ لاءِ فوري ڪارروائي ڪري:متاثر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ لڳ هٿيارٻندن ڦورن پاران ڳوٺاڻن کان موٽر سائيڪل سميت ٻيو سامان ڦر پوليس ڪک پيچي ٻيٺو نه ڪيو ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ ڏينهن ڏٺي جو سخت ڪوهيڙي دوران مين انڊس هاءِ وي روڊ خانپور جوڳيجو مان 3 نامعلوم هٿيارٻند موٽر سائيڪل سوار ڦورن پاران ٻن موٽر سائيڪل سوارن وحيد ڪوهارو ۽ سرفراز کي هٿيارن جي زور تي روڪي انهن کان نئين

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو5

پوليو خاتمو حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: ڊپٽي ڪمشنر

ٽنڊوالهيار ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ قومي انسداد پوليو مهم اجلاس ٿي گذريو

پوليو خطرناڪ بيماري آهي اسان سڀني جو قومي فرض آهي ته عوام ۾ آگاهي پيدا ڪريون

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ پوليو ايريڊيڪيشن ڪميٽي جو اجلاس قومي انسداد پوليو مهم (اين آءِ ڊيز) فيبروري 2026 بابت ڪانفرنس هال ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪو ورده ناياب ، اسسٽنٽ ڪمشنر بابر راهلو ، اسسٽنٽ ڪمشنر چمبڙ حماد علي زرداري ، اسسٽنٽ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو5

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس جي چڙهائي، عورتن ۽ ٻارن تي تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ عرس پلي واسي عبدالرئوف پلي پاتين سميت پاڪ ڪتاب کڻي ابڙان پوليس خلاف احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او ابڙان اٿالا ساڻ ڪري گهر داخل ٿي عورتن، مردن ۽ ٻارڙن تشدد بعد گهر ۾ رکيل روڪ ۽ سامان ٻهاري وير آهي: مظاهرين

صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار، آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي جاچ ڪري انصاف ڪن

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ محمد عرس پلي جي ڳوٺاڻي عبدالرئوف پلي جي گهر ۾ ابڙان پوليس جي ايس ايڇ او نصرالله جانوري وڏا پوليس اٿالا ساڻ ڪري سندس گهر ۾ گهڙي چادر ۽

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

شڪارپور واسي نوجوان پاڻ مٿان فائر ڪري انت آڻي ڇڏيو گهر ۾ ڪهرام

رستم موڙ پاڙي ۾ نوجوان محمد علي گهريلو مسئلي سبب پاڻ کي گولي هڻي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

شڪارپور(ڊ ر) ڪجهه ڏينهن شڪارپور جي نيو فوجداري ٿاڻي جي حد رستم موڙ پاڙي ۾ نوجوان محمد علي گهريلو مسئلي سبب پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪري انت آڻي ڇڏيو واقعي کان پوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن اطلاع ملندي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي مقامي اسپتال آندو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو.

ميهڙ: حادثي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

شادي لارج پرسان بي زبان اٺ تي ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي

ڪلوئي ٿاڻي جي حد ڳوٺ چار پٽڻ ۾ ظالمن اٺ تي حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

ساڃاهه وندن ۽ علائقي واسين جو اعليٰ اختيارين کان جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

شادي لارج(ن ع) شادي لارج ويجهو ڪلوئي جي ڳوٺ چار پٽڻ ۾ ظالمن اٺ کي ڪهاڙين سان حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو ڳنگدام جون اٺ جون رڙيون.ساڃاهه وندن پاران قانون کي حرڪت ۾ آڻي ظالمن کي ڪيفردار تائين پهچائڻ جو مطالبو.شادي لارج ويجهو ڪلوئي ٿاڻي جي حد ڳوٺ چار پٽڻ ۾ هڪ بي زبان ڳنگدام اٺ کي ظالمن سڏيون ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو بي زبان جانور سخت تڪليف سبب رڙيون ڪندو رهيو زخمي اٺ جو مالڪ پورهيت اسحاق لنڊ صحافين کي ٻڌايو ته سنڌس اهو ئي اٺ روزگار جو واحد ذريعو هو جنهن تي هو محنت مزدوري ڪري پنهنجي گهر جو گاڏو هلائي گذر سفر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو5

باقراڻي لڳ ۾ پيرسن جو لاش هٿ آيو سڃاڻپ نه ٿيڻ تي ايڌي رضاڪارن دفنائي ڇڏيو

باقراڻي (ن ع) باقراڻي تعلقي جي ٻقاپور ٿاڻي جي حد اوڍا چوڪ واري علائقي ۾ نامعلوم پيرسن جو لاش هٿ آيو آهي، علائقي واسين لاش ڏسي حد جي ٿاڻي ٻقاپور پوليس کي ڏنو ويو .اهڙي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال کڻائي وئي، لاش پوسٽ مارٽم بعد لاش جي سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب ايڌي رضاڪارن حوالي ڪيو ويو، ايڌي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل 3 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقن ۾ امن وامان جي صورتحال ڪنٽني جوڳي ڪوٽڙي ٿاڻي تي ڦر جو هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪوٽڙي جي خان پور واري علائقي مان ڦر جي ارادي سان بيٺل ڦورو عمران علي شورو، مرتضيٰ ۽ مهتاب شورو کي گشتي پوليس گرفتار ڪري ورتو گرفتار ڦورن وٽان پوليس پسٽل ۽ ڏنڊا هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪري مٿن ڪوٽڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ورتو

ڏگهڙي پرسان ڊاٽسن ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

ٽنڊوجان محمد مين روڊ تي ڊاٽسن ۽ ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڳوٺ حاجي عثمان سمون واسي احمد سمون سخت زخمي ٿيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي پرسان روڊ حادثو مال جو واپاري فوت.تفصيل موجب ڏگهڙي ٽنڊوجان محمد روڊ تي ڳوٺ جلال ابڙينگ اسٽاپ ٽنڊوجان محمد مين روڊ تي ڊاٽسن ۽ ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڊيپلو جي تعلقي ڳوٺ حاجي عثمان سمون جو رهواسي مال جو واپاري 28 ورهين جو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو5

ڏگهڙي: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

شهدادپور ۽ ڀرپاسي بدامني، ڦر ۽ چوري جون ٽي وارداتون، پوليس خاموش

راڻا ٽائون وٽان راجا لاشاري ۽ ملدسي روڊ تان احمد کيري کان موٽرسائيڪلون ڦر

ريلوي ڪالوني واسي نعيم بڙدي جو گهر ٻاهران ٻڌل ٻڪر چور کڻي ويا

شهدادپور(ن ع) شهدادپور شهر جي ملدسي روڊ جي راڻا ٽائون ۾ صبح سان ٻارن کي اسڪول کڻي ويندڙ راجا لاشاري کان ڪان ون ٽو فائيو تي سوار نامعلوم هٿيارٻند ٽئين سي ڊي موٽرسائيڪل روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا ملدسي روڊ تي ڦر جي ٻي واردات ۾ نامعلوم هٿيارٻند ڦورو ڳوٺ خداداد کيري جي احمد کيري کان نئين موٽرسائيڪل روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته شهر جي ريلوي ڪالوني ۾ ڏينهن ڏٺي جو نعيم بڙدي جو گهر ٻاهران ٻڌل ٻڪر نامعلوم چور چوري ڪري کڻي ويا شهدادپور پوليس ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ گشت ڪري ڏوهارين خلاف وڌ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

NDMA - INFRASTRUCTURE ADVISORY & PROJ DEV WING
NATIONAL INFRASTRUCTURE AUDIT PROGRAM

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي پاران ڪرايل اجلاس جو ڏيک

ڄامشورو ضلعي ۾ امن امان خراب هجڻ خلاف نوجوان وڪيل پاران سيشن ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڄامشورو ضلعي ۾ امن و امان واري صورتحال خراب هجڻ خلاف نوجوان وڪيل محمد صادق بليدي سيشن ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي، عدالت طرفان آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا، ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو ايس ايڇ او نوري آباد اياز ابڙو ايس ايڇ او اي سيڪشن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو5

سکر ۾ پنوعاقل واسي ڳوٺاڻن جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڳوٺ ڳاڙڪو واسي اعجاز، غلام حسين ، احمد دين ميراڻي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

علائقي جي بااثر ڪوڙي ڪيس ۾ چار ڄڻن کي گرفتار ڪرائي جيل موڪليو آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي تعلقي پنوعاقل جي ڳوٺ ڳاڙڪو جي رهواسي ميراڻي برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن علائقي جي بااثر مهيسر برادري خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سکر

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم ۾ پوليس عملي جي هيپاٽائٽس اسڪريننگ، 41 اهلڪار متاثر نڪتا

آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي 278 پوليس اهلڪارن جي هيپاٽائٽس اسڪريننگ ڪئي وئي

ٽيسٽ ۾ 36 پوليس اهلڪارن ۾ هيپاٽائٽس سي جي تصديق بعد علاج لاءِ ريفر ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي ايس ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ ۽ ڊي ايڇ او سانگهڙ ڊاڪٽر دولت جمالي طرفان ضلعي اندر پوليس عملي جون اسڪريننگ ٽيسٽون جاري آهن ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي آفيس ٽنڊوآدم ۾ پوليس اهلڪارن لاءِ هيپاٽائٽس اسڪريننگ ڪيمپ قائم ڪئي وئي اسڪريننگ ڪيمپ ڊي ايس پي ٽنڊوآدم مختيار ميمڻ ۽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ڊاڪٽر سيد فضل محمود شاهه جي نگراني هيٺ لڳائي وئي ڪيمپ دوران هيپاٽائٽس اسٽاف ٽنڊوآدم سليم بالادي، سيد ممتاز علي شاهه ۽ وسيم خاصخيلي مجموعي طور 278 پوليس اهلڪارن جي هيپاٽائٽس

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

ڪنب پوليس پاران اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي اغوا ۾ ملوث اشتهاري جوابدار نور احمد سولنگي گرفتار!ايس ايڇ او ٿاڻو ڪنب دوران گشت ڪارروائي ڪندي اشتهاري جوابدار نور احمد سولنگي کي گرفتار ڪيو جنهن مٿان ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل هئا.ياد رهي ته گرفتار جوابدار ٿاڻو راڻيپور جي حد ۾ آديش ڪمار جي اغوا ڪيس ۾ ملوث

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو5

ايس ايڇ او ۽ وچولو امين جوڻيجو صحافين سان بداخلاقي تي سسپينڊ، جاچ جو حڪم

صحافين وفد ايس ايس پي ٿرپارڪر سان ملاقات ڪري حقيقت کان آگاهه ڪيو

ايس ايس پي شعيب ميمڻ ايس ايڇ او کي سسپينڊ ڪري ڊي ايس پي کي جاچ جو حڪم ڏنو

نئون ڪوٽ (ن ع) نئون ڪوٽ قلعو فحش وڊيوز معاملي صحافين سان گارگند ۽ بداخلاقي ڪندڙ ايس ايڇ او ۽ وچولو امين جوڻيجو کي ايس ايس پي ٿرپارڪر سسپينڊ ڪري، جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو خبر موجب ايس ايس پي ٿرپارڪر شعيب ميمڻ صحافين خلاف گارگند ۽ بداخلاقي ڪندڙ ايس ايڇ او ۽ وچولو امين جوڻيجو کي سسپينڊ ڪري جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو نئون ڪوٽ ۽ ملي جي صحافين گڏيل وفد طور ايس ايس پي سان ملاقات ڪري کيس حقيقت کان آگاهه ڪيو ۽ ڪارروائي جو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو5

جنهن ملڪ ۾ راندين جا ميدان آباد هوندا آهن اتي جون اسپتالون ويران هونديون آهن: وڏيرو گل خان ڏيٿو

شهدادپور (ن ع) جنهن ملڪ ۾ راندين جا ميدان آباد هوندا آهن اتي جون اسپتالون ويران هونديون آهن راندين صحتمند معاشري کي جنم ڏين ٿيون نوجوان نسل کي سماجي برائين کان بچائڻ لاءِ راندين کي فروغ ڏيڻو پوندو،اهڙين خيالن جو اظهار شهدادپور جي سماجي شخصيت وڏيرو گل خان ڏيٿو، وڏيرو غلام علي ڏيٿو، شهزاد حسين ڏيٿو پاران مرحوم الحاج محمد ابراهيم ڏيٿو جي ياد ۾ ٽيپ بال ڪرڪيٽ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو5

راڌڻ: مظاهرين ۽ پوليس جي وچ ۾ ٿيل ڇڪرين جو ڏيک

شاهپورچاڪر ۾ ن ليگ اڳواڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪارڪنن اڪبر گل ڪيريو، ساجد چاريڪو، نويد ڏاهري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

حڪمران ڪريل حرڪتون بند ڪن ۽ اڳواڻن تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن: مظاهرين

شاهپورچاڪر (ن ع) سانگهڙ ۾ مخالفن سياسي انتقامي ڪارروائي ڪندي فنڪشنل ليگ جي ڪارڪنن ۽ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي خلاف شاهپورچاڪر مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻن اڪبر گل ڪيريو ساجد علي چاريڪو ، نويد علي ڏاهري راجا عليم منگي ۽ سڄڻ چانگ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب شاهپورچاڪر اڳيان احتجاجي مظاهرو ريلي ڪيئي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حڪمران جي ماڻهن انتقامي ڪارروائي ڪندي فنڪشنل ليگ ۽ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي شديد مذمت ڪيون ٿا ضلعو سانگهڙ حرن جو قلعو آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو5

ڄامشورو ۾ فن، طاقت ۽ پدرشاهي تي بحث، عورتن ۽ ٻارن تي ٿيندڙ گهرو تشدد روڪڻ جو مطالبو

سينٽر فار پيس اينڊ سوسائٽي پاران سنڌالاجي جي آڊيٽوريم ۾ فڪري ويهڪ ڪوٺائي وئي

عورتن توڙي ٻارن تي تشدد روڪڻ لاءِ رياست پاران جوڙيل قانون تي فوري طور تي عمل ڪرايو وڃي: اڳواڻ

فائن آرٽس جي شاگردن پاران گهريلو تشدد، طاقت، لچڪ ۽ ناانصافي جي عڪاسي بابت نمائش لڳائي

ڄامشورو (رپورٽ: عرفان برڪت) ڄامشورو ۾ فن، طاقت ۽ پدرشاهي تي هڪ دلچسپ بحث ڪرايو ويو جنهن ۾ ساڃاهه وندن گهر ڪئي ته عورتن توڙي ٻارن تي ٿيندڙ گهرو تشدد کي روڪيو وڃي ۽ رياست پاران جوڙيل قانون تي فوري طور تي عمل ڪرايو وڃي سينٽر فار پيس اينڊ سوسائٽي پاران سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي انسٽيٽيوٽ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

نيوسعيدآباد: رئيس نظير احمد راهو پاران سنڌ جي وڪيلن جي اعزاز ۾ آجياڻو

سنڌ بار حيدرآباد بار مٽياري بار ۽ نوابشاهه بار ڪائونسلز جي وڪيلن شرڪت ڪئي

رئيس نظير احمد راهو وڪيل اڳواڻ اياز تنيو کي پڳ ٻڌائي لونگيون اوڍايون ويون

نيوسعيدآباد (ت ر) سينئر سياستدان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ رئيس نظير احمد راهو پاران سنڌ بار حيدرآباد بار مٽياري بار ،نوابشاهه بار ڪائونسلز جي وڪيلن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو نيوسعيدآباد جي ڳوٺ شهمير راهو ۾ آجياڻي واري تقريب ۾ نامور اديب، شاعر

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5

ٺٽو: ڊسٽرڪٽ جيل ۾ قيدي علي بخش ملاح جي پراسرار موت وارو معامرو

ٺٽي عدالت ۾ ٻڌڻي، پوسٽ مارٽم آفيسر ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ 15 جنوري تي رپورٽ طلب

قيدي جو موت آپگهات سبب ٿيو حتمي پوسٽ مارٽم رپورٽ اڃا جاري ناهي ٿي: ايس ايڇ او

ٺٽو (ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ۾ قيدي علي بخش ملاح جي پراسرار موت وارو معاملو سيشن جج ٺٽو جي عدالت جيل سپرنٽينڊنٽ ۽ پوسٽ مارٽم ڪندڙ ميڊيڪل آفيسر کي 15 جنوري تي رپورٽ طلب ڪري ورتو فوتي قيدي علي بخش ملاح جي موت واري معاملي تي فريادي جاويد ميربحر طرفان ٺٽي جي نوجوان وڪيل قربان هالو معرفت قيدي جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: سنڌو درياهه ڪناري ٻارڙا پٿرن سان راند ڪيڏي رهيا آهن

خيرپور ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ سخت ڪوهيڙو ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر حد نگاهه زيرو تي پهتل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۽ آس پاس جي علائقن ۾ سخت ڪوهيڙو قومي شاهراهه توڙي مختلف روڊن تي ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي وئي آهي جڏهن ته حد نگاهه زيرو تي پهتل آهي جڏهن ته تيز هوائون گهلڻ ڪري ٿڌ وڌي وئي جنهن ڪري عام زندگي متاثر ٿي

خيرپور پوليس جو وياج خورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، وڌيڪ ٻه ڄڻا گرفتار

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جو وياج خورن خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ 2 وياج خور گرفتار هڪ هفتي اندر 20 کان وڌيڪ وياج خور گرفتار ڪيس داخل ان ڏس ۾ ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٻڌايو ته خيرپور جي وياج خورن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي وڌيڪ ٻن وياج خورن فرحت آرائين ۽ حسيب ميمڻ کي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.